س.ا.س سٽي سکربات ڪام

منهنجو ساگر منهنجو ساحل

سفرنامو

الطاف شيخ

ڊجيٽل پبلشر

سنڌي ادبي سنگت

شاخ سٽي سکر سنڌ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

منهنجو ساگر منهنجو ساحل

الطاف شيخ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پہ لفظ

محترم دوستو.....!

السلام عليڪم

اداري، سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر ستيءَ طرفان اوهان جي لاءِ، جڳ مشهور شخصيت، (جنهن کي سنڌ جو ابن بطوطہ چئجي تہ نهايت بهتر ٿيندو) محترم الطاف شيخ جا سفرناما ۽ ٻيا ليک پيش ڪجن ٿا.

اسان محترم الطاف شيخ صاحب جا تمام گهٽا ٿورائتا آهيون جن جي اجازت ۽ تعاون سان اهي ڪتاب ٿوري آئوٽ لوڪ جي ايڊيٽنگ سان (ڪتاب جي متن ۾ ڪابہ تبديلي نہ ڪئي وئي آهي، صرف ويب سائيٽ تي آڻڻ لاءِ ان جي آئوٽ لوڪ کي خوبصورت بڻايو ويو آهي) اوهان تائين پهچائي سگهيا آهيون. ان کان علاوه ڪتاب جي پبلشر وغيره جا نالا، سندن مالڪي حقن سبب نہ ڏنا ويا آهن. صرف ليکڪ جي اجازت سان سندس ليک ڏنو ويو آهي.

محترم دوستو!.. اسان اُميد ٿا ڪريون تہ اوهان پنهنجي راءَ کي پاڻ تائين محدود نہ ڪندا، ڇا ڪاڻ تہ اوهان جي اها راءَ ئي اسان جي جياپي جو ڪارڻ آ. وڌيڪ بهتري آڻڻ لاءِ ضرور راءِ ڏيندا .

ساڻ سلامت

مهرباني

اوهان جي مشوري جو منتظر

عبداللطيف انصاري

شمس آباد سکر سنڌ

فون: 0333.7146119

اي ميل ؛ abdullateefansari@yahoo.com

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

انتساب

اقبال ترڪ نالي

اقبال ترڪ سان منهنجو ساڻ 1961ع کان هلندو اچي جڏهن هو جهانگارا باجاره کان ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ آيو. پاڻ سندس جو ذهين شاگرد، قابل آفيسر، سٺو دوست ۽ اعليٰ انسان آهي. هو هڪ محنتي، حقيقت پسندانه ۽ ڳوڙهي سوچ سمجهه رکندڙ آهي ۽ گهڻ ۾ گهڻ منهنجي نظر ۾ هڪ دانشور جي حيثيت رکي ٿو. جن ٿورن ماڻهن مونکي بيحد متاثر ڪيو، اقبال ترڪ انهن مان هڪ آهي.

پاڻ انٽر سائنس ۾ سڄي بورڊ ۾ پهريون نمبر آيو ان بعد NED ڪاليج ڪراچيءَ مان سول انجنيئرنگ ۾ B.E ڪيائين. M.Egg. اسٽرڪچر ۾ بئنڪاڪ (ٿائليند) مان ڪيائين. يوڪوهاما (جپان) مان Port & Harbour جي انجنيئرنگ ڪيائين. نوڪريءَ خاطر 1973ع کان 1975ع تائين سندس يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جامشورو جو اسسٽنٽ پروفيسر ٿي رهيو ان بعد پورٽ قاسم اٿارٽي ۾ آيو جتي 1989ع تائين آخري پوسٽ ڊپٽي جنرل مئنيجر ٿي رهيو. اڇڪلهه ڪورنگي فشريز هاربر اٿارٽي جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر آهي. ڪيس چار ٻار: عامر (ڪنسٽرڪشن انجنيئرنگ ۾ M.E)، هما (آرڪيٽيڪٽ انجنيئر B.E)، عاصم ۽ عادل آهن. ڀاڄائي حبيبه (قاضي عبدالمجيد عابد ۽ آپا شمس عباسي جن جي ڀاڻيجي)، سندس جي پهرين سنڌي انجنيئر عورت آهي. پاڻ اقبال سان گڏ 1969ع ۾ ساڳي ڪاليج NED مان سول انجنيئرنگ ڪئي. اقبال جي جم جي تاريخ 15 جنوري 1948ع آهي.

الطاف شيخ

آڪٽوبر 1997ع.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

فهرست

1	ليڪڪ پاران (ويب چاپي لاءِ)	7
2	ليڪڪ پاران	10
3	جهاز بابت ڪجهه ڄاڻ	19
4	عربي سمنڊ ـ 1	29
5	عربي سمنڊ ـ 2	33
6	خليج بنگال	36
7	ڪولمبو (سلون)	42
8	چٽگانگ	48
9	لفٽنسا ايئرلائن	54
10	تصويرون	62
11	اسپلٽ (يوگوسلاويا)	75

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليڪڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

12	طرابلس (لبنان)	83
13	بَحر اسود (ڪارو سمنڊ)	96
14	اوڊيسا (روس)	104
15	ڪانسٽنزا (رومانيا)	112
16	ورنا (بلغاريا) ـ 1	122
17	ورنا (بلغاريا) ـ 2	134
18	ادارڪٽڪ سمنڊ	143
19	لاس پاماس (ڪَناري ٻيٽ)	148
20	ممباسا (ڪينيا)	157
21	دبئي (عربي گلف)	165

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ليکڪ پاران (ويب چاپي لاءِ)

"منهنجو ساگر منهنجو ساحل" منهنجو پهريون سفرنامي جو ڪتاب آهي جيڪو اڄ کان چاليهه سال کن اڳ 1969ع ۾ سهڻي پبليڪيشن جي مالڪ طارق اشرف ڇپرايو. هن ۾ منهنجي 1968 وارن سفرن جو مختصر احوال آهي جڏهن مون مئرين انجنيئرنگ جي پنجن سالن جي تعليم مڪمل ڪري ففٽ انجنيئر جي حيثيت سان "ايم. وي. اباسين" نالي پهريون جهاز Join ڪيو. ان بعد هوائي جهاز رستي يوگوسلاويا پهچي، اتي اسان جي جهازران ڪمپني لاءِ نهيل نئين جهاز "ايم. وي سندربن" تي چڙهيس.

هن سفرنامي جا، مختلف پبلشرن طرفان، ٽي چار چاپا نڪري چُڪا آهن.

هن تازي اليڪٽرانڪ چاپي جي ڪمپوزنگ ۽ سيٽ اپ، سکر جي نوجوان پروفيسر ۽ انٽرنيٽ ۽ ويب جي جاڻو عبداللطيف انصاري صاحب ڪئي آهي، جنهن جي پروف ريڊنگ ڪندي هن وقت پنهنجون لکيل اڌ صدي کن اڳ جون ڳالهيون دلچسپ ۽ عجيب لڳن ٿيون، جڏهن آئون 65 سالن جو پوڙهو نه پر 24 سالن جو نوجوان مئرين انجنيئر هوس. دنيا اڄا ايڏي ترقي نه ڪئي هئي پر تڏهن به اسان جو ملڪ پاڪستان، گهٽن ملڪن کان بهتر، تعليم يافته، سڌريل ۽ مادرن هو. اسان جي ملڪ کي نه فقط جهاز ران ڪمپني، هوائي ڪمپني ۽ مشهور تعليمي ادارا اهڙا پر انهن جي ڪارڪردگي به بهتر هئي. ڪيترن سالن بعد سريلنڪا، ملائيشيا ۽ سنگاپور جهڙن ملڪن ۾ اهي شروع ٿيا جن کي اسان جي پاڪستانين شروع ڪرايو. آمريڪي ڊالر سرڪاري توڙي غير سرڪاري طور اسان جي چئن روپين برابر هو.

هتي اهو به لکندو هلان ته انهن ڏينهن ۾ اسان جي ملڪ جي ڪيترين ئي شين جو دنيا ۾ مثالنهون مان هو. اڄ جي پڙهندڙن کي شايد حيرت لڳي، پر اها

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

حقيقت آهي تہ انهن ڏينهن ۾ اسان جي ملڪ جي سوٽي ڪپڙي ۽ ڪاٽن جو دنيا ۾ وڏو ڪاپو هو. اسان جي ملڪ جي ڪنڊ ۽ چانور ايڏو سرپلس ٿيا ٿي، جو جهاز پري باهرين ملڪن ڏي وڪرو ڪيا ويا ٿي. اسان جي ملڪ جي مڇي ۽ گانگٽن جي پٽ وڏي هاڪ هئي ۽ 1968 کان پوءِ بہ ڪيترا سال اسان جا جهاز ڪپهہ، ڪپڙي، ڏاڪي، چانورن، مڇي ۽ گانگٽن سان پرجي ڏور اوير جي ملڪن ۽ يورپ ڏي ويا ٿي ۽ اسان جي ملڪ پرڏيهي ناڻو ڪمايو ٿي. ٿائلنڊ، هانگ ڪانگ، سنگاپور ۽ ملائيشيا جهڙا ملڪ جيڪي اڄ يورپي ملڪ لڳن ٿا، 1968 ۾ اسان جي ملڪ جي مقابلي ۾ جڻ ٻهراڙيءَ جا ڳوٺ هئا، جڏهن اتي نہ ايتري ٽيڪنالاجي عام ٿي هئي ۽ نہ ڪي بهتر هائيجنڪ حالتون هيون. انهن ڏينهن ۾ اڄان بنگلاديش پاڪستان هو. ملڪ جو حاڪم فوجي ڊڪٽيٽر ايوب خان هو. فلمي دنيا ۾ اميتاب بچن اڄان عام نہ ٿيو هو. بالي ووڊ ۾ شمي ڪپور چانئيل هو جنهن جو ذڪر هن ڪتاب جي آخري ڇاپي ۾ 'ليڪڪ پاران' واري عنوان هيٺ ڪري ڇُڪو آهيان. سرڪاري ٽي.ويءَ تان فقط اڌ ڪلاڪ سنڌي پروگرام نصيب ٿيندو هو. روبينا ۽ محمد يوسف ٽاپ جا ڳائڻا هئا ۽ هاڻ مائي ياڳيءَ کي ريڊيو تي ڳائڻ جو موقعو ڏنو پئي ويو. ڪراچيءَ جي صدر ۾ وجبو هو تہ شمشيرالحيدريءَ جي آفيس ۾ چانهہ پيئبي هئي جيڪو نئين زندگي رسالي جو ايڊيٽر ٿيو هو. هڪ ڏينهن سندس آفيس مان اتي سامهون فوٽوگرافر وٽ امرجليل، عبدالڪريم بلوچ، تاج بلوچ ۽ مون هڪ گروپ فوٽو ڪيرايو هو. ان جون اسان 12 ڪاپيون ٺهرايون هيون. ڪنهن وٽ اها ڪاپي هجي تہ مون ڏي ضرور E-Mail ڪري.

ڪراچيءَ ۾ زينب مارڪيٽ وٽ ميوزيڪل فائونٽين لڳل هو جنهن مان پاڻي نڪرڻ تي ميوزڪ وڄي ٿي۽ رات جو رنگين بتيون. هي ڦوهارو 1966 ۾ لڳايو ويوهو جنهن کي ڏارين ملڪن جا ماڻهو ڏسڻ ايندا هئا. ڪوالالمپور ۾ اهڙو ڦوهارو 1991 ۾ لڳو ۽ اڄان تائين قائم آهي ۽ اسان وٽ لڳل ڦوهاري کي پنهنجن ئي ماڻهن چئن پنجن سالن اندر پيڇي ڇڏيو. 1968 ۾ جڏهن منهنجي جهاز ڪراچي بندرگاهہ پئي ڇڏيو تہ ڪراچيءَ ۾ حبيب بئنڪ جهڙي 25 ماڙ ڊگهي عمارت هئي. سنگاپور ۾ 1972 ۾ ٽماڙ عمارت پيپلس پارڪ نالي ٺهي هئي. ڪراچيءَ جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليڪڪ وٽ محفوظ

ڪيترين ئي عمارتن ۾ لفٽون هونديون هيون استيٿ بئنڪ جي عمارت ۾ ته اسڪاليٽر به هو، جن شين جو اڄان ڪيترن ملڪن ۾ تصور به نه هو. ڏٺي هڪ نارو شاهه جهڙو ڳوٺ هو، جنهن ۾ هاڻ بجلي آئي هئي نه ته ان کان اڳ اتي رهندڙ مورج منگهناڻي جهڙا واپاري گهر جي استعمال لاءِ گاسليٽتي هلندڙ ريفريجرير انگريزن جي ڪالوني 'عدن' مان گهرائي استعمال ڪندا هئا. بهرحال هي منهنجو سفرنامو ان تناظر ۾ پڙهيو وڃي ۽ هڪ نوجوان تازو گريجوئيٽ شاگرد جو ئي لکيل سمجهيو وڃي جنهن کي ڪا علم، ادب، سياست، سماجي تحريڪن ۽ تاريخ جي ڪا خاص ڄاڻ نٿي رهي. سو ظاهر آهي توهان کي ان اندر ڪيتريون اوڻايون پوڻايون، پاراڻيون ڳالهيون ۽ بيوقوفيون به نظر ايندیون.

بهرحال هي ڪتاب 'منهنجو ساگر منهنجو ساحل' منهنجي سفرنامن جي ڏگهي ڏاڪڻ جو پهريون ڏاڪو آهي.

سائين عبداللطيف انصاريءَ جو ٿورائتو آهيان جنهن پڙهندڙن لاءِ منهنجي هن ڪتاب کي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ آندو آهي.

الطاف شيخ
16 فيبروري 2009، ڪراچي
E_Mail: altafshaikh2005@gmail.com

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ليکڪ پاران

هن ڪتاب (منهنجو ساگر منهنجو ساحل) ۾ منهنجا سڀ کان پهريان سفر آهن جيڪي 1968ع تائين ٽيل آهن يا وڌ ۾ وڌ 1969ع جي شروعاتي مهينن تائين يعني اڄ ان کي ٽيهارو سال اڇي ٽيا آهن. انهن ٽيهن سالن ۾ دنيا جي گولي تي نه فقط سياسي ۽ معاشي تبديليون آيون آهن پر سائنس جي ترقي ۽ مختلف ايجادن ڪري دنيا جو نقشو ئي ٻيو ٿي ويو آهي. 1968ع تائين ٿي وي، وي سي آر، سئٽلائيٽ چئنل ته اڃا عام نه ٿيا هئا پر 'Transistorized ڪئسيٽ ريڪارڊر' به ڪٿي ڪٿي نظر آيو ٿي. ريڊيو ۽ گراموفون عام هو. هوائي جهازن جي لهڻ چڙهڻ يا پاڻيءَ جي جهازن تي وچ سمنڊ ۾ رستو ڳولڻ يا دنيا جي گولي تي پنهنجي پوزيشن معلوم ڪرڻ لاءِ پراڻا طريقا هئا. يعني Sextant جهڙا اوزار ڪٽي، ڏينهن ۾ ٽي ٽي چار چار دفعا سج، چند ۽ تارن جي چرپر جو حساب ڪري، ٽرگنامينٽري جي آڌار تي، لاگ بڪ ذريعي، وڏيون وڏيون ضربون ۽ ونڊون ويهي ڪبيون هيون. پوءِ ڏهه پندرهن ميل هيڏانهن يا هوڏانهن ته جڻ خير جهڙي ڳالهه هوندي هئي. اڄ نه فقط Navigational ڪئلڪيوليٽر ۽ لوڊنگ ڪمپيوٽر آهن پر Satellite نيويگيٽر جهڙن شين پائلٽ ۽ نيويگيٽر جي زندگي آسان ڪري ڇڏي آهي. اڳ ۾ ويهه پنجويهه هزار ٽن جهاز به وڏي ڳالهه سمجهيو ويندو هو جنهن کي جيٽي (ڏڪي) سان لڳي بيهڻ لاءِ جدي، دوحا، دبئي جهڙن انيڪ بندرگاهن ۾ سنو بندوبست نه هو. اڄ نه فقط به ٻه ٽي ٽي لک ٽن جا ٽئنڪر، سپر ٽئنڪر، ULCC ۽ VLCC جهاز عام ٿي ويا آهن پر ان سان گڏ بندرگاهه پڻ اوترائي مادرن ٿي ويا آهن، جتي اهي جهاز آرام سان بيهي سگهن ٿا ۽ کين هر سهوليت مهيا ٿي ملي ٿي. بهرحال هي سڀ ڪجهه باربار ان ڪري لکي رهيو آهيان ته هنن سفرنامن کي اڄ جي تناظر ۾ پڙهڻ نه ڪيو پر هروقت اهو ڏيان ۾ رکي پڙهجي ته هي سفر ٽيهه سال کن اڳ جا آهن. منهنجي عمر پڻ ان وقت ٽيويهه چوويهه سال

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪن هئي ۽ ڪيتريون ئي ڳالهيون جيڪي ان وقت لکيون اٿم اڄ انهن مان ڪي بيوقوفيءَ جون نہ ڪٽي تہ عجيب ضرور لڳي رهيون آهن. ٻيو تہ نهيو اڄ ٿي ويءَ تي فلم 'جانور' جو رفيع جو ڳايل ۽ شمي ڪپور تي فلمايل گانو: 'تم سي اچها کون هي ــ دل و جگر لو جان لو' ڏسي تعجب ٿو لڳي تہ منجهس تہ ڪو افعال ئي نہ هو. نہ ائڪٽنگ جو نہ شڪل شبيهہ جو. پر تن ڏينهن ۾ اجا راجيش کنہ نہ آيو هو(جيڪو پوءِ اندو پاڪ جي نوجوانن جو هيرو ٿيو) ۽ نہ اميتاب بچن ۽ ٻيا هئا. ان دؤر ۾ اسان ٻہ ان چرئي شمي ڪپور وانگر سينو کولي، وات چٻو ڪري، ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي طرابلس، ممباسا، ڊڪار، لاس پاماس جهڙن بندرگاهن تي، رات جو دير سان موٽڻ مهل، زور زور سان ڳائيندا هئاسين: "ہو ! تم سے اچھا کون ہے"

سو ڳائڻ مهل پاڻ کي شمي ڪپور تصور ڪندا هئاسين ۽ دنيا جي هر چوڪريءَ کي وحيده رحمان، شرميلا ٽئگور ۽ وجنتي مالا سمجهندا هئاسين ـ جيڪي هاڻ اسان وانگر نانيون ڏاڏيون ٿي ويون آهن. ڪي تہ مري ڪپي ٻہ ويون.

بهرحال منهنجي هن پراڻي سفرنامي ۾ ڪي ڳالهيون تہ پليون ٻہ لڳي رهيون آهن ۽ پڙهڻ سان اهو مزو اچي ٿو جيڪو سالن بعد پنهنجي ڊائري پڙهڻ سان. تنهن وقت جي دوستن ۾ ڏکين سکين ڏينهن جون ڳالهيون ويچاري عجيب خوشي محسوس ٿئي ٿي. ڪٿي ڪٿي ڳالهہ کي ادبي، صحافتي ۽ افسانوي رنگ ڏيڻ لاءِ جيڪا ان وقت محنت ڪئي اٿم ان لاءِ پنهنجو پاڻ کي داد ڏيان ٿو. بهرحال هن سفرنامي کي پڙهڻ مهل اڄ کان ٽيهارو سال اڳ جي دنيا ۽ ليکڪ جي سوچ، رسم رواج ۽ Values جو ڏيان ۾ رکڻ ضروري آهي.

هر ڳائڻي، آرٽسٽ ۽ ڪلاڪار وانگر ليکڪ جي پيري پڻ اچي ٿي ۽ سندس ڪلا جو زوال پڻ. مونکي لڳاتار لکندي پنجٽيهہ سال کن اچي ٿيا آهن ۽ هاڻ هروقت پنهنجو ليک / ڪالم اخبار ۾ ڏيندي پبلشر کان ورائي ورائي پڇندو آهيان تہ دوستي ياريءَ کي پاسي تي رکي رڳو ان خيال کان چاپجو تہ ڪو پڙهڻ چاهي ٿو يا نہ. جيڪڏهن نہ تہ پوءِ کو ضروري ناهي تہ منهنجو ڪو ليک يا ڪتاب چيپو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ساڳيو سوال ڪجھ مھينا اڳ منھنجو نئون ڪتاب ’اي رود ٽ مدينا‘ (سعودي عرب جوسفرنامو) ڇپجڻ تي مون فيروز ميمڻ (پبلشر) کان ڪيو.

”ماڻھو اجا شوق سان تنھنجا سفرناما پڙھن پيا،“ ھن وراڻيو، ”۽ نہ فقط ھي نئون سفرنامو پر ڪجھ پراڻن سفرنامن جي ھڪ عدد وڌيڪ Edition ڪڍڻ چاھيان ٿو.“

”بھرحال تنھنجي مرضي. نفعي نقصان جو تون ئي مالڪ آھين.“ مون وراڻيو.

۽ انھن سفرنامن مان ”منھنجو ساگر منھنجو ساحل“ پڻ آھي. جنھن جا پروف ڈسڻ جو ڪم ھن منھنجي حوالي ڪيو آھي. انھيءَ بھاني مونکي پڻ پنھنجو ڪتاب ھڪ دفعو وري پڙھڻ جو موقعو مليو آھي. ھي ڪتاب منھنجن پراڻن سفرنامن مان پھريون آھي، جنھن جو ھي چوٿون ڇاپو ھن سال 98 ـ 1997ع ۾ اچي رھيو آھي. ھي ڪتاب يا سفرنامو دراصل خطن جي روپ ۾ آھي. پنھنجي شروع جي ساموندي سفرن جو ڳالھيون ۽ تجربا جيڪي دوستن کي لکندو ھوس. اھي عبرت اخبار ۾ ڇپرايا ويا ۽ مرحوم قاضي عبدالمجيد عابد صاحب (جنھنجو فرزند مرحوم اظھر عباسي ’گل‘ ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ منھنجو ڪلاس ميٽ ھو) مون کي اھا صلاح ڏني تہ ٻين کي خطن لکڻ بدران عبرت اخبار کي موڪلينڈو رھان. اھڙي طرح ھر ھڪ کي ڏار ڏار لکڻ کان بچي ويندس. ٽپال خرچ ھڪ طرف بچندو تہ وقت ٻئي طرف. ساڳي وقت نہ فقط منھنجا دوست پر ٻيا پڻ منھنجي سفر جون ڳالھيون پڙھي سگھندا.

اھڙي طرح منھنجي شروع جي سفر جون ڳالھيون خطن جي روپ ۾ عبرت اخبار ۾ ڇپيون رھيون. ان بعد انھن اخباري ليکن کي گڏ ڪري مرحوم طارق اشرف سھڙي پبليڪيشن طرفان 70 ـ 1969ع ڏاري ھي ڪتاب ڇپرايو جنھن تي ان ئي سال رائٽرز گلڊ طرفان انعام ملي. اھڙي طرح مون ۾ پنھنجن سفرن بابت لکڻ جو شوق وڌيو. ساڳي وقت مون لاءِ مجبوري بہ ھئي. مجبوري اھا تہ ڏکھن ساموندي سفرن ۾ جتي ڇھ ڇھ مھينا پڻ لڳي ويا ٿي، سمنڊ تي وقت

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

گذارڻ لاءِ لکڻ پڙهڻ مون لاءِ بهترين هابي هئي. اهڙي طرح منهنجي لکڻ جهڙي شوق جي همت افزائي ٿي.

هن ڪتاب ۾ بيان ڪيل سفر جيڪي 1968ع واري سن جا آهن، جڏهن يوگوسلاويا ۾ گوشت ويهين روپئي سير هو جنهن لاءِ تعجب مان لکيو اٿم تہ اتي تمام گهٽي مهنگائي آهي. انهن ڏينهن ۾ پاڪستان ۾ شايد ستي اٺين روپئي سير هجي. بهرحال هاڻ ٽيهارو سال بعد اڄ دنيا جي گولي تي ڪيتريون ئي سياسي، معاشي، اخلاقي تبديليون اچي چڪيون آهن. بمبئي ممبئي ٿي ويو آهي، مئڊاگاسڪر ملاگاسي ٿي وري مئڊاگاسڪر ٿي ويو آهي. اڄ روس ۽ مارشل ٽيٽو جو يوگوسلاويا نہ رهيو آهي. مشرقي پاڪستان بنگلاديش ٿي چڪو آهي. ڊالر جي قيمت چئين روپئي مان چڙهي چاليهن روپين کان بہ مٿي وڃي بيٺي آهي. ان ڪري اڄ جي پڙهندڙن کي ڪپي تہ پڙهڻ وقت اڄ جو دؤر نہ پر اڄ ڪان ٽيهارو سال ڪن اڳ جو زمانو ڏيان ۾ رکي پڙهن جڏهن آءٌ چوونجاهہ سالن جو نہ پر چوويهن سالن جو هوس. سچ تہ ان وقت جا لکيل منهنجا ئي هي خط ۽ انهن ۾ ڏنل تکا ۽ ترش ريمارڪ، پنهنجا ٿاڦيل رايا ۽ اوٽ پٽانگ جون ڪي ڪي ڳالهيون، اڄ پڙهي مون کي اجائي سجائي بڪ لڳي ٿي. حق تي انهن ڏينهن ۾ (جڏهن هي عبرت اخبار ۾ ڇپيا هئا) منهنجو والد ڪڏهن ڪڏهن مون تي ڪاوڙ ڪندو هوتہ انهن ۾ ڪهڙو ادب آهي ۽ ڪهڙو علم. پر آئون پنهنجي ۾ مگن رهندو هوس. جيڪي دلچسپ لڳو ٿي لکندو رهيس ۽ اڄ تائين لکندو اچان.

چوٿو (پاڻ) صديءَ کان مٿي جي زماني جا هي سفرنامہ اڄ جي مادرن دؤر ۾ (جڏهن T.V ۽ Travel جا انيڪ رسالا نڪرن ٿا) شايد دلچسپ نہ لڳن پر ايترو ضرور آهي تہ هي پراڻا سفرنامہ اڄ جي دؤر کي پيٺڻ لاءِ سڀني Comparative Study مهيا ڪري سگهن ٿا.

منهنجي هن سفرنامي (۽ هڪ ٻن ٻين ۾ بہ) ريڊيو اسٽيشن سلون جو ذڪر ٿيل آهي. 1970ع تائين اها ريڊيو اسٽيشن نہ فقط ننڍي ڪنڊ (بنگلاديش، انڊيا ۽ پاڪستان) ۾ بيحد مقبول هئي پر ڏور اوير توڙي وچ اوير جي عرب ملڪن ۾ پڻ ـ جتي جتي اسان جا ماڻهو رهيا ٿي. انهن جي گهرن ۾ اها اسٽيشن گونجي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿي. ان اسٽيشن تان ٿي ڪلاڪ ڪن صبح جو ۽ اهڙا ٿي چار ڪلاڪ شام جو هندستاني فلمن جا مشهور پراڻا ۽ نوان گانا، فلمي کهاڻيون، لطيفا، فرمائشي گانا، اشتهار ۽ ٻيا مزيدار پروگرام آيا ٿي ـ جن مان هڪ بناڪا گيت مالا ۾ هو جنهن جا آڊيو ڪئسٽ اڄ ۾ مشهور آهن. ريڊيو اسٽيشن جي ڪمائي اشتهارن مان ٿئي ٿي. خاص ڪري ائسپرو، ساريدان، ڪئڊبري بورن ويٽا ۽ فلمن جون Ads گهڻيون هلنديون هيون. هي اهو زمانو هو جڏهن اڄا ٿي وي ايتري مشهور نه ٿي هئي پر ريڊيو اسٽيشن ۾ تمام گهڻ هيون جن تي گانن جهڙا پروگرام اڄا ۾ گهڻ آيا ٿي. F.M ريڊيو اسٽيشن جو ته نالو نشان ۾ نه هو. پاڪستان ـ مغربي توڙي مشرقي (هاڻ بنگلاديش) ۾ ريڊيو اسٽيشن جي اڄا ۾ اٽاڻ هئي. انڊيا ۾آل انڊيا ۽ آڪاش واڻي جهڙيون ريڊيو اسٽيشنيون مشهور هيون پر اهي ايترو طاقتور نه هجڻ ڪري فقط انڊيا ۾ يا پاڪستان جي ڪجهه حصن ۾ ٻڌيون ويون ٿي. ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اهي اسٽيشنيون ۾ اسان وٽ وڏي شوق سان ٻڌيون ويون ٿي پر ريڊيو سلون طاقتور هجڻ ڪري جتي ڪٿي ٻڌڻ ۾ آيو ٿي. روزانو صبح جو ساڍي ڇهين بجي ريڊيو سلون جو هندي (اڙدو) پروگرام شروع ٿيندو هو. پهريان پندرهن منٽ هندي فلمن جي گانن جو ڏنون بانسري، ٻئنجو، شرنائي، هارمونيم، ڪٽار يا ڪنهن ٻئي Musical Instrument تي ٻڌايون ويندیون هيون ان بعد پندرهن منٽن لاءِ ڏرمي گانا يا ڀڃنون هلنديون هيون. ان بعد ستين ڪان ساڍي ستين تائين پراڻين فلمن جا گانا هلندا هئا ان بعد سوا اٺين تائين نين فلمن جا فرمائشي گانا ۽ ان بعد ٻيا پروگرام. ڏهاڙيءَ جي روٽين اهڙي ته ٻڌل هئي جو ماڻهو گهڙيال جا ڪانٽا ڏسڻ بدران ريڊيو سلون جي پروگرام مطابق تيار ٿي اسڪول ڪاليج يا آفيس ويندا هئا. پراڻين فلمن جا گانا ختم ٿيڻ معنيٰ ڪتابن جو ٿيلهو ڪٽي اسڪول ڏي نڪرڻ نه ته اسيمبلي ڪي دير ٿي ويندي.

آئون ڏهن سالن ڪن جو ۽ ڪلاس چوٿين ۾ هوس ته مون ريڊيو سلون ٻڌڻ شروع ڪيو. اهو 1954ع جو سال هو. اسان جي پاڙي جي هڪ گهر ۾ رهندڙ مائٽ فتح محمد شيخ جي گهر ريڊيو آيو هو جتي اسين 'بناڪا گيت مالا' باقاعدگيءَ سان ٻڌندا هئاسين. سال ٻن بعد اسان جي گهر ۾ ريڊيو آيو ۽ سلون جا ٻيا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پروگرام ۾ بڈڻ جو موقعو مليو. انهن ڏينهن ۾ ٽي وي، وي سي آر يا بي ڪا وندر نه هئي. ڳوٺ ۾ ته نه سئنيما هال هئا ۽ نه پارڪ ۽ نه Playing گرائونڈ. ريڈيو هڪ اهم وندر هئي جنهن تي خبرن لاءِ BBC ۽ گانن لاءِ ريڈيو سلون جي اسٽيشن مشهور هئي. نه رڳو اسان جي ڳوٺ ۾ پر پوءِ ڪجهه سالن بعد ڪئڈٽ ڪالیج پهتس ته اتي به مڙني ڪئڈٽن جي دلپسند ريڈيو اسٽيشن سلون هوندي هئي. خاص ڪري آچر جو ڏينهن ريڈيو اڳيان گذرندو هو. دل چوندي هئي ته ڪاش پنهنجي ڪمري ۾ ريڈيو هجي ته هاسٽل جي ريڈيو روم جي مقرر وقتن کان علاوه به بڈجي. تن ڏينهن ۾ ٽرانسسٽر ريڈيو اڃا نه ايترو عام ٿيو هو ۽ نه وري ڪوسستو هو. منهنجي هڪ ڪلاس ميٽ، ڳوٺ وليد لاڙڪاڻي جي اختر عباسي ڪي ريڈيو سلون بڈڻ جو شوق مونکان به گهٽو هو ۽ جڏهن سندس والده (ڊاڪٽر مسز اشرف عباسي) پيٽارو ايندي هئي ته هو هميشه ريڈيو جي فرمائش ڪندو هو ۽ موٽ ۾ هوءَ ڪيس اڃا وڌيڪ پڙهڻ ۽ محنت ڪرڻ جون نصيحتون ڪري هلي ويندي هئي. ڊاڪٽر مسز اشرف عباسي سنڌ جي انهن محنتي ۽ ذهين عورتن مان آهي جن امتحانن ۾ هميشه پوزيشن کنئي. پاڻ انٽر بعد پڙهڻ ڇڏي ڪجهه سال هائوس وائيف ٿي رهي پر پوءِ حاجي منور ۽ اختر جي جمڻ بعد وري تعليم جاري رکيائين ۽ نه فقط ڊائو ميڈيڪل ڪاليج مان ڊاڪٽري ڪيائين پر هر وقت اعزازي نمبر ڪنيائين. ساڳئي ريت سندس فرزند ۽ اسان جو ڪلاس ميٽ اختر علي عباسي انٽر سائنس ۾ سڄي بورڊ (يعني سنڌ) ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ آيو. ڪيس سندس والده ريڈيو ونڊي ڏنو هو پر ڪئڈٽ ڪاليج جي آخري سال ۾ ۽ ان شرط تي ته هوم ورڪ ڪرڻ بعد ڪلاڪ سوا ڪان مٿي بڈڻو ناهي. ڊاڪٽر صاحبه پاڻ پيٽارو ڪان پري لاڙڪاڻي هلي وئي پر سندس فرمانبردار پٽ اختر ساڻس ڪيل واعدي تي آخري ڏينهن تائين قائم رهيو. اسان دوستن جي زور ڀرڻ تي به مقرر وقت ڪان وڌيڪ ريڈيو نه هلائيندو هو. بهرحال اسان لاءِ اهو ڪلاڪ سوا اختر جي ڪمري ۾ ريڈيو ـ خاص ڪري سلون اسٽيشن بڈڻ وڏي عياشي هو.

مٿئين ڳالهه اختر ۽ سندس والده جي حوالي سان مون هروڀرو ان ڪري به هتي لکي آهي جيئين اڄ جي شاگرد ۽ والدين کي احساس ٿئي ته جيڪو به محنت

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪري ٿو اهو اڄ ٻه اوچو مقام حاصل ڪري ٿو. هي جيڪي امتحانن ۾ مٿانهان نمبر Positions ڪٽن ٿا سي فقط ڳچيءَ ۾ تعويذ ٻڌڻ سان نہ ٿا حاصل ڪن پر ان لاءِ محنت ڪن ٿا. پوءِ چاهي اهو غريب جو ٻار هجي يا امير جو. اختر وڏي ۽ امير گهر جو ٻار هو. چاهي ها تہ پڙهڻ بدران آرام ۾ وقت گذاري ها پر هن ۽ هن جي مائٽن پڙهائي ۽ محنت کي ترجيح ڏني. نمبر ڪٽڻ لاءِ هن کي ڪئڊٽ ڪاليج ۾ رهي ڪري اڃا ٻه وڌيڪ محنت ڪرڻي پئي جو اتي جي شاگرد کي ڪتابن کان علاوه پي ٽي، پريڊ ۽ راندين کي ٻه وقت ڏيڻو پوي ٿو.

بهرحال ريڊيو سلون نہ فقط پيٽارو تائين مون جهڙن لاءِ وندر ۽ Inspiration هو پر ان بعد چٽگانگ ۾ پڻ جتي انٽر بعد مئرين انجنيئرنگ لاءِ رهيو هوس. چٽگانگ جيتوڻيڪ بنگال صوبي ۾ آهي جتي جو عوام بنگالي ڳالهائي ٿو ۽ اڙدو يا هندي ڪان ڪو ورلي واقف آهي پر تڏهن ٻه مون ڏٺو تہ مئرين اڪيڊمي جي Ante Room ۾ سلون سيني جي دلچسپند اسٽيشن هئي.

تعليم بعد جهاز تي هر سمند ۽ بندرگاهہ ۾ پهرين ڪوشش ريڊيو سلون جهيڙ جي هوندي هئي. اوپر ۾ ملائشيا سنگاپور تائين ۽ اتر اولهہ ۾ ترڪي رومانيا بلغاريا تائين ريڊيو سلون جي انائونسر امين سياني ۽ منوهر جو آواز ۽ فلمي گانا ٻڌي گدگد ٿيندا هئاسين.

پوءِ هڪ اهڙو وقت آيو جو يڪا ڪيترائي سال يورپ جي ڏورانهن ملڪن، (ناروي، ڊنمارڪ، پولنڊ) USA يا وري جپان ۽ ڪوريا ڏي رهڻ ٿيو جتي ريڊيو سلون جي ٻڌڻ جو موقعو نہ مليو. ان بعد جڏهن پاڪستان ۽ سلون جي اوس پاس وارن ملڪن ۾ اچڻ ٿيو تہ خبر پئي تہ سريلنڪا حڪومت پنهنجي نئين پاليسي موجب ريڊيو سلون تان هندي پروگرام بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻ فقط سندن قومي زبان سنهالي هلي ٿي.

بهرحال ڪجهہ ڪجهہ افسوس ٻه ٿيو پر ساڳئي وقت ان جي ڪوٽ سائنس جي نين ايجادن، ٽيپ رڪارڊرن، ٽي وي، وي سي آر ۽ ڊش پوري ڪري ڇڏي. هونءَ انتظار ڪبو هو تہ ڪنهن وقت ريڊيو سلون تان گانا اچن ٿا. هاڻ جنهن وقت دل چاهي تہ ٽيپ رڪارڊر تي پنهنجي پسند جا گانا ٻڌي سگهجن ٿا. هڪ ڳالهہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ضرور آهي ته وندر جي دنيا ۾، ننڍي ڪنڊ جي ماڻهن جي دلين تي جتي لتا، دليپ، سهگل، نورجهان، چندر جهڙن ماڻهن راڄ ڪيو اتي ريڊيو اسٽيشن سلون جي پٽ وڏي اهميت آهي.

مون ڏي ڪيترائي پڙهندڙ خط لکن ٿا. انهن جي وڏي مهرباني. انهن خطن مان مون تائين ڪجهه پهچن ٿا ڪجهه غلط يا پراڻي ائڊريس ڪري دربدر ٿيو وڃن. ايندڙ خطن جي موت ۾ ڪوشش ڪري هڪ دفعو ضرور جواب ڏيان ٿو. پوءِ به ستون ئي سهي. انهن خطن ۾ ڪن سوالن جا جواب (سربسته جواب) لکڻ مون لاءِ توڙي بي ڪنهن لاءِ ناممڪن ڳالهه آهي. انهن مان هڪ ته اهو عام پڇيو وڃي ٿو ته نيوي يا مرچنٽ نيوي جي چونڊ ڪٽي ۽ ڪڏهن ٽئي ٽي ۽ ٻيو منهنجي ڪتابن بابت.

اڄ کان پنجٽيهه سال اڳ 1962 ۾، جڏهن آئون انٽر سائنس (مئٿس) جو شاگرد هوس ته دستور موجب روز جي اخبار پڙهندي مئرين اڪيڈمي ۽ نيول اڪيڈمي جي چونڊ جو اشتهار پڙهي Apply ڪيو هوم. اڄ به اهي نيويءَ جي چُونڊ جا اشتهار توڙي آرمي، ايئرفورس ۽ ٻين هنڌن جي چونڊ جا اعلان، هر سال باقاعدگيءَ سان ملڪ جي اخبارن ۾ ايندا رهن ٿا ۽ گلگٽ سبيءَ کان ٽنڊو قيصر ۽ خيرپور ناٿن شاهه جا شاگرد Apply ڪندا رهن ٿا. پر مٿيون سوال پڇندڙ لڳي ٿو ته اخبار به نه ٿا پڙهن. ۽ جيڪو شاگرد اخبار نه ٿو پڙهي ان جي عام معلومات ڇا هوندي جو اهڙن مقابلن جي امتحانن ۾ حصو وٺي سگهن. ان ڪري منهنجي شاگردن توڙي والدين کي گذارش آهي ته هو اخبار پڙهن ۽ جي انين کان وٺي نه ته مئٽرڪ ڪرڻ بعد اولاد جي اڳتي جو سوچڻ گهرجي ته هنن کي انٽر ۾ پهچي ڪهڙن ڪهڙن هنڌن لاءِ Apply ڪرڻ کپي. ڪيترا شاگرد ته اهڙا به آهن جي انٽر ڪرڻ بعد سال به رکي پوءِ نيوي، آرمي ۽ ايئرفورس جهڙين Careers جو سوچيندا آهن ۽ پوءِ کين جاڻ پوندي آهي ته انٽر بعد وڌ ۾ وڌ هڪ سال تائين هنن کي Chance هئي جيڪا هو وڃائي وينا هاڻ Overage ٿي چڪا آهن.

ڪجهه خطن ۾ مونکان منهنجي ڪتابن بابت پڇيو وڃي ٿو ته فلاڻو يا فلاڻو ڪتاب ڪٿان ملي سگهندو. آئون جيڪي لکان ٿو اهو اخبار ۾ ڏيان ٿو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جيئن گھٽي کان گھٽا ماڻھو پڙھي سگھن ـ جيڪا ھر ليکڪ جي خواھش ٿئي ٿي. انھن اخباري مضمونن / ڪالمن جو مجموعو پوءِ ڪتاب جا پبلشر ڇپين ٿا. سو منھنجي ڪتابن بابت انھن کي ئي ڄاڻي رھي ٿي.

الطاف شيخ
11 سيپٽمبر 1997ع
Altafshaikh2005@gmail.com

جهاز بابت کجهہ ڄاڻ

هن ڪتاب ۾ ڪجهہ اهڙا نالا ۽ Terms استعمال ٿيا آهن جن جو واسطو جهازي دنيا سان آهي. عام ماڻهوءَ لاءِ انهن جي سمجهاڻِي هتي ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو.

ڊيڪ (Deck) : جهاز جو مٿيون حصو. جهاز جي ڏاڪڻ چڙهي پهرين هن حصي تي پهچجي ٿو. هي جهاز جي اڳئين ڪنڌ کان آخري ڪنڌ تائين هڪڙو ئي حصو (پَٽُ) آهي. جهاز کي واٽر ٽائيٽ رکڻ لاءِ لوهي پليٽن جي هيٺين حصي کي باٽم، ساڄي ۽ کاٻي پاسي جي پليٽن کي Shell پليٽنگ ۽ مٿئين حصي کي ڊيڪ سڏجي ٿو. ڊيڪ جي هيٺان سامان رکڻ جا گودام، انجڻ روم، خلاصين جا ڪمرا ٿين. ڊيڪ جي مٿان ۾ چار ماڙ جون چتيون ٿين ٿيون جن تي آفيسرن جا ڪمرا ۽ برج (جهاز جو ڪنٽرول روم) ٿئي. ڊيڪ جي مٿان وارا ڪمرا وڏيڪ هوادار ۽ سهٽا ٿين جن جون دريو ڪولي ٻاهر جو نظارو ۾ ڪري سگهجي ٿو. مسافرن جا فرسٽ ڪلاس ۽ ڊيلڪس ڪلاس ڪمرا ۾ مٿي ٿين. ڪجهہ ملڪن جي 'مسافر جهازن' تي گهٽ ياڻي وارا مسافر ڪٽڻ لاءِ ڊيڪ جي هيٺ سامان جي گدام ۾ هنڌ بسترا لڳايا ويندا آهن. ان ۾ رهندڙ مسافرن کي ڊيڪ ڪلاس پئسينجر سڏجي ٿو. اسان جي حاجين جي پراڻن جهازن: سفينہ حجاج، سفينہ عرب، شمس وغيره تي پڻ ڊيڪ ڪلاس هو جنهن کي اسان جي سنڌ جا حاجي 'ڊيڪ' سڏيندا هئا. اونهاري جي ڏينهن ۾ بحر احمر (ڳاڙهي سمنڊ) جي سخت گرمي مان لنگهڻ وقت ڊيڪ ڪلاس جا مسافر پاڻ کي واقعي ڊيگ ۾ ئي محسوس ڪندا هئا.

وائيج (Voyage): عام طرح ساموندي سفر کي وائيج چئجي ٿو. جهازي دنيا ۾ ملڪي بندرگاهہ کان نڪري جهاز مختلف ملڪن مان ٿي واپس پنهنجي ملڪ ۾ پهچڻ سان هن جو هڪ سفر يعني Voyage ٿئي ٿو. مثال طور ڪراچيءَ کان نيويارڪ تائين جهاز کي وڃڻو ۽ موٽڻو آهي. ويندي ۽ ايندي ٿي سگهي ٿو ساڳين بندرگاهن ۾ وڃڻو پوي يا مختلف بندرگاهن ۾، ويندڙ سفر کي Outward

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جرني سڏجي ٿو ۽ ملڪي بندرگاھ ڏي موٽڻ واري سفر کي Homeward جرني سڏجي ٿو. جھاز جي سفر شروع ٿيڻ تي صحيح ڪرٽي پوندي آھي جنھن کي Sign-On ڪرڻ سڏجي ٿو. ان معاھدي ۾ پگھاڑ، ڊيوٽين ۽ سھوليتن جو تفصيل ھوندو آھي جنھن موجب جھازيءَ کي سڄو سارو سفر پورو ڪرٽو آھي ۽ سفر پوري ڪرڻ تي وري رجسٽر تي صحيح ڪرٽي پوندي آھي. جنھن کي Sign-Off سڏجي ٿو ان بعد ساڳيو آفيسر يا خلاصي ٻيو سفر ڪرڻ چاھي تہ ھن کي ان وقت ڪري وري Sign-On ڪرٽو پوندو آھي.

ڪئبن ٻئاءِ : ڪمرو صاف رکڻ وارو چوڪرو. ھن جو ڪم ڪئبن (ڪمرو) صاف ڪرڻ، ھنڊ جون چادرون بدلائڻ ۽ ماني کارائڻ آھي.

ڊيڪ ڪسب : جھاز جي اسٽور ڪيپر کي ڊيڪ ڪسب سڏجي ٿو. جھاز جون لوھي چادرون صاف ڪرڻ لاءِ ڪرپيون ۽ اسڪريپر، رنگ، روغن، گريز، رسيون وغيره ھن جي حوالي ھونديون آھن جيڪي جھاز جي منھن وٽ ٺھيل اسٽور روم ۾ رکندو آھي.

پئنٽري : چانھ، ڪافي ۽ سئنڈوچ ناھڻ لاءِ ننڍڙو رڌڻو.

ردر (Rudder) : جھاز جي پويان لڳل سکان کي ردر سڏجي ٿو. جھاز کي ساڄي يا کاٻي موڙڻ لاءِ سکان کي موڙڻو پوندو آھي. ننڍين ٻيڙين جو سکان اسٽيرنگ ويل سان رسين ذريعي ٻڌل ھوندو آھي. وڏن جھازن جو سکان (ردر) تمام Complicated ٿئي ۽ ھئڊرالڪ، اليڪٽريڪ يا نيوميٽڪ ذريعي Steering Wheel سان لاڳو ٿئي. ڪن جھازن تي اھي سڀ سسٽم گڏ ٿين ۽ اليڪٽرانڪ ۽ ڪمپيوٽر سسٽم بہ گڏ ٿئي، جنھن ذريعي جھاز کي آڻو تي رکي سگھجي ٿو. يعني بندرگاھ کان نڪرڻ بعد جيڏانھن جھاز کي ونڊي ھلڻو آھي اھا Data ان ۾ وجھي ڇڏجي ۽ ماڻھوءَ جي مدد بنا اسٽيرنگ ويل سکان کي ڪنٽرول ڪري ٿو، جيئن ھوائي جھاز جو پائلٽ جھاز کي Auto تي رکي پوءِ ھلندو رھندو آھي.

رڊار (Radar) : تي وي نما، گول اسڪرين وارو اوزار ٿئي جنھن تي ليکن ۽ ڊُبن جي صورت ۾ سامھون ايندڙ جھاز، ٻيٽ، زمين ۽ سمنڊ ھيٺ

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٽڪريون ۽ تباهه ٿيل جهاز نظر اچن ٿا. اتراهن ملڪن ۾ هر وقت مينهن، برفباري ۽ اونداهه ڪري سامهون فرلانگ تائين به نظر نه پوندي آهي. پر ردار جي شيشي تي چاليهه ميلن تائين ببنل ۽ چرندڙ شيون ڏسي سگهجن ٿيون. سامهون ايندڙ جهازن جي رفتار ۽ رخ جي به خبر پئجي سگهي ٿي جنهن مان حساب ڪري اهو معلوم ڪري ونبو آهي ته آيا سامهون ايندڙ جهاز پاسي کان لنگهي ويندا يا اسان کي پاسو ڪرڻو پوندو. ۽ جيڪڏهن اسان کي پاسو ڪرڻو پوندو ته ڪڏهن ۽ ڪهڙي هنڌ ته جيئن حادثو نه ٿئي.

پورٽ هول : جهاز جي ڪمري (ڪئبن) جي دريءَ کي Port Hole سڏجي ٿو. هي دريون هميشه واٽر ٽائيٽ ۽ ايئر ٽائيٽ هئڻ کپن جيئن خراب موسم ۾ يا اتر قطب جي ويجهو وارن ملڪن ۾ سمنڊ جو پاڻي يا ٺڏي هوا اندر نه اچي.

گئنگ وي: جهاز جي اها ڏاڪڻ جنهن ذريعي ڪناري تان چڙهي جهاز تي پهچجي ٿو Gang-Way سڏجي ٿي. لنگر ڪٽڻ مهل هيءَ ڏاڪڻ ڪرين ذريعي مٿي جهاز تي ڪنئي ويندي آهي ۽ پاسيري ڪري رکبي آهي. هن ڏاڪڻ جي هيٺان ڦيٽا ٽين جنهن ذريعي سمنڊ جي چاڙهه ۽ لاهه وقت پاڻهي صحيح ٿي ٻيهي.

ائلي وي : جهاز جي گهٽين کي ائلي وي سڏجي ٿو.

بٽلر : بورچين جي مٿان وڏي بورچيءَ کي بٽلر سڏجي ٿو. روز جو کاڌو تيار ڪرائڻ ۽ ڊائننگ ٽيبل تائين پهچائڻ بٽلر جو ڪم آهي.

پرسر: سئلون ڊپارٽمينٽ جي انچارج کي پرسر سڏجي ٿو. جهاز جا بورچي، بئرا، صفائي وارا Purser (پرسر) جي هٿ هيٺ ڪم ڪن. ڪجهه جهاز جا پرسر ريڊيو آفيسر کي، پگهارون ڏيڻ ۽ ٻي ڏيتي ليتيءَ جي ڪمن ۾، پڻ مدد ڪن جن لاءِ هنن کي جهاز جي مالڪن طرفان ڪجهه وڌيڪ پگهارُ ملي.

سُڪاني : انگريزيءَ ۾ ان کي Quarter-Master سڏجي ٿو.سُڪاني اهو خلاصي آهي جيڪو ڪئپٽن يا ٻئي ڊيوٽيءَ تي موجود نيويگيٽر سان گڏ، چار ڪلاڪ ڏينهن جو ۽ چار ڪلاڪ رات جو ڊيوٽي ڪري ٿو. ڪلئي سمنڊ ۾ هن جو ڪم سامهون ايندڙ جهازن تي نظر رکڻ ۽ ان بابت ڊيوٽي آفيسر کي ٻڌائڻو آهي،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جيئن هو اڳواڻ پنهنجي جهاز لاءِ کو سلامتيءَ وارو رستو اختيار ڪري سگهي. بندرگاهه ۾ گهڙڻ يا نڪرڻ وقت سکانيءَ جي ڊيوٽي Steering-Wheel وٺ هوندي آهي ۽ ڊيوٽي آفيسر (ڪئپٽن، چيف آفيسر) يا پائلٽ جي حڪم موجب جهاز کي اوتريون ڊگريون ساڄي يا کاٻي موڙڻو هوندو آهي.

پائلٽ: هوائي جهاز هلائيندڙ ڪئپٽن کي ته پائلٽ چئبو آهي پر پاڻيءَ جي جهاز هلائيندڙ ان ڪئپٽن کي به چئبو آهي جيڪو بندرگاهه جو واقف (سونهون) هجي. ڪنهن به ملڪ جي بندرگاهه ۾ گهڙڻ کان اڳ جهاز کي ان بندرگاهه کان ڏهه پندرهن ميل ٻاهرڪلئي سمنڊ ۾ بيهاريو ويندو آهي. بندرگاهه ۾ اندر وڃي هلڻ لاءِ بندرگاهه طرفان مقرر ڪئپٽن لانچ ۾ چڙهي ايندو آهي ۽ پوءِ جهاز کي اندر وڃي هلندو آهي. ان ڪئپٽن کي بندرگاهه جو پائلٽ ٿو سڏجي. هن کي بندرگاهه جي چپي چپي جي خبر هوندي آهي. ڪراچيءَ جي بندرگاهه کي به اهڙا اٺ ڏهه پائلٽ آهن جيڪي پنهنجي ۽ ڏارين ملڪن جي جهازن کي اندر وڃي ايندا آهن يا رواني ٽيڻ وقت بندرگاهه کان ٻاهر ڪلئي سمنڊ تائين اماڻي ايندا آهن. بندرگاهه ۾ جهاز هلائڻ تمام ڏکيو ڪم آهي جيڪو هر بندرگاهه جا مڪاني پائلٽ سرانجام ڏين ٿا. ان ڪم جي في بندرگاهه وارا جهازران ڪمپنيءَ کان ونڻ جنهن کي Pilotage-Fee سڏجي ٿو.

ڪي ڪي بندرگاهه ـ خاص ڪري يورپ جا يا جپان ۽ ڪوريا جا، ايترو ويجهو ٽين جو اهو ئي هڪڙو پائلٽ هڪ بندرگاهه مان جهاز کي ڪڍي ٻئي بندرگاهه اندر پهچائي ايندو آهي. اتر يورپ جي ملڪن وارو سمنڊ 'North-Sea' خاص ڪري سياري ۾ اهڙو ته خراب ۽ اونداهو هوندو آهي جو جهازران ڪمپنين جا مالڪ، جيترا ڏينهن جهاز اتر انگلنڊ، پولنڊ، ڊنمارڪ، جرمني جهڙن ملڪن ۾ هوندو آهي ته يڪو هڪ پائلٽ رکندا آهن جيڪو 'نارٿ سي' پائلٽ سڏجي ٿو. جهاز جي ڪئپٽن کي جهاز جي مالڪن طرفان Instructions هوندا آهن ته سياري ۾ نارٿ سي ۾ جيڪڏهن جهاز هلائي سگهو ٿا ته توهان جي مرضي پر جي ٿورو به شڪ يا ڊپُ ڊاءُ محسوس ڪريو ته مهرباني ڪري 'نارٿ سي پائلٽ' Hire ڪريو. نارٿ سي پائلٽ جي في جيتوٽيڪ لکن ۾ ٿئي ٿي پر جهاز جي سلامتي ڪارڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مالڪ اهو ڪاهو ڪيندا آهن. يورپ ڏي هلندڙ جهازن ۾ ان قسم جي پائلٽن جي رهائش لاءِ هڪ وڏيڪ ڪئبن پڻ هوندي آهي جنهن کي 'پائلٽ ـ ڪئبن' سڏجي ٿو.

خلاصي : جهاز هلائيندڙ مٿيون عملو آفيسر سڏجي ٿو ۽ هينيون اسٽاف خلاصي (Crew) سڏجي ٿو. خلاصين ۾ کي انجڻ روم جا خلاصي سڏبا آهن ته ٻيا ڊيڪ ۽ گئلي (بورچيخاني) جا. ڊيڪ وارن خلاصين جو ڪم جهاز جي لوهي پليٽن کي سمند جي پاڻيءَ ڪري زنگ لڳڻ کان بچائڻ لاءِ صاف رکڻ، رنگ لڳائڻ ۽ رسا چڪڻ ۽ سکانيءَ جي ڏيوٽي ڪرڻ آهي. انجڻ روم جا خلاصي تيل وارا ۽ آڳ وارا سڏبا آهن. گئلي وي جي ڏيوٽي ۾ اسٽيورڊ (بئرا)، بورچي، پنداري (ياجي چلڻ وارا) ۽ ٽوپس (پنگي) اچي وڃن ٿا.

ٽرڊ انجنيئر، فورٿ انجنيئر، سيڪنڊ آفيسر، چيف آفيسر وغيره

وغيره : جهاز هلائيندڙ عملي جا ٻه اهم حصا آهن. هڪ نيويگيٽر (جن کي ڊيڪ آفيسر ٻه سڏجي ٿو) ۽ ٻيو انجنيئر. ڊيڪ آفيسر (Navigators) جو ڪم سمنڊ تي رستو ڳولهڻ ۽ جهاز کي ان رخ ۾ وڃي هلڻ آهي. مندن موسمن، سمنڊ ۽ هوائن جي ڄاڻ رکڻ ۽ ان جي نقصان کان جهاز کي بچائڻ، بندرگاهه ۾ ڪارگو (سامان) جو طريقو ڪڍي ان موجب رکرائڻ ۽ لاهرائڻ آهي. انجنيئرن جو ڪم جهاز جي انجڻين کي هلائڻ ۽ انهن جي نگهباني ڪرڻ آهي. جهاز هڪ شهر مثل آهي، جنهن ۾ نه فقط جهاز هلائن جي انجڻ آهي، پر اليڪٽرڪسٽي پيدا ڪرڻ، پاڻيءَ ۽ تيل جا ڪيترائي پمپ هلائڻ، بئالر، جنريٽر ۽ ٻيون مشينون پڻ آهن. ڊيڪ آفيسرن جو سڀ ۾ وڏو باس ڪئپٽن آهي. ڊيڪ ڪئڊٽ سڀ ۾ جونئر ڊيڪ آفيسر آهي. اهڙي طرح انجنيئرن ۾ سڀ کان ننڍو انجنيئرنگ ڪئڊٽ يا جونئر انجنيئر سڏجي ٿو. ان بعد ففٿ انجنيئر، فورٿ انجنيئر، سيڪنڊ انجنيئر ۽ آخر ۾ سڀ کان مٿانهون چيف انجنيئر آهي.

دنيا جي هر ملڪ جي هر جهاز تي انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن جون ڊيوٽيون مقرر آهن. مثال طور ٽرڊ انجنيئر جي ڊيوٽي رات جو ۽ ڏينهن جو هميشه ٻارهين کان چئين تائين جهاز هلائڻو آهي ۽ بندرگاهه ۾ سندس ڪم جنريٽرن جي سار

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سنيال آهي. ٽرڊ انجنيئر سان گڏ واري ڊيوٽي، ڊيڪ آفيسرن مان، سيڪنڊ آفيسر ڪندو آهي. هڪ ئي وقت جاڳي ڊيوٽي ڪرڻ ڪري هر جهاز جي ٽرڊ انجنيئر ۽ سيڪنڊ انجنيئر جي سڻي دوست رهي ٿي. اهڙي طرح بين انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن جي ڊيوٽي مقرر آهي.

ريڊيو آفيسر : انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن کان علاوه هر جهاز تي هڪ ريڊيو آفيسر پڻ هوندو آهي. ريڊيو آفيسر جو ڪم ريڊيو ذريعي جهاز ۽ بندرگاهه وارن ڏي نياپا موڪلڻ ۽ وٺڻ آهي. جهاز تي ڪم ڪندڙ آفيسرن ۽ خلاصين جي پگهارن جو حساب ڪتاب ۽ مختلف ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ Visa ۽ ٻيون ڪاغذي ڪاروايون پوريون ڪرڻ پڻ ريڊيو آفيسر جو ڪم آهي.

اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ فرج انجنيئر: مٿين انجنيئرن (جيڪي مئرين انجنيئر آهن) کان علاوه جهاز تي ٻه ڪن اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ هڪ فرج انجنيئر پڻ ٿئي. جن جو خاص ڪري اليڪٽرسٽي ۽ ريفريجريشن جو ڪم هوندو آهي. اهي انجنيئر سيڪنڊ انجنيئر ۽ چيف انجنيئر جي هٿ ۾ ڪم ڪن ٿا.

نيويگيشن: سمنڊ تي رستو ڳولڻ جي هنر کي Navigation سڏجي ٿو. سمنڊ تي خشڪيءَ جي رستن وانگر رستا نه آهن. سمنڊ تي رستو ڳولڻ ۽ لڳندڙ هوائن ۽ لهرن کان فائدو وٺي يا بچاءُ ڪري، جهاز هلائڻ نيويگيٽرن (ڊيڪ آفيسرن) جو ڪم آهي. نه فقط جهاز هلائڻ پر ڏينهن ۾ ٽي چار دفعا سج، چند ۽ تارن جي مدد سان جانچڻو پوندو آهي ته جهاز واقعي صحيح رستي ۽ رخ ۾ هلي پيو يا نه. البت هاڻ ڪجهه اهڙا اوزار نڪتا آهن جن ذريعي وقت بوقت اها خبر پوندي رهي ٿي ته جهاز ڏرتيءَ جي گولي تي ڪهڙي هنڌ آهي. ان اوزار کي Satellite Navigator سڏجي ٿو. هونءَ نيوي جنگي جهاز تي Seaman ۽ Sailor هيٺين عملي جون Ranks پڻ آهن.

سيڪيورٽي انجنيئر: بندرگاهه ۾ موڪل ڪرڻ وقت هڪ سينيئر انجنيئر ضرور جهاز تي ڇڏبو آهي، جيئن هو باهه لڳڻ جهڙي ايمرجنسي کي منهن ڏئي سگهي. ان انجنيئر يا ڊيڪ آفيسر کي سيڪيورٽي انجنيئر يا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سيڪيورٽي آفيسر سڏجي ٿو. سيڪيورٽي انجنيئر سان گڏ هڪ يا ٻه جونئر انجنيئر يا فٽ انجنيئر پڻ هوندو آهي، جنهن کي انجڻ روم ۾ رهڻو پوندو آهي.

انجڻ روم : جهاز جي انجڻ روم سمجهو ته پنج ڇهه ماڙ پلاز يا بلڊنگ آهي، جنهن جي هر فلور تي ڪيترين ئي مشينون آهن. جهاز جو پنکو Propeller هلائڻ واري مشين Main Engine سڏجي ٿي. جيڪا ٽي چار ماڙ ٽئي، جنهن جو هڪ هڪ سيلنڊر ايترو ته وڏو ٿئي جنهن ۾ ٽي ماڻهو آرام سان بيهي سگهن۽ اٽ نَوَ فوٽ ڊگهو ٿئي. مين انجڻ کان علاوه ٻيون اهم مشينون هي آهن. جنريٽر، پمپ، پيوريفائر، بئالر، ايئرڪمپريسر، ايووپريٽر، ڪولر، هيٽر، Sewage پلانٽ وغيره

پروپيلر : جهاز جي پنئين پاسي ٻاهر لڳل پنکي کي Propeller سڏجي ٿو. جهاز کي ڦيٽا نه ٽين. پنکي هلڻ سان جهاز اڳيان پويان وڌي ٿو. جهاز جي پنکي هلائڻ واري انجڻ کي مين انجڻ سڏجي ٿو.

سيلنگ بوٽ: جيڪا ٻيري سڙهه (Sail) تي هلي ان کي Sailing Boat سڏجي ٿو. انجڻ جي ايجاد ٿيڻ کان اڳ پاڻي۽ جا جهاز سڙهن تي هلندا هئا ۽ Sailing Ships سڏبا هئا. جيڪي ٻيڙيون ڪاٺ جي چپن سان هلن ٿيون اهي Rowing Boats سڏجن ٿيون.

درياءِ ڊاکنگ : لڳاتار سمنڊ ۾ بيهڻ ڪري جهاز جي تري تي سپون ۽ ٻيون ساموندي شيون (Sea Growth) چهٽيو وڃن جيڪي جهاز جي لس هلڻ ۾ رخنو وجهن ٿيون ۽ رفتار ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ لڳي ٿي. جهاز جي تري جي صفائي ۽ چڪاس لاءِ جهاز کي خشڪ گودي۽ ۾ اڇي بيهاربو آهي جنهن کي درياءِ ڊاڪ (Dry-Dock) سڏجي ٿو. درياءِ ڊاڪ ۾ ڪيل صفائي، رنگ روغن ۽ مرمت کي Dry-Docking سڏجي ٿو. هر ڪارگو جهاز لاءِ ضروري آهي ته ٻن سالن ۾ هڪ دفعو درياءِ ڊاکنگ ڪرائي ۽ مسافر جهاز لاءِ سال ۾ هڪ دفعو ضروري آهي.

جيٽي : بندرگاهه جو ڏڪو جنهن سان جهاز لڳي بيهي ٿو، جيٽي سڏجي ٿي.ڪن جهازن کي بندرگاهن ۾ جيٽي نه ملندي آهي ته پوءِ جيٽي۽ سان لڳل جهاز جي پرسان ٽي بيهندا آهن. اهڙي صورت ۾ چئبو آهي ته اسان جو جهاز فلاڻي جيٽي۽ تي بينل فلاڻي جهاز جي Alongside آهي. هانگ ڪانگ، سنگاپور جهڙن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مشغول بندرگاهن ۾ جهازن کي عام طرح 'الانگ سائيڊ' ۾ بيهاريو وڃي ٿو. اهڙي صورت ۾ جهاز جو ڪارگو ڪناري بدران سمنڊ واري پاسي بينل بارجز ۾لاهڻو پوندو آهي. بارج (Barges) تانگهي ۽ بنا انجڻ واري ٻيڙي ٿئي جنهن کي 'ٽگ بوٽ' يا عام لانچ چڪي.

ڊيرڪون : جهاز تي سامان لاهڻ يا چاڙهڻ لاءِ بندرگاهه تي ڪرينون (Cranes) ٿين. ڪن بندرگاهن ۾ اهي نه ٿين ۽ جهاز تي لڳل ڪرينن ذريعي سامان لاٿو ويندو آهي. جهاز جي Cranes کي ڊيرڪ Derrick سڏجي ٿو.

ڪئبن : جهاز تي رهائشي ڪمرا ڪئبنون (Cabins) سڏجن ٿيون.

ڊيوٽي ميس : جهاز کي هڪ وڏي ميس ٿئي جنهن کي Dinning Saloon سڏجي ٿو جنهن ۾ سڀ آفيسر، گهٽو ڪري يونيفارم، ۾ ماني کائين. سئلون کان علاوه هڪ ننڍڙي ڊيوٽي ميس ٿئي جنهن ۾ ڊيوٽي وارا انجنيئر ۽ ڊيڪ آفيسر ماني کائين. ڊيوٽي ميس خبرن ۽ ڪچهري کان مشهور ٿئي. هرڪو فري استائيل ۾ پٽاڪ سٽاڪ هٽندو آهي. بئرن ۽ وڏن آفيسرن جي اڇ وڇ نه هجڻ ڪري ناقابل اشاعت لطيفا، شعر و شاعري ۽ پنهنجا پراوا Scandal آزادانه نموني بيان ڪيا ويندا آهن.

برج روم : جهاز جي ڪنٽرول روم کي برج سڏجي ٿو. برج جو هڪ حصو چارٽ روم هوندو آهي. جنهن ۾ هلڪي روشنيءَ جو بندوبست ٿيل هوندو آهي، جيئن مختلف سمنڊن جا چارٽ ڏسي ۽ ماپي سگهجن. باقي حصي ۾ اونداهه ڪئي ويندي آهي جيئن رات جو سامهون ايندر جهاز ڏسي سگهجن. برج جي ڪابي ۽ ساڄي پاسي واري حصي کي Wing سڏجي ٿو.

بل ورڪ : جهاز جي ڇوڙاري ڏنل بنوڙي کي Bulwark سڏجي ٿو.

بنڪر : جهاز جون مشينون هلائڻ لاءِ جيڪو تيل وڻجي ٿو ان کي Bunker سڏجي ٿو. بنڪر وڻڻ وارو سڄو ڏينهن يا رات انجنيئرن لاءِ ڊوڙ ڊوڙان جو هوندو آهي. جهاز لاءِ هڪ قسم جو تيل نه پر ڪيترن ئي قسمن جو ٽنن جي حساب سان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ونڊو پوي ٿو، جنهن کي مختلف ۽ مقرر ٽيل ٽانڪين ۾ جمع ڪيو وڃي ٿو. هڪ ويهه هزار ڪن ٽن جهاز لاءِ اٽڪل هي تيل ونبا آهن. جيڪي مهينو ڪن هلن.

هيوي فيول H.F.O ـ بارهن سؤ ڪن ٽن

مئرين ڊيزل آئل ـ چارسؤ ٽن

لائيٽ ڊيزل آئل ـ هڪ هزار گئلن

ڪرئنڪيس آئل ـ چار هزار گئلن

سلينڈر آئل ـ بہ هزار گئلن

ٽربائين آئل ـ هڪ هزار گئلن وغيره وغيره.

اينڪر : جهاز جي اڳئين منهن وٽ لنگر (Anchor) ٽئي ٿو جيڪو سمنڊ ۾ جهاز کي بيهارڻ مهل سمنڊ جي تري ۾ ڪيرايو ويندو آهي. اينڪر زمين جي تري ۾ وڃي ڦاسندو آهي ۽ جهاز کي اڳيان وڌڻ نہ ڏيندو آهي. وري جڏهن جهاز کي هلڻو هوندو آهي تہ ونڊلس مشين ذريعي لنگر کي باهر ڇڪي ڪيبو آهي. بندرگاهه ۾ جيٽيءَ پرسان جاءِ ملڻ تي لنگر ڪيرائڻ بدران جهاز کي جيٽيءَ تي ڪتل ڪلي سان ٻڌو وڃي ٿو. لنگر (Anchor) لاءِ مشهور ڳجهارت آهي تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي جنهن جي جڏهن ضرورت پوي تي تہ اڇلائي وڃي تي ۽ جڏهن ضرورت ناهي تہ پٽ تان کڻي رکي وڃي تي.

اينڪريج : جهاز سڄو سفر پورو ڪري جڏهن ڪنهن ملڪ ۾ پهچي ٿو تہ هن کي اجازت نہ آهي تہ بندرگاهه ۾ يڪدم گهڙي پوي. بندرگاهه ۾ اچڻ کان اڳ ڪلئي سمنڊ ۾ لنگر Anchor ڪيرائڻو پوي ٿو. پوءِ بندرگاهه اٿارٽيءَ طرفان ان ملڪ جي ڪسٽم ۽ اميگريشن جو عملو ڪلئي سمنڊ ۾ جهاز تي پهچي جهاز جي عملي ۽ مسافرن وغيره جي ڪاغذن جي چڪاس ڪري ٿو. ان بعد بندرگاهه طرفان پائلٽ اچي ٿو جيڪو جهاز کي آهستي آهستي ڪري اندر بندرگاهه ۾ مقرر ڪيل جيٽيءَ تي بيهاري ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هر بندرگاھ جي ٻاھران، ڪلئي سمنڊ جو اھو حصو جتي جھاز کي اڻڪر ڪيرائي اندر اچڻ جو انتظار ڪرڻو پوي ٿو، ان کي Anchorage (اڻڪريج) سڏجي ٿو. اڻڪريج تي بيھڻ وارو وقت جھازيءَ لاءِ آرام ۽ انتظار جو ھوندو آھي. آرام جو ان ڪري جو اڻڪريج تي نہ جھاز ھلائڻ جي ڏيوٽي ڪرڻي پوي ٿي نہ ڪا مشينري کولي ان جي مرمت (Overhauling) ڪرڻ. سو مسافري جو ٽڪ پڄڻ ۽ آرام لاءِ اڻڪريج سڀ کان سٺو آھي. ساڳي وقت انتظار ۾ ڪرڻو پوي ٿو تہ خبر نہ آھي جھاز کي ڪڏھن اندر گھرائن جيئن ڪناري تي پير رکي سگھجن ۽ گھمي ڦري سگھجي. اڇڪلھ ڪيترائي بندرگاھ مادرن ٿي ويا آھن ۽ ڏينھن اڌ جي انتظار بعد اندر گھرايو وڃي ٿو. ھڪ اھڙو ۾ سفر ياد اٿم جنھن ۾ ڪراچي کان ڪيوبا سفر ۾ مھينو لڳو. ان بعد ڪيوبا جي اڻڪريج تي مھيني کان ۾ مٿي انتظار ڪرڻو پيو. ان بعد مھيني کن لاءِ جھاز بندرگاھ ۾ گھڙيو تہ ڪيوبا جي ڪميونسٽ حڪومت اسان کي ڪناري تي پير رکڻ جي ھڪ ڏينھن جي ۾ اجازت نہ ڏني.

اڻڪريج کي ڪڏھن ڪڏھن فقط اڻڪر ۾ چيو وڃي ٿو. چي اسان جو جھاز چار ڏينھن اڻڪر تي ٻيٺو ان بعد بندرگاھ ۾ اندر آيو.

ڊوميسٽڪ فرج: جھاز تي ۾ ٿي ڪمرا، گوشت، مڇيءَ، ڀاڄيءَ ۽ ميوي کي ٿڏو رکڻ لاءِ ھوندا آھن. انھن ڪمرن کي جنھن مشين ذريعي ريفريجريٽر وانگر ٿڏو رکيو ويندو آھي ان کي 'ڊوميسٽڪ فرج' سڏجي ٿو. ڪڏھن ڪڏھن تہ ٻن ٽن مھينن جي سفر جو راشن اڳڪل چاليھ کن ريڊون، ٻڪريون ۽ ڏڪيون ھونديون آھن. ان خيال کان ڊوميسٽڪ فرج مشين تمام اھم سمجھي وڃي ٿي، جنھن جي خراب ٿيڻ تي سڄو گوشت خراب ٿي سگھي ٿو ـ جنھن کي پوءِ سمنڊ ۾ ئي اڇلڻو پوندو آھي ۽ نئين گوشت خريد ڪرڻ لاءِ ويجھي بندرگاھ جو رُخ رکڻو پوندو آھي.

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

عربي سمنڊ

23 سيپٽمبر 1968

ڪافي مدت بعد تنهنجا اوچتو ٿي چار خط ۽ ملڻ جا نياپا مليا. تہ ٻاهر وڃڻ ڪان اڳ تو وٽان سانگهڙ مان ٿي وڃان. منهنجو اهو خيال هو تہ امتحانن بعد سيني ڪان موڪلائي پوءِ ٻاهر ويندس. حيدرآباد پهتس ئي مس تہ مون ڪي جهاز تي اچڻ لاءِ اطلاع مليو. ڪنهن سان بہ موڪلائڻ بنا اچي جهاز تي چڙهيس. انهيءَ ڏينهن تنهنجا بہ ٻيا بہ خط مليا. (ڪٿي تنهنجو ڏنڏو ٻيهي تہ نہ ويو آهي ۽ ٻيڻاهه فرصت توکي خط پئي لکائي. پر يقين اٿم تہ ائين نہ هوندو، چوتہ تنهنجو چوڻ آهي تہ جيستائين بناسپتي گيهہ قائم رهندو تيستائين مريضن جي دڳهي قطار ڪڏهن نہ ڪُٽندي، ۽ ڊاڪٽر هميشہ مشغول رهندا) بهرحال تنهنجو خلوص قابل داد آهي. ڪراچيءَ مان تہ خط نہ لکي سگهيوسان، هاڻ سمنڊ تان ئي پيو لکان. اسان جو جهاز هن وقت چٽگانگ وڃي رهيو آهي. جتان پوءِ سڌو آمريڪا ويندا سين. رستي تي ممباسا (آفريڪا)، لاس پاماس ۽ پورٽ لوئس بہ ڪجهہ وقت ترسنداسين. واپسيءَ تي يورپ جهڙي ملڪن جهڙوڪ: انگلينڊ، فرانس، پولنڊ، يونان ۽ جرمنيءَ ڪان ٽيندا واپس ايندا سين.

اسان جو جهاز چگو وڏو آهي. رهائش سڄي ايئر ڪنڊيشنڊ آهي. مال بردار جهاز آهي پر ڪجهہ ڪٻنون مسافرن لاءِ بہ آهن، جن لاءِ هنن ڪي هوائي جهاز ڪان ٻيڻو ٽيڻو مهانگو پاڙو پرڻو پوي ٿو. ان ڪري گهڻو تڻو جهاز هلائيندڙ عملو هوندو آهي. آڻ هڪ مئرين انجنيئر جي حيثيت ۾ سفر ڪري رهيو آهيان. مون ڪان علاوه ٻيا بہ اٺ انجنيئر آهن جن ۾ هڪ چيف انجنيئر آهي. سڄو جهاز هڪ شهر مثل آهي جنهن ڪي نہ فقط لڳاتار هلائڻو پوي ٿو، پر بجلي جي لاءِ جنريٽر مشينري، ايئرڪنڊيشنگ لاءِ ايئرڪنڊيشنر پلانٽ، ڪاري مان منو پاڻي ناهڻ لاءِ ايواپريٽر Evaporator بٽالر، پمپ، ڪنڊينسر، ڪولر، فلٽر، تيل ڪي صاف

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪري انجڻ ۾ بارڻ لائق بنائڻ لاءِ پيوريفائرس ۽ ٻيون ڪيتريون مشينون آهن جن جي سار سنڀال لهڻ اسان جي ذميواري آهي.

وچ سمنڊ ۾ رستو ڳولڻ، سامان کي سنڀال سان رکڻ وغيره ڊيڪ آفيسرن جي ذميواري آهي، جنهن ۾ جهاز جو ڪئپٽن، چيف آفيسر ۽ ڪئڊٽن تائين اچي وڃن ٿا.

ان کان علاوه ڊاڪٽر، ريڊيو آفيسر، اليڪٽريڪل انجنيئر، بٽلر، پرسر، وائيو بورچي، نوڪر، مستري، تيل وارا، وغيره وغيره. پنهنجي جڳهه تي اهم حيثيت رکن ٿا.

اسان جي جهاز سومر جي شام جو ڇهين وڳي ڪراچيءَ مان لنگر کنيو. دنيا جي هر ملڪ جي جهاز تي چوويهن ڪلاڪن کي ٽن ڊيوٽين ۾ ورهايو ويو آهي. جنهن کي واچ Watch سڏجي ٿو. هر هڪ کي چار ڪلاڪ ڏينهن جو ۽ چار ڪلاڪ رات جو ڊيوٽي ڪرڻي پوي ٿي. هڪڙا انين کان ٻارهين تائين (ساڳيو وقت رات جو پڻ) ڊيوٽي ڪن، ٻيا ٻارهين کان ڇهين بجي تائين ۽ ٽيان ڇهين کان انين تائين. چيف انجنيئر جي ڊيوٽيءَ جو وقت مقرر نه هوندو آهي، ان کي فقط ايمرجنسيءَ جي حالت ۾ صلاح مشوري لاءِ سڏيو ويندو آهي. اسين ٻارهين کان چار، ڊيوٽي ڪيون ٿا. اها واچ سي کان ڏکي سمجهي وجي ٿي جو اهو وقت، رات توڙي ڏينهن جو، سمهڻ جو ٿئي ٿو.

آءٌ شام جو ڇهين بجي تائين ڊيوٽي ختم ڪري انجڻ بلڪل هلڻ لاءِ ٺيڪ ڪري، ڊنر کائي اچي سمهي رهيس. ان وقت ڪناري جي ماڻهن جو ڪافي گوڙ شور ۽ گهما گهمي هئي. مزور سامان چاڙهي رهيا هئا. وڃڻ وارن کي خدا حافظ چوڻ وارا ٻار، عورتون ۽ مرد هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيا هئا. ان کان علاوه ڪسٽم وارا، بندرگاهه وارا، اسانجي هيڊ آفيس وارا ۽ پوليس ڦري رهي هئي. مطلب ته ميلو لڳو پيو هو. اسين جهاز تي وڃڻ وارا ڪل سؤ ماڻهو به نه هئاسين، پر ڇڏڻ ۽ موڪلائڻ وارا هزارن جي تعداد ۾ هئا. اسان جي جهاز جا ڪمرا اهڙا آهن جو جيڪڏهن بند ڪري پڙدا ڏيئي ڇڏجن ته اونداهه ٿيو وجي ۽ ائين

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

محسوس نہ ٿيندو آهي تہ ٻاهر ڏينهن آهي يا رات. ان ڪري رات جي ڏيوٽي وارا ڏينهن جو آسانيءَ سان سمهي سگهن ٿا.

هن وقت منهنجي اک ڪلي آهي. رات جا ڏهہ ٿيا آهن ۽ آءٌ توسان مخاطب آهيان. جهاز تي بلڪل خاموشي لڳي پئي آهي. فقط جهاز جي انجڻن ۽ سمنڊ جي چولين جو آواز اچي رهيو آهي. چؤطرف سمنڊ ئي سمنڊ لڳو پيو آهي. اٽاهہ سمنڊ ـ شايد شاهہ لطيف هن سمنڊ لاءِ چيو آهي:

”سيوا ڪر سمونڊ جي، جت جر وهي ٿو جال
سئين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو جڙئي مال، تہ پوڄارا پر ٿئين.“

اسان ڪراچي گهٽو پري ڇڏي آيا آهيون، ايتريقدر جو ڪا بتي ٻہ نظر نہ ٿي اچي. اتفاق سان هن جهاز جا ڪيترائي آفيسر منهنجا پراڻا ڪاليج جا دوست آهن. سندن مزيدار ڳالهيون ڪنهن ٻئي خط ۾ لکندس.

هن وقت اسان جو جهاز وڏيڪ ڪلئي سمنڊ ۾ پهچي رهيو آهي. جيئن جيئن جهاز ڪلئي سمنڊ ۾ اچي ٿو، تيئن تيئن وڏيڪ لوڏا محسوس ٿي رهيا آهن. وڏيون وڏيون لهرون جهاز سان ٽڪرائي رهيون آهن. نندا جهاز ۽ ٻيڙيون تہ هيستائين اچي نٽيون سگهن، ان ڪري اهي اڪثر ڪنارو ونيِ هلن. اسان جو جهاز آفت جيڏو آهي. پر ان هوندي ٻہ هڏي سمنڊ جي مقابلي ۾ هڪ هلڪي چوڏي وانگر لڳي ٿو. Sea Sickness بيماري، جهاز جي لوڏن ۽ سمنڊ جي جوش جي ڪري ٿيندي آهي، جنهن ۾ الٽيون ايندڙون آهن، مغز ڦرندو آهي، سا اجا تہ نہ ٿي آهي پر بمبئي جي ويجهو پهچي شايد سڀني کي ٿئي جو اتان کان ڪولمبو تائين خليج بنگال ۾ ٻڌجي پيو تہ پاڻيءَ ۾ ڏاڍو جوش آهي. هن وقت اسان جو جهاز ڪولمبو (سلون) ڏي وڃي رهيو آهي. ان بعد مٿي اتر ڏي چٽگانگ طرف رُخ رکندو. رستي تي ڪولمبو نہ ترسندو ۽ سڌو چٽگانگ ستين ڏينهن لنگر ڪيرائيندو. اسان جي جهاز جي ڪافي اسپيد آهي، نہ تہ ٻيا جهاز ڏهن پندرهن ڏينهن بعد مس ٿا پهچن. هي خط مان توکي چٽگانگ پهچڻ سان پوسٽ ڪندس.

ٻارهين آڪٽوبر ڏاري ڇٽگانگ کي الوداع ڇئي آمريڪا روانا ٿيندا سين. رستي تي ممباسا (آفريڪا) مان تيل ونڊاسين. ٻڌجي پيو ته جدي ۽ ٻين هنڌن تي به ڪم سانگي ٿورا ٿورا ڏينهن ترسون. تون مون کي هميشہ ڪراچيءَ واري ائڈريس تي خط لکجانءِ. منهنجو جهاز جنهن به بندرگاهہ تي هوندو، اتي ڪراچيءَ وارا پاڻيهي سپ خط موڪلي ڏيندا. ڇگو يار، هن وقت رات جا ٻارهن ٿيڻ وارا آهن ۽ مونکي جهاز جي انجڻ جي چارج ڇئين بجي تائين سنياڻي آهي ان بعد وڏيڪ لکندوسانءِ.

ـــ جهجهي پيار مان

عربي سمنڊ

1968.9.25ع

هڪ خط ٽيون ڏينهن لکيو اٿم،پوءِ اچي Sea Sickness ٿي. ڏاڍيون الٽيون ايندیون رهيون ۽ ڪالهه تائين طبيعت خراب هئي. هونءَ هن ساموندي بيماريءَ کان بچڻ لاءِ چند اصول آهن، جهڙوڪ، پاڻيءَ جهڙيون شيون گهٽ پيئجن، هميشه ڪم ۾ رڌل رهجي، تازي هوا ۾ رهجي ۽ جيترو ٿي سگهي پيٽ ڀري کائجي، ڇو جو خراب حالت هيڪاري تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن خالي پيٽ تي ڪو الٽيون ڪرڻ چاهي ٿو. هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه تائين هلڻ لاءِ هر هنڌ ريلنگ لڳل آهن. انهيءَ هوندي به هر ڪو ائين جهومندو آهي جڙ نشي ۾ هجي. ڪڏهن ڪڏهن ته اهڙي حالت هوندي آهي، جو شيو به نه ڪري سگهبي آهي، هٿ ڇڏڻ بنا وهنجي نه سگهبو آهي، نه نماز پڙهي سگهبي آهي. صبح جو ناشتو ڪندي ميس ۾ بن جڻن جي ڪرسين جا بيلٽ نڪري ويا ۽ ڪرسين سميت وجي پٽِ سان لڳا.

جهاز جيڪڏهن اڳيان پويان هيٺ مٿي ٿئي ته ان کي پچنگ Pitching ۽ جيڪڏهن ساڄي کان کاٻي هيٺ مٿي ٿئي ته ان کي رولنگ سڏجي ٿو. ڪڏهن رولنگ ۽ پچنگ ٻئي گڏ ٿيندیون آهن، ۽ اها جهاز جي خراب حالت ليکي وجي ٿي. هن وقت صبح جا پنج ٿيا آهن. اڄو صبح نروار ٿي رهيو آهي، چؤطرف رڳو سمنڊ ئي سمنڊ آهي. ڏرتيءَ جو سڄو گولو ڇڏو نظر اچي رهيو آهي - جهڙو وڏو ٽالهه جنهن جي وچ ۾ اسان جو جهاز ماکوڙي مثل جيئڻ جا جتن ڪري رهيو آهي. ڪراچي ڇڏئي اٽڪل ٻه ڏينهن ۽ ٻه راتيون اچي ٿيون آهن، پر اجا زمين جو ٽڪرو پري کان به نظر نه آيو آهي. ٿوري دير اڳ جيئن ڏيوتي ڪري مٿي آيس ته ان وقت هڪ يوناني جهاز نظر آيو جو شايد بمبئي کان آفريڪا ڏي وجي رهيو هو. ان سان ٿوري دير سگنل ذريعي ڳالهه ٻولهه ٿي، پر پوءِ جلد هڪ ٻئي کان پري ٿي وياسين. ائين لڳو جڙ دنيا جي گولي پنيان هو جهاز ڪري پيو ۽ هاڻ وري چؤڌاري ساڳيوسمنڊ ئي سمنڊ آهي. صبح جو جنهن وقت سج جو سونو سڪو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آهستي آهستي ٿي نڪرندو آهي، ان وقت اهو نظارو ڏسڻ وٽان هوندو آهي، ائين لڳندو آهي، جڻ سج سمنڊ جي سيني مان نڪري رهيو آهي. اسان جي جهاز تي ڪجهه مسافر به آهن ۽ ڪجهه آفيسرن جون فئمليون پڻ. هڪ ايراني ننڍو ٻار آهي، ان کي رڳو اهو فڪر آهي ته سج وسامي ڇو نه ٿو. هن کي ڪير سمجهائي، جڏهن هو خود پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو آهي ته سج زمين جي گولي پنيان نه، پر سمنڊ جي پاڻيءَ مان نڪري رهيو آهي.

ڪراچي ڇڏڻ وقت هڪ جهڪي اسان جي جهاز تي رهجي وئي، هاڻ ته سوگهي آهي، ڪيڏانهن وجي به نه ٿي سگهي. چؤطرف سمنڊ آهي. ڪيترو اڏامي ۽ ڪيڏانهن وجي. بهرحال سڄي عملي لاءِ وندر ٿي پئي آهي ۽ فرصت جي وقت ٽيبل ٽينس يا ٻي ڪا راند ڪيڏڻ بدران ان جهڪيءَ کي قاسائڻ لاءِ شرطون لڳنديون آهن، پوءِ سڄي جهاز تي ڊوڙون هونديون آهن. جهڪي ويچاري به حملي کان بچڻ لاءِ جهاز کي الوداع چئي، ٿورو پنڌ سمنڊ ۾ اڏامي ٽڪجي وري موٽي ايندي آهي. وري اڏايو ويندو اٿس، تانجو ٽڪجي اچي هٿن ۾ پوندي آهي.

هن وقت اسان ڪولمبو جي ويجهو بين الاقوامي پاڻيءَ مان لنگهي رهيا آهيون. هر ملڪ جي ڇؤگرد پندرهن ويهن ميلن تائين سمنڊ سندس حد سڏيو وڃي ٿو، ان بعد بين الاقوامي سمنڊ ليکيو وڃي ٿو ان لاءِ الڳ بين الاقوامي پوليس (انٽرپول) ۽ ادارا آهن. هينئر اسان ڪراچيءَ کان ايترو ته پري آهيون، جو 'ميڊيم ويو' تي ريڊيو ڪراچي ٻڌڻ ۾ نه ٿي اچي پر هندستاني اسٽيشنيون صاف ٻڌڻ ۾ اچي رهيون آهن. اڄ منجهند ڏاري ڪجهه زمين جا ٽڪرا نظر ايندا جي 'مالديپ ٻيٽ جا آهن' ۽ ان بعد 'نڪوبار' ٻيٽ آهن، جتي انگريز سرڪار جي ڏينهن ۾ ڪاري پاڻيءَ جي سزا لاءِ قيدين کي موڪليندا هئا.

هتي جهاز تي سيني کي استعمال جي هر شيءَ چادر، ٽوال کان صابڻ وغيره فري ملي. ان کان علاوه هر جهاز تي ڪئنٽين (Bond Store) پڻ ٿئي جنهن ۾ ڪافي ٻاهر جون شيون، سستي اگهه تي ملن. هڪ شيءَ قابل غور ۽ ذڪر آهي ته ڪناري تي رهندڙن جو نيوي وارن بابت اهو خيال آهي ته نيوي ماڻهوءَ کي خراب بنايو ڇڏي. هو خراب عادتون سکي ٿو. پر اهو بلڪل غلط آهي. اسان جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جهاز تي ڪي اهڙا به آفيسر ۽ ملاح آهن، جن کي سمنڊ تي رهي ٽيهه ٽيهه سال ٿي ويا آهن پر هو شراب ۽ سگريٽ کي هٿ لاهڻ بنا به جي رهيا آهن. سو اهو بلڪل غلط آهي ته شراب وغيره پيئڻ سان ماڻهو مادرن ٿئي ٿو يا ٻاهرين ملڪن ۾ رهڻ لاءِ شراب ضروري آهي. هونءَ دنيا جا تاجر ۽ مسافر اسان جي ملڪ جي جهازران ڪمپنين (هوائي توڙي ساموندي) جي ان ڪري به تعريف ڪن ٿا جو اسان وٽ اهي حادثا نہ آهن جيڪي ٻين ملڪن جي جهاز ران ڪمپنين ۾ شراب جي مستيءَ ۽ عالم ۾ ٿين ٿا.

ـــــــ فقط تنهنجو.

خليج بنگال

سلون ٽيون ڏينهن چڏيوسين، ان وقت منهنجي ڊيوٽي هئي. جڏهن جابلو علائقي واري سمنڊ يا بندرگاهه مان لنگهبو آهي تہ جهاز ڏاڍو خبرداريءَ سان هلائڻو پوندو آهي، چو تہ جهاز ۾ بريڪ تہ ٽئي ڪانہ. بريڪ جو ڪم ونڊ لاءِ جهاز جي انجڻ کي بيهاري، پنيان هلائيندا آهيون. ائين ڪرڻ سان جهاز کا گهڙي هڪ هنڌ بيهي رهندو آهي، جيسين اڳيان هلڻ واري طاقت وجائي ويهي. جيستائين جهاز کلئي سمنڊ ۾ اچي، تيستائين هڪ هڪ سيڪنڊ خبردار رهڻو پوندو آهي. سڄو وقت ڪنٽرول روم (برج) سان ٽيليگراف ۽ ٽيليفون ذريعي رابطو قائم رکڻو پوندو آهي. ان وقت ٻن بدران هڪ ئي وقت پنج انجنيئر جدا جدا ڊيوٽين تي هوندا آهن. ان کان علاوه ستن اٺن جڻن تي مشتمل ٻيو مددگار عملو هوندو آهي، جن ۾ فٽر، مستري، تيل وارا، باهہ وارا هوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن هڪ منٽ ۾ يڪا چار دفعا بہ ٽيليگرام ملندي آهي، جنهن ۾ جهاز کي، 'اڳيان'، 'پويان'، 'اڳيان آهستي'، 'پويان آهستي'، 'اڳيان تمام آهستي'، 'پويان تمام آهستي'، هلڻ ۽ هڪ هنڌ بيهڻ لاءِ چيو ويندو آهي ۽ ساڳئي وقت عمل سان گڏ اهي سڀ جهاز جون حرڪتون لکيون بہ ويندين آهن، تہ ڪهڙي وقت ڪهڙي ٽيليگراف آئي ۽ جهاز ڪيترو هليو، جيئن حادثي ۾ ڪورٽ کي پنهنجي پوزيشن کان آگاهہ ڪري سگهجي.

اسان پنهنجو وقت توهان جي وقت کان هڪ ڪلاڪ اڳ ڪري چڏيو آهي. هن وقت اسان دنيا جي جنهن حصي ۾ آهيون اتي سج، چند، تارا ڪلاڪ ڪن اڳ ايرن ۽ لهن ٿا. جيڪڏهن ايرندي طرف وڃبو آهي تہ ٽائيم وڌائبو آهي، جيڪڏهن الهندي طرف وڃبو تہ ٽائيم گهٽائبو. هن وقت هتي صبح ٽي ڇڪو آهي پر توهان وٽ اڃا رات هوندي. ٿوري دير اڳ پنهنجي ڊيوٽي ختم ڪري انجڻ جي چارج 'چئين بجي کان انين بجي تائين ڊيوٽي انجنيئر' کي ڏيئي آياسين. آڻ ۽ منهنجو ساٿي انجنيئر 'زمان' ڊيوٽي ختم ٿيڻ بعد روز جهاز جي عرشي تي پنا اگهاڙا ڪري فقط نڪر پائي اچي ليٽندا آهيون، جيسين صبح ٽئي. انجڻ روم جي

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گرميءَ مان نڪري ڪلي آسمان هيٺ، جهاز جي ٽڏي ٽڏي فرش تي ليٽڻ ۾ ڏاڍو لطف ايندو آهي. ٽڏي ٽڏي هوا پئي لڳندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن سنهي بوند به پئي وسندي آهي. ان کان علاوه جڏهن سمنڊ جي ڪا وڏي لهر جهاز سان ٽڪرائبي آهي ته ان جا چندا بارش وانگر اڇي لڳندا آهن. آسماني بارش ۽ سمنڊ جي چنڊن ۾ فقط اهو فرق آهي ته هڪ پاڻي منو آهي ته ٻيو کارو. سمنڊ جي پهرين چنڊي لڳڻ سان ئي اسين اکيون ۽ وات بند ڪري ڇڏيندا آهيون. جڏهن بارش نه هوندي آهي ته چانڊوڪيءَ ۽ تارن جي روشنيءَ ۾ سامونڊي چولين جي گجي چمڪندي آهي. چؤطرف ڇٽ چانديءَ جا ننڍا جبل اڀرندا نظر ايندا آهن ۽ جهاز جي لوهي بدن سان ٽڪرائي پنهنجو وجود وڃائيندا آهن. جهاز ائين جهومندو آهي جيئن ڪو موالي ڇُڪو وڌيڪ پي وينو هجي. اسان کي ائين ڪڏهن به محسوس ڪونہ ٿيندو آهي ته ڪو اسان آفت جيڏي جهاز تي آهيون پر لڳندو آهي ته ڇٽ هي جهاز نہ پر ڪاڻ جو ننڍڙو تختو هجي، جو انڇٽ جي زور تي نہ، پر لهرن ۽ هوائن جي رحم ۽ ڪرم تي اڀرندي وڏي رهيو آهي. ڪجهہ وقت ته اسين خاموش ستا پيا هوندا آهيون ۽ پيا ٽڪ ڀڃندا آهيون. پوءِ زمان چشمو لاهي، اونڌو ليٽي ڳائڻ شروع ڪندو آهي، 'دم دم ڊيگا ڊيگا ـ موسم پيگا پيگا ـ بن پئي مين تو گرا مين تو گرا هائي الله ـ صورت آپ کي سبحان الله !'

پهرين رات به اهو گانو ٻڌايائين، پي رات به اهو گانو،پوءِ روز روز اهو ساڳيو گانو ٻڌائيندو رهيو. ڪالهہ آخر چيومانس ته يار ٻيو به ته ڪو ٻڌاءِ.

"چو اهو پسند ناهي چا....؟" زمان پڇيو.

"پسند ته ڏاڍو آهي، خاص ڪري ههڙي موسم ۽ سمي ۾."

"مون کي به ڏاڍو پسند آهي" زمان وراڻيو.

چپ ٿي ويس. اڄ وري جڏهن اهو گانو ڳائي بس ڪيائين ته چيومانس: "لالا، چا ڳالهہ آهي. ان گاني جو جلاب ورتو اٿئي چا...؟" ٽڏو ساهہ ڪڍي چيائين: "بس يار ڪهڙيون ٿو خبرون پڇين، 'هنڊ او سڙي جتي او برِي'."

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سمجهي ويس تہ اسان جو دوست عشق جي چڪرن ۾ آهي. مون نٹي چاهيو تہ وڌيڪ ڪيس چوريان. ڈينهن ٹي وجي ها. سخت ننڊ اچي رهي هئي ۽ عشق محبت جا داستان اوترائي طويل ٹيندا آهن جيترو سندن وجود قليل ٹيندو آهي.

"ڪير آهي استاد اها پري چهره؟"

پر خبر ناهي ڇو منهنجي وات مان اوچتو نڪري ويو ۽ پڇي وينس. پر خوش نصيبيءَ سان داستان ايترو ننڍو هو، جيترو ان پري چهري جي هن ننڍي جهاز تي ننڍڙي Stay. لنڊن کان هيءَ ايراني ڇوڪري سنگاپور لاءِ پئسنجر جي صورت ۾ چڙهي هئي. ممباسا تائين خاموش رهي. ڪراچي پهچڻ سان پهريون دفعو هن مسڪرايو ۽ سنگاپور تائين روز هن وقت هوءَ ٻاهر عرشي تي پيل ڪاٺ جي بئنچ تي اچي ويهندي هئي. اسان جو دوست مٹيون گانو ڳائيندو هو. يعني 'صورت آپ کي سبحان الله'.

۽ پوءِ هوءَ ايراني لهجي ۾ ڳائيندي هئي: "سو گيا سارا زمانہ نيند کيون آتي نهين!" (ظاهر آهي، نہ ڪم نہ ڪار سڄو ڈينهن آرام ڪرسيءَ تي ويهي، سمنڊ جون لهريون ڈسبيون يا چورن وانگر ڈينهن جو ننڍون ڪبيون تہ رات جو ننڊ ڪيئن ايندي؟ سوچڻ جي ڳالهہ آهي) پر اسان جو دوست ان خوشفهميءَ ۾ مبتلا تہ ڪيس سندس عشق جاڳائيندو هو. اف هي خوش فهميون جن جي بنا تي دلبر جي جفائن کي بہ ادائون سمجهيو ويندو آهي. عارضي خوشي ۽ دل جي عارضي سڪون خاطر انسان خوشفهميءَ کي ائين ڇهٹي پوندو آهي، جيئن ڪو اونهي سمنڊ ۾ ٻڌندڙ چند گهڙين جي سڪون خاطر ڪنهن لنگهندڙ وڏي مڇي جي پڇ کي قابو جهليندو آهي، جا ٹورو اڇٹي هلي ڪيس ڳڙڪائي ڇڈيندي آهي. جنهن کي هو محبوب ۽ ديوتا سمجهي پوجا ڪندو آهي، ان جي ئي پينٹ چڑهندو آهي. اڇڪلهہ هرشيءِ جو قدر ڪيترو نہ تبديل ٹي چڪوآهي. نازڪ صنف جي هڪ مختصر مسڪراهٹ کي اسان محبت سمجهي ويهندا آهيون. بن منن بولن کي پيار سمجهي ويهندا آهيون ۽ خوشفهميءَ جو شڪار بنجي ويندا آهيون. اڇڪلهہ شايد بين شين وانگر محبت ۾ بہ ملاوٹ آهي يا اسان کي هن جي حقيقت معلوم ڪندي اذيت ٹئي ٹي. چا اسان جي دوست جي محبت سندس دل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٹ محفوظ

تائين محدود ۽ مقيم آهي يا اديءَ کي خبر نہ چار، ادي کي عشق انڌو ڪيو. بهرحال جهڙي طرح توهان وٽ تندرست ٽيٽ تي مريض کي اسپتال جو بسترو چڱڻو پوندو آهي، ساڳي طرح اسان وٽ منزل اچڻ تي مسافر کي ڪٽبن چڱڻي پوندي آهي. سنگاپور بعد هوءَ صرف يادن جا ديرِ چڱي وئي.... "ان ڏينهن کان پوءِ مون کي هرروز ائين لڳندو آهي جڻ هوءَ سامهون بئنچ تي ويني آهي ۽ وينِي ڳائي" زمان ٻڌايو....

مون چشمو لاهي صاف ڪري وري پاتو. چتائي ڏنو تہ مون کي ڪجهہ نظر نہ آيو، بئنچ خالي هئي. هڪ وڏي لهر آئي جنهن جا چنڊا سڄي بئنچ کي ڏوئي ويا. مون وري ان بئنچ ڏي ڏنو. مون کي ايراني دوشيزه کان بہ خوبصورت، زياده حسين چوڪري ڪجهہ گهڙين لاءِ نظر اچي غائب ٿي وئي.

گهڻي دير چپ ڏسي دوست چيو، "يار تون بہ تہ پاڻ بابت ڪجهہ ٻڌاءِ، ضرور تنهنجي زندگيءَ ۾ بہ بهار آئي هوندي."

"نہ." مون اڇل مان جواب ڏنو مانس.

"ڪوڙ ٿو ڳالهائين. اها زندگي نہ آهي، جنهن ۾ بهار نہ اچي."

"افسوس جو ان سوال جو معقول جواب ڏئي نہ ٿو سگهان. عرض هي آهي تہ منهنجي زندگي حيدرآباد يونيورسٽيءَ اڳيان بينل سڪل وٽن وانگر خشڪ آهي. دل جي چمن ۾ ڪا باد صبا نہ لڳي آهي."

"ضرور ڪو تارو تو لئہ بہ ڪڙيو هوندو. ڏس آسمان ۾ ڪيترا انيڪ تارا آهن."

"شايد. ۽ منهنجي زندگيءَ جا سيئي غريب لمحا ان جي روشنيءَ کي پسي مڪمل ٿي وڃن ها، پر جلدي اهو غائب ٿي ويو، اهو ستارو نہ، پر ڪو آمريڪا جو چڱيل مصنوعي تارو هو. هڪ الڳ منزل طرف پنهنجي الڳ راهہ وٺي ويو. ڪنهن بي دنيا جي ڪشش هن کي پاڻ طرف ڇڪي ورتو. ان بعد آڪاش هميشہ ڪڪرن سان ڇانيل رهي ٿو. ڪڪرن جا بہ ڪيترائي قسم آهن مثال طور ٽربيولينس Turbulence ڪڪر، آرٽوگرافڪ ڪڪر وغيره. ڪڪر تمام خطرناڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿيندا آهن. وچ ۾ آڏا ٿي بيهندا آهن. غريب تارن جي روشني فنا ڪري ڇڏيندا آهن ۽ دنيا جي رهواسين کي تاريڪ راهن ۾ ٽٽڪ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيندا آهن.“

ڪجهه گهڙين لاءِ خاموشي تاري ٿي وئي. آهستي آهستي رات جي اونداهي غائب ٿي، اڇو صبح ٿي ويو. اسان ٻئي اتي بيهي نئين ڏينهن جي تازي ڇاول سج کي ڏسڻ لڳاسين. ٿوري دير بعد سج سمنڊ جو پيٽ ڦاڙي ٻاهر نڪتو ۽ سڄو سمنڊ روشن ٿي ويو. هڪ معصوم ٻار وانگر سج جو منهن چمڪي رهيو هو. ڪابي پاسي آسمان ڪڪرن سان ڇانيو پيو هو. هڪ وڏو ڪارو 'وول پئڪ' (Wool Pack) ڪڪر اڳتي وڌيو ۽ سج کي ڪارو ڪري ڇڏيو. ان ڪاري وڏي ڪڪر کي ڪجهه به خيال نه ٿيو..... نه اسان جو نه سج جو. ڪاش ڪيس خبر هجي ها ته اسان کيتري چاهه سان، کيڏي محبت سان، کيڏي پيار مان ان نئين ڇاول معصوم سج جو انتظار ڪري رهيا هئاسين.

ادا، هن وقت اسان جو جهاز خليج بنگال ۾ تري رهيو آهي. هتي هميشه پاڻيءَ ۾ جوش هوندو آهي. اڪثر هتي طوفان لڳندا آهن جي اڳتي هلي بنگال جي ساحلي علائقي تي حملو ڪندا آهن. ڪولمبو ڇڏڻ بعد وري زمين نظر نه آئي آهي. ڇوڪرف وري ساڳيو پاڻي ئي پاڻي آهي. نقشي ۾ جيڪڏهن ڏسندين ته توکي معلوم ٿي ويندو ته دنيا جو فقط هڪ حصو زمين آهي ۽ ٿي حصا پاڻي. مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته هن دنيا جو نالو ڏرتي ڇو رکيو ويو. پراڻي زماني جا ماڻهو به عجيب هئا. پنهنجي آسپاس ٿوري زمين ڏٺائون ته دنيا جونالو ڪٽي ڏرتي رکيائون. کين هن دنيا جو نالو 'ساگر' رکڻ ڪپندو هو.

هي ساموندي زندگي بلڪل مختلف آهي. خاص ڪري انهن ماڻهن لاءِ جيڪي تنهائي پسند ڪن ٿا. دنيا جي جهنجهٽن ۽ رسم و رواج جي قيد کان آزاد زندگي آهي. ڇوڪرف پاڻي ئي پاڻي ۽ اڪيلائيءَ ۽ تو وٽ ڇوڪرف زمين.

”تو مار جولي باتي ـ تو مار گهوري شاتي
(تو وٽ چراغ ٻري ٿو ۽ گهر ۾ ساٿي به آهي)
تو مار اڇهي ڊانگا امار اڇهي جول
(تو لاءِ زمين آهي ۽ مون لاءِ پاڻي)

تو مار بوشي ٽاڪا امار چولا چول
(تولاءِ آرام آهي مون لاءِ هميشہ جوهلڙ.) ـ ٽئگور

سياڻي اسان کي زمين نظر ايندي، جا بنگال جي سرزمين آهي. ٽئگور جو ديس، نظرالاسلام جو ديس. اها ڏرتي جتي مون جهاز هلائڻ جي هنر جي بنيادي تعليم ۽ سکيا حاصل ڪئي. چٽگانگ مون لاءِ ايترو ئي پياروآهي جيترو پيٽارو. گهٽن ڏينهن بعد جڏهن زمين جو ڪنارو ڏسڻ ۾ ايندو آهي تہ ان وقت ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي. زمين جي نظر اچڻ کان اڳ 'سي گل' Sea-Gull پکي نظر ايندا آهن. جي ڪبوتر کان وڏا اڇي رنگ جا ٿين. اڏامي بہ سگهن تہ تري بہ سگهن. گذران لاءِ پاڻيءَ ۾ ٽبي هڻي مڇيون ڦاسائي کائين يا جهاز تان اڇليل بچيل کاڌو کائين. هي ڪڏهن ڪڏهن تہ سؤسؤ ميلن جو مفاصلو بہ طيءِ ڪري ايندا آهن. پوءِ جهاز سان گڏ ڪناري ڏي اڏامندا آهن. ٽڪجي پوندا آهن تہ وري ترڻ شروع ڪندا آهن. اڇڪلهہ رستي ڳولڻ لاءِ جهاز تي انيڪ قسم جا اوزار ۽ آلا آهن، پر پراڻي زماني ۾ ۽ اڄ بہ پراڻي قسم جا ماڻهو، جهاز وارا يا ٽيڪيل مسافر، هنن پکين کي ڏسي خوشيون ملهائيندا آهن تہ هاڻي زمين ويجهي آهي، ۽ صحيح رستو ونڊي آيا آهيون. هن پکيءَ کان علاوه هڪ مڇي جيڪا 'گڏهہ مڇي' جي نالي سان سڏبي آهي ۽ ان کي مارڻ ڏوهہ سمجهيو وجي ٿو، جڏهن جهازن جا حادثا ٿيندا آهن تہ هيءَ مڇي ٻڏندڙن جي ڇوڪرد ڦرندي آهي ۽ بچائڻ ۾ مدد ڪندي آهي.

چگو وڌيڪ ٻئي دفعي. ڊيوٽيءَ جو وقت ٿي ويو آهي، چئن ڪلاڪن لاءِ جهاز هلائڻ جي منهنجي واري هاڻ اچي وئي آهي.

ـــ تنهنجو پنهنجو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪولمبو (سلون)

اسان جو هتي ڪولمبو اچڻ جو پروگرام بلڪل ڪونہ هو، پر تيل وٺڻ خاطر بہ ڏينهن لاءِ ترسيل آهيون. هاڻي ممباسا مان تيل نہ ونڊاسين. اسان جي جهاز تي روزانو تيل جي کپت اٽڪل ٽيهہ ٽن ڪن آهي. جهاز ۾ تيل لاءِ ڪافي جڳهہ ٽئي ٽي ۽ اٽڪل پنڌرهن سؤ ٽن رکي سگهجي ٿو، جو پنجيتاليهہ ڏينهن لاءِ ڪافي آهي. هاڻي جيڪر اسان چاهيون تہ رستي تان تيل ڪٽن بنا آمريڪا تائين وڃي سگهون ٿا. آمريڪا پهچڻ لاءِ بہ رستا آهن، هڪ تہ هي هندي وڏو سمنڊ ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙي وڃون يا جپان پاسي کان ڦري پئسفڪ سمنڊ جهاڳي وڃون. پهريون رستو ٿورو ڏکيو آهي، جو ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ گهٽو ڪري جوش ۽ طوفان ٿا رهن پر جيئن تہ اهو ننڍو آهي سو اهو اختيار ڪنداسين. پئسفڪ سمنڊ تمام مانو آهي پر وڏو هئڻ ڪري وڏو ڦيرو ڪرڻو پوندو، جو جهاز جي ڪمائيءَ جي لحاظ کان مناسب نہ رهندو. دنيا ۾ سڀ کان خراب سمنڊ ائٽلانٽڪ آهي. جهڙو تهڙو جهاز تہ اهو پار ڪري نٿو سگهي. ڪڏهن ڪڏهن تي اتي ايڏيون وڏيون چوليون اڇن ٽيون جو پاڻي جهاز مٿان لنگهي ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪمزور ۽ پراڻا جهاز (خاص ڪري تيل جا جهاز (Tanker) جي ڪافي ڊگها ٽين ٿا) هن سمنڊ ۾ چولين جو مقابلو نہ ڪندي، وچ مان بہ اڏ ٽيو پون. ان کان علاوه طوفان ۽ مستقل سخت هوائون وڏن وڏن نيويگيٽرن جون بہ وايون بتال ڪريو ڇڏين. شايد اهو ئي سبب آهي، جو انسان هن سمنڊ تي دير سان ۽ آخر ۾ فتح حاصل ڪئي ۽ سڄي دنيا گولڻ بعد هي سمنڊ لتاڙي آمريڪا کنڊ کي لڌو ويو. اڳئين زماني ۾ اهو سمجهيو ويندو هو تہ هن سمنڊ جو ڪو ڪنارو نہ آهي ۽ اتي وڃي ڇوڙ ڪري. جتي وڃي دنيا دنگ ٿئي ٿي. پر پوءِ هن سمنڊ پار ڪرڻ بعد معلوم ٿيو تہ ڌرتي گول آهي.

اسان ڪولمبو مان ڪيترن ئي قسمن جو تيل ونڊي رهيا آهيون. جنهن تيل تي جهاز واري انجڻ هلي ٿي، ان کي مئرين آئل يا هيوي آئل Heavy Oil سڏجي ٿو جيڪو بلڪل ڪچو، جنهن صورت ۾ زمين مان نڪري ٿو، ذري گهٽ ان ۾

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ورتو وجي ٿو. اهو سستي ۾ سستو ٿئي. شڪل ۽ پاڻيٺ ۾ بلڪل ڏامر جهڙو، ان کي صاف ۽ پٽڻو ڪري استعمال ۾ آڻڻ لاءِ اسان وٽ جهاز تي الڳ مشينون آهن. جهاز جا جنريٽر، لائيف بوٽ انجڻ ۽ ايمرجنسي فائر پمپ وغيره ڊيزل آئل تي هلن جو عام ڊيزل آئل سان ملندڙ جلندڙ ٿئي ٿو ۽ ڪافي مهانگو ٿو پوي. انهن کان علاوه مختلف مشينن کي چڪنو رکڻ لاءِ مختلف ليوبريڪيشن آئل Lubrication-oil آهن. مثال طور: ملينا، اليڪسيا، تلپا، تلونا، وغيره وغيره....

اسان جي جهاز کي جيڪا انجڻ هلائي ٿي، ان جو نالو Sulzer آهي. هيءَ نَوَ هزار ڇهه سؤ هارس پاور جي آهي. انهيءَ طاقت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته هي اسڪوٽر ۽ موٽرسائڪلون فقط اڌ ڪان ڏيڍ هارس پاور تائين مَس ٿين. ان انجڻ کان علاوه چار وڏا جنريٽر آهن. جنريٽر جو ڪم آهي اليڪٽرسٽي پيدا ڪرڻ، جنهن تي ٻيون ننڍيون ننڍيون مشينون، انجڻيون ۽ پمپ هلائيندا آهيون. اهي مڙئي جنريٽر ايتري اليڪٽرڪسٽي پيدا ڪري سگهن ٿا جا هڪ ڳوٺ لاءِ ڪافي آهي ۽ انهن کي لڳاتار مهيني ٻن لاءِ بنا روڪڻ جي هلائي سگهجي ٿو. سمنڊ تي هوندا آهيون ته ٻه جنريٽر هلائيندا آهيون نه ته بندرگاهه ۾ هڪ ڪافي رهي ٿو. سرد ملڪن ۾ تيل ۽ پاڻيءَ کي گرم ڪرڻ لاءِ Boilers آهن جن ۾ طاقتور ٻاڦ پيدا ڪري سگهجي ٿي. اهي پڻ ڊيزل آئل تي ٻاريون. ان کان سواءِ جهاز جا بورچيخانا ۽ بيڪريون پڻ ڊيزل آئل تي يا الڪٽرڪ تي هلن. سڄي انجڻ روم پنج ماڙ آهي ۽ ايڏي ڪشادي آهي، جو هڪ ئي وقت جيڪر پنج سؤ کان ٻه مٿي موٽر ڪارون هڪ ٻئي مٿان ۽ پاسن کان بيهاري سگهن ٿيون.

ڪولمبو قدرتي طرح اهڙي هنڌ تي آهي، جتان اٽڪل هر جهاز جو لنگهه ٿئي ٿو. هتي تيل جون وڏيون وڏيون ڪمپنيون آهن ۽ بنا ڊيوٽي ۽ ٽئڪس جي تيل وڪامي ٿو، ان ڪري هر وقت هتي جهازن جي قطار لڳل هوندي آهي. اسان جي جهاز جي هڪ پاسي انگريزن جو مال بردار جهاز بينو آهي ۽ ٻئي پاسي يوناني جهاز آهي. ڪوبه گدلو جهاز ڏسين ته يوناني سمجهجهانءِ. انهن تي هر قسم جا ماڻهو ملندءِ. انهن تي ڪوبه ڊسيپلين نه هوندو آهي ۽ اڪثر مست جهاز سڏيا ويندا آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

لنگر ڪيرائڻ سان اسان پارٽي ڪئي ۽ بين جهازن جي آفيسرن ۽ ڪولمبو جي معزز ماڻهن کي دعوت ڏنيسين. چگو رنگ رهيو. سڄي جهاز کي ڪنوار وانگر سينگاريو هئوسين. رنگين بلبن جي روشنيءَ ۽ پڙڪندڙ ڪپڙن جي چمڪ، فضا ۾ ڪيترن ئي قسمن جي عطرن جي وڪڙيل خوشبوءِ ۽ خوبصورت چهرن، چؤطرف چهچٽو لڳائي ڇڏيو هو. چؤڌاري حسن نظر اچي رهيو هو.

فضا ۾ عجيب مهڪ ۽ خوشبوءِ مچيل هئي. مون سان سڄو وقت هڪ انگريز انجنيئر گڏ هو. ٿوري ئي وقت ۾ ڏاڍو دوست ٿي ويو. مون کي دراصل انگريزن جي دوستيءَ ۽ ڊپلوميسيءَ ۾ ڪوبہ فرق نظر نہ ايندو آهي. شروع ۾ مونکان منهنجي ملڪ بابت پڇا ڪيائين. "پاڪستان ڪٿي آهي؟"

ڏاڍي ڪل آيم. چيومانس: "توهان ننڍي ٿهي ڪهڙي آهيو؟ توهان جا ابا ڏاڏا تہ وڏا هوشيار هئا، اسان جي ملڪ ۾ پهچڻ کان اڳ ڪين اسان جي ملڪ جو رستو، اوٽاين پوٽاين ۽ ساده مزاجي (بيوقوفيءَ جي حد تائين) جو علم پئجي چڪو هو. توکي اها بہ خبر ناهي تہ اسان جو ملڪ ڪٿي آهي." ڏاڍو شڪي ٿيو. ڪُڪو ٿي چوڻ لڳو: "نہ يار اهڙي ڳالهہ ناهي. ننڍي هوندي جاگرافيءَ ۾ پڙهيو هوم."

دل ۾ سوچيم تہ پڇيانس تہ 1947ع کان اڳ ۾ پڙهيو هئي يا پوءِ. ڪجهہ دير ترسي چوڻ لڳو: "ٻڌو اٿم تہ توهان جي ملڪ جا ماڻهو ڏاڍا مهمان نواز آهن."

"ان مهمان نوازيءَ ئي تہ اسان کي سؤ سالن جي لاءِ غلام بڻايو ۽ توهان کي حڪومت ڪرڻ جو موقعو ڏنو."

"اسان توهان تي حڪومت نہ، پر تهذيب سيکاري"

"واقعي منهنجا گورا پاڻ، توهان اسان کي تهذيب سيکاري. هي مرد ۽ عورت جي بي حجابي، چيلهہ ۾ هٿ وجهي ، جسم جسم سان ملائي نچڻ، هي مدهوشِي، هي بيشرمي ۽ بيحيائي جيڪڏهن تهذيب آهي، تہ پوءِ توهان اسان کي گهٽو ڪجهہ ڏنو آهي. پر ڇا اسان لٽايو ۽ وڃايو، ڪاش ان جو بہ ڪو حساب لڳائي سگهي."

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

خبر ناهي ڇو ڪي ڳالهيون بنا سوچي سمجهي ڪيون ويندیون آهن ۽ بنا سوچي سمجهي ٻڌيون ويندیون آهن ۽ اها رات شايد اهڙين ڳالهين جي لاءِ وقف ٿيل هئي، جا اهڙين ڳالهين ۾ گذري وئي.

ادا، ڪولمبو جا ماڻهو قد جا بندرا، رنگ جا ڪارا ۽ ڏٻرا آهن. قومي زبان سنهالي اٿن، جا ريڊيو سلون تان شام جو ساڍي ڇهين کان اڳ ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. هتي ساوڪ ڏاڍي آهي. سڄو شهر سوپارين، ناريلن ۽ ربڙ جي وڻن سان جهنجهيو پيو آهي. هونءَ به قدرتي اصول آهي ته جيترو خط استوا جي ويجهو اوتري گرمي ۽ گهم گهٽي. خط استوا (Equator) اها خيالي ليڪ آهي، جا دنيا جي گولي جي پوري وچ مان لنگهي ٿي ۽ دنيا کي ٻن حصن، 'اتر اڌ گول' ۽ 'ڏکڻ اڌ گول' ۾ ورهائي ٿي. ان ليڪ جي هڪ پاسي يعني انگلنڊ، جرمني، هندستان، پاڪستان وغيره ۾ سيارو آهي ته ليڪ جي ٻئي پاسي وارن ملڪن جهڙوڪ آسٽريليا، نيوزيلنڊ وغيره ۾ اونهارو ٿئي. ڪولمبو پاڪستان کان وڌيڪ خط استوا جي ويجهو آهي. سنگاپور، انڊونيشيا، ڪينيا ته بلڪل خط استوا تي آهن. تنهنڪري اتي تمام وڌا ڏڳها وڻ ۽ گاهه ٿئي، زياده بارش ٿئي. ان ڪري زياده ٻيلا ٿين. ٻيلن جي ڪري زياده جانور ۽ پکي ٿين.

دنيا جي بهترين چانهه ڪولمبو ۾ ٿئي ٿي. ان کان علاوه سوپاريون، ڪاڄا، گرم مصالحا به جام ٿين ۽ تمام سستا وڪامن ٿا. ڪولمبو، سنگاپور، انڊونيشيا، آفريڪا ويندي ويسٽ انڊيز ۾ توڪي سنڌي هندو دڪاندار ۽ واپاري ملندا. هيرآباد جي عامل ڪالونيءَ جي هڪ عورت نرملا ديوي پڻ هتي ڪافي عرصي کان رهيل آهي. پاڻ هتي جي وڏن واپارين مان هڪ آهي. سندس هڪ تمام وڏو ڊپارٽمينٽل اسٽور بندرگاهه وٽ آهي. جنهن تي هرقسم جو سامان ڪپڙو، عطر، رومال ۽ زيورن جي لاءِ هيرا جواهر ۽ ٻيون ڪيترون شيون وڪامن ٿيون. سڄو ڪاروبار پاڻ هلائي ٿي. سيپٽمبر جي جنگ کان گهٽو اڳ اسان جڏهن ڪيڊٽ ڪاليج طرفان سي اسڪائوٽنگ جي لاءِ انڊيا ويا هئاسين ته ڪلڪتي جي هڪ سئنيما هال ۾ پاڻ ۽ سندس ستر سالن جو مڙس مليا هئا. پنهنجي ديس کان پري پنهنجي ديس واسي سان ملي، خوشيءَ جو اندازو ان وقت مون پهريون دفعو

لڳايو هو. ڏارين ملڪن ۾ غلط سلط انگريزي ڳالهائڻ بعد ڪنهن سان پنهنجي زبان ۾ ڳالهائڻ ۾ ايترو ئي مزو اچي ٿو جيترو گهٽي پنڌ ڪرڻ کان پوءِ گهر پهچي سوڙهي بوٿ ڪي لاهڻ ۾. اسان اها فلم ته نہ ڏني. پر زور زور سان ڳالهائي پرپاسي وينلن کي به ڏسڻ نہ ڏنيسين.

ان مختصر ملاقات کان پوءِ اڄ اٽن سالن بعد ڪولمبو ۾ مليا سين. جيتوٽيڪ وقت تمام ٿورو هو پر مون هن سان ملڻ ضروري سمجهيو. مون وٽ تحفي ڏيڻ جي لاءِ ٻي ته ڪا قيمتي شيءِ ڪانہ هئي، سواءِ هالا جي اجرڪ جي. سندس دڪان تي ملڻ ويس. خبر پئي ته سخت بيمار آهي ان ڪري گهر ۾ ئي رهي ٿي. گهر آيس. منهنجي اچڻ جو ٻڌي اٿي ويني. ٻڌاپي ۽ ڪمزوري سبب سڄي ڏڏي رهي هئي. هوءَ ذري ذري حيدرآباد، شڪارپور ۽ سکر جون خبرون پيڻ لڳي. شڪارپور ۾ فلاڻو مشهور آچار ۽ ڪلفي اڃا ملي؟ هيرآباد ۾ فلاڻي هنڌ هڪ ٽلهو هوندو هو جتي اسان ننديي هوندي راند ڪنديون هيوسين. اهو اڃا آهي؟ ڊومڻ واهه پرسان فلاڻي شيءِ آهي، فلاڻو مندر آهي. سنڌ ۾ چندر ۽ جيوٽي ٻائيءَ جا رڪارڊ اڃا وڃندا آهن؟ ۽ ٻيا ڪيترا ان قسم جا سوال...

پنهنجي ملڪ کان پري رهي، هر انسان پنهنجي وطن جي هر شيءَ کي ياد ڪري ٿو. پنهنجي وطن جي خراب شيءِ به باهر سني لڳي ٿي، خاص ڪري پنهنجي ڳوٺ جي. جيئن هن وقت منهنجي دماغ ۾ ڳوٺ جي هر ڪا شيءِ ڦري رهي آهي..... شام جي وقت اسٽيشن روڊ تي ٽڏي هوا. احمد نونيءَ جا ڪواب، دريائ جو ڪنارو، ڪشادي هوادار درگاهه ۽ ان جي مٽڪن جو ٽڏو پاڻي، شمن جو دڪان، اسڪولن جو شاندار ۽ وڏيون عمارتون ۽ پڪا رستا ـ توبه نعوذبالله نہ هئا نہ آهن. ادا معاف ڪجانءِ. ذرا جلديءَ ۾ اسڪولن ۽ رستن جي تعريف لکي ويس. ها، سو مون توسان ڳالهه نرملا ديويءَ جي پئي ڪئي، جا آخري پساهن ۾ هوندي به هيرآباد جون ڳالهيون ٻڌي باغ باغ ٿي رهي هئي. آءُ ڪيس مختصر طور هر سوال جو جواب ڏيندو رهيس. ڪي ڪي ٻارن جهڙا سوال هئا. ڪي گهري سوچ ۽ فڪر بعد جواب ڏيڻ جهڙا سوال. ڪي اندر ۾ اڌما ۽ ولوڙ پيدا ڪرڻ

جهڙا سوال هئا تہ ڪي سوال فقط ڪيا ويندا آهن، جن جو ڪوبہ جواب نہ ٿيندو آهي. ڪن سوالن جو جواب مسڪراهٽ هوندو آهي.

ادا هي خط جو آخري حصو آءٌ ڪولمبو جي هڪ مقامي هوٽل مان لکي رهيو آهيان. هيءَ هوٽل هڪ ٽڪريءَ تي آهي. هتي ڪيتريون ئي هوٽلون تمام سهٽين جڳهين تي آهن. چؤڌاري ساوڪ ۽ سمنڊ آهي. پري پري تائين ٻيڙيون تري رهيون آهن جڏ تہ هوٽل جي سافٽ ميوزڪ ٻڌي لمي رهيون هجن. اسان جو جهاز بہ بلڪل چٽيءَ طرح نظر اچي رهيو آهي. ڏکڻ طرف تمام پري پري کان هڪ جهاز نمودار ٿيو آهي ۽ هن طرف وڌي رهيو آهي. سياڻي اسان بہ ڪولمبو کي خيرباد چئي ان طرف ڪوچ ڪنداسين ۽ افق جي پنيان گم ٿي وينداسين. چگو وڌيڪ ٻي فرصت ۾.

گهٽي سڪ وچان.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چٽگانگ

چٽگانگ جي بندرگاھ ۾ اسانجي جهاز کي ٽيون رات اندر اچڻ جي جڳھ ملي. ۽ ڏينهن اڳ بندرگاھ کان پنڌرهن ميل ڪن پري اچي لنگر ڪيرايوسين. جيسين اندر جڳھ خالي ٿئي. بري ۽ هوائي آمدرفت سان گڏوگڏ بحري ٽرئفڪ ۽ ايتري وڏي وئي آهي، جو دنيا جي هر بندرگاھ تي اندر گهڙڻ کان اڳ ڪجھ ڏينهن ٻاهر انتظار ڪرڻو پوي ٿو، جيسين وارو اچي. چٽگانگ ۾ هن کان اڳ ۽ ٻن سالن لاءِ آڻ رهي چڪو آهيان. ان ڪري چٽگانگ سان منهنجيون ڪيترون ئي ڪڙيون منيون يادون وابسته آهن. نہ صرف چٽگانگ سان پر سڄي بنگال سان. هينئر پورن ڇهن سالن بعد آيو آهيان. ڪافي تبديليون نظر اچي رهيون آهن. شهر ۽ آسپاس وڌيڪ سهڻو ٿي پيو آهي. جيتري ترقي بنگال ۾ هن موجوده (ايوب خان جي) دؤر ۾ ٿي آهي، اوتري ڪڏهن نہ ٿي. ٻيني بتن (ٿي منزلہ خوبصورت مارڪيٽ) جهڙي مارڪيٽ هن وقت سڄي پاڪستان ۾ نہ آهي. ان کان علاوه اسٽيل مل، بندرگاھ ۽ ريلوي اسٽيشن ڏسڻ وٽان آهن. ڪاش تون ۽ هجين ها تہ ٻيني بتن ۾ گڏجي شاپنگ ڪريون ها. الماس ۽ خورشيد محل سئنيمائن ۾ فلمون ڏسون ها، خيام هوٽل ۾ پاڳلن وانگر ڊانس ڪيون ها. بشير وانگر هٿ هٿ ۾ ڏئي راز جون ڳالهيون وچ رستي تي، سنڌيءَ ۾ زور زور سان ڪريون ها، (جوتہ هتي ڪوبہ سنڌي سمجهڻ وارو ڪونهي). چٽگانگ ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن سان پڪنڪ ۾ گڏ حصو ونون ها. چيني هوٽل ۾ گانگٽ ۽ ڪيڪڙا کائون ها. خدا جو قسم مزو اچي وڃي ها.

هتي کي کي ڳالهيون اهڙيون ٽيندیون آهن، جو ڏاڍي کل ايندي آهي. مثال طور منهنجي هڪ انجنيئر ساڻي کي اهو وهم وينل آهي تہ جهاز جي انجڻ جي گوڙ ڪري اسان روز بروز ٻڌڻ جي طاقت وڃائي رهيا آهيون. هڪ دفعي انجڻ روم ۾، جنهن وقت هن ٽيليفون ڪنيو، ان وقت اتفاق سان خراب هو ۽ ڇٽيءَ طرح ٻڌي نہ سگهيو جو بعد ۾ نيڪ ٿي ويو ۽ مون ڪنيو تہ صاف ٻڌڻ ۾ پئي آيو. پر هن جوان جو شڪ ٿوري پڪ ۾ بدلجي ويو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪالهه ڇڪاڻگ جي نيومارڪيٽ ۾ ڏاڍو مزو ٿيو. ڪتاب پئي ورتاسين، هڪ چوڪري به پر ۾ بيهي پنهنجي پسند جا ڪتاب پئي ڳوليا. سي پنهنجو پاڻ ۾ مشغول هئاسين. ٿوري دير بعد مون کي آڳر سان اشارو ڪيائين ته، "چوڪريءَ چاچيو؟"

"الائي، آءٌ ته پري بينو آهيان. توکي ڪجهه چيائين ته وري ڪٽي پچينس." مون وراڻيومانس.

تنهن تي منهنجي دوست هن طلائي مڇيءَ جهڙي چست ۽ سمارٽ ننگالي دوشيزه ڏي مڙي بنگاليءَ ۾ پڇيس، "مِس! تُمي ڪِيُو بولِچو؟" (محترمه توهان ڪجهه چيو.....؟)

چوڪريءَ قهري نگاهن سان جيئن ئي ڏنو ته آءٌ ڊڄي ويس ته اجايو ستل ڪتن کي ڏڙا هنيا اٿئون پر پوءِ هن ڪنڌ ۾ رکيل پيڪدان ۾ ٽڪ اڇلي چيو:

"اَمي ڪِي پاگول هوئي، گيسي، ڪي ٹُماڪي بولبو! اَمي تو پان کائتسي."

(منهنجو دماغ ته خراب نه ٿيو آهي، جو خواهمخواهه توکي ڪجهه چوندس، آءٌ ته پان کائي رهي آهيان.)

جهاز تي منهنجي پاسي واري ڪئبن ۾ زمان رهي ٿو. ڪيس ٽيپ رڪارڊر آهي جيڪو صبح شام، آنڊيءَ مانجهيءَ، مهلو ڪمهلو وڃندو رهيو ٿي ۽ ساڳيا گانا ساڳي Sequence ۾ فل آواز ۾ وڄا ٿي. گانا به وري ڪهڙا ــ 'مين ني ڪها سلام عليڪم'، 'ڀايي نهين تو ميري مان هي'، 'گول گپي والا آيا'، ۽ ٻيا اهڙي قسم جا گانا جن کي هر هر ٻڌي چريو ته چريو ٿئي پر سنئون به چريو ٿئي. ڪيترو سمجهايوسين ته اسان جي ننڍ ٿي ڦٽي، مودِ ٿي آف ٿئي ۽ نثار وسڻي وانگر هٽ (ٻانهن سميت) ٻڌي ليلايوسين، "هيڏانهن او هيڏانهن. واسطي الله جي معافي ڏي، مٽي ۾ اٿئون سُور، ڏاڍو." پر حرام سوئر جو ٻڌي.

اڄ صبح جو اٺ سان اسان جي گهٽيءَ ۾ قبرستان جي خاموشي هئي. دل ۾ چيم ته شڪر آهي، اسان تي رحم آيو آهيس. پر پوءِ معلوم ٿيو ته ڪو ٻيو انجنيئر ٽيپ رڪارڊر جي ربن مٿان چقمق (Magnet) ڦيرائي، سي گانا ڊاهي ويو اٽس ۽ هي انهيءَ فڪر ۾ آهي ته گانا اوچتو غائب ڪيئن ٿي ويا. (دراصل ٽيب

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي ربن ۾ لوهه جا تمام سنها سنها ڏڳها ٽڪرا ٿيندا آهن جي آواز ٽيپ ڪرڻ وقت ان مطابق پاسيرا ڪندائتا ۽ سڌا ٿي بيهندا آهن.) چقمق ڦيرائڻ سان اهي ذرڙا پنهنجي پهرين پوزيشن وڃائي، چقمق جي ڇڪ مطابق ٿي بينا ۽ اسان جو جوان ۽ اسين آواز لاءِ سڪندا رهياسين. رات سندس ئي اڳيان ڪنهن رومال ۾ چقمق ويڙهي بن سيڪنڊن لاءِ گهمايو ۽ اتي جو اتي گانا ختم ٿي ويا.

جهاز ۾ سڀ کان مزيدار انسان ڊاڪٽر آهي. ڪيس ڊاڪٽريءَ کان علاوه سڀ ڪجهه اڃي ٿو. ڪڏهن ڏس ته اليڪٽريڪل انجنيئر سان بجليءَ تي پيو بحث ڪندو، ته ڪڏهن مڪينڪل انجنيئر سان مشين جي مڪينزم پيو سمجهندو. ڪراچيءَ ۾ هڪ جرمن انجنيئر آيو هو، جو اسان سيني انجنيئرن کي هن جهاز بابت سمجهائي رهيو هو ته هن جي اسٽيرنگ گيئر Steering Gear ڪيئن ٿي ڪم ڪري. ڊاڪٽر صاحب کو اچي لنگهيو. ميڙ ڏسي پاڻ به اسان سان شامل ٿي ويو. وري ان تي طرو اهو ته اسان کان به وڌيڪ سوال هي پيو پڇي. ڪالهه سگنلنگ Signaling سکي رهيو هو. ٿوري ٿوري ٻڌو اٿم ته سمگلنگ به ڪندو آهي. مثال طور: ڪراچيءَ مان سوپاريون ۽ ڦوٽا وڻي سلون ۾ مائٽن کي وڪڻي ڏيندو آهي (جتي خود سستا آهن). يا چٽگانگ مان واچون وڻي دبئي يا عمان ۾ پنهنجي ڪاليجي ڊاڪٽرن جي مٿي ۾ هٽندو آهي. هر دفعي چگو چوڪو نقصان رسندو اٿس. ڪڏهن به مون کيس مريض تپاسيندي يا دوا ڏيندي نه ڏٺو. ان ڪري اسان جي شعور ۾ اها ڳالهه ئي وينل ڪانهي ته ڊاڪٽر صاحب جو اصل ڪم ڪهڙو آهي. هڪ ڏينهن سڀ دوست گڏ وينا هئاسين. هڪ جي طبيعت خراب هئي، سو ريڊيو آفيسر سان صلاح مشورو ڪري رهيو هو ته پيٽ ٺيڪ نه اٿم. انٽرو وايوفارم گوريون ڪانوان يا سلفا گونودن؟ ڪنهن کي به اهو خيال نه رهيو ته سڃو سارو ڊاڪٽر وينو آهي، هي آخر ڪهڙي مرض جي دوا آهي ۽ پاڻ به وري اهڙو ڪيچي جهڙي پٽِ. ڇڙ ته ڊاڪٽري جي 'ڊ' کان به واقف نه هجي.

هڪ ڏينهن سنجيدو ٿي سمجهايومانس ته پنهنجي ڏنڊي سان شوق رک، نه ته اهي افعال رهي ته ائناڻامي کان وري شروع ڪرٽو پوندءِ. پنيان کو ٻڌي رهيو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هو تنهن ٿوڪ طور چيو: ”ائناڏامي.....؟ هون! ـ ڏهين جماعت جي ’علم بدن‘ کان.“ ۽ سڀ کلڻ لڳا.

هونءَ ويچارو آهي ڏاڍو شريف. ٻين جي آرام جو ڏاڍو خيال ٿيندو اٿس. ڪڏهن ٻه بي وقت ملڻ ايندو ته دروازي تي آهستي آهستي ائين کٽ کٽ ڪندو، جڙ ته ڪنهن مريض جي Abdomen کي ٽونگا هڻي تپاسي رهيوهجي. جُوا ۾ آخر تائين توڙ ڪرڻ ته ڪو ڪانئس سکي. سڄي سڄي رات ويهي صبح ڪندو. فلئش پئي هلندي. ڊالر ختم ٿيندا ته روپيا. روپيا ختم ٿيندا ته سگريٽ نڪرندا. سگريٽ کٽا ته ڪوڪاڪولا جي ٻاٽلين ته ٻه ڪم ساڳي زور شور سان پيو هلندو ۽ پوءِ انهن جي ڏَکن تي. ڪيرم يا ڪنهن ٻي راند ۾ ڪنهن راندیگر جي ڪوٽ ٿيندي ته سيني کي ڊاڪٽر جو وجود ياد ايندو.هن کي وڃي ننڊ مان ٻه اٺاري ايندا. واندو ماڻهو جو ٿيو. هونءَ ٻه راندين ۾ ته پڙُ آهي. پنهنجي ڪاليج جي هاڪي ، ڪرڪيٽ ۽ فوٽ بال ٽيم جو ڪئپٽن هوندو هو. ٻئي سال فيل ٿي پيو. پر ’فارماڪالاجي‘ جي پروفيسر ـ جيڪو راندين جو انچارج هو، پاس ڪري ڇڏيس. ٽردِ ايئر ۾ ڊراما ۽ ڪاليج فنڪشن ۾ زور شور سان حصو ورتائين. سالياني ’سئمنگ گالا‘ ۾ نمبر ڪنيائين. پئٹالاجي جي پروفيسر (جنهن کي پئٹالاجيءَ کان وڌيڪ پيار ڊرامن ۽ سئمنگ گالا سان هو) کي صبح شام سلام ڪندو هو ۽ نتيجي کان اڳ ڪيس پروسو هو ته ٽردِ ايئر جي مصيبت ٻه ٽري. چوٿين سال ۾ امتحان نه ٿيس. آخري سال ۾ جورس پروفيسر جي ٽيون نمبر ڪاري ڏيءُ ۽ ميڊيسن جي پروفيسر جي وڏي ڏيءُ (جنهن سان ڪو شادي ڪرڻ لاءِ تيار نه هو) سان هڪ ئي وقت عشق ڪيائين. چگو خوبصورت جوان آهي. امتحان جي رزلٽ نڪرڻ تائين ٻنهي ڏرين کي الگ الگ شاديءَ لاءِ ڏٽا ڏيندو رهيو. ان بعد ڪين ائين ڏسڻ لڳو. جڙ ڇڏي رهيو هجي ته معاف ڪجو، مون شايد اوهان سان گذريل جنم ۾ پيار ڪيو هجي ته هجي، هي جنم منهنجو جنم آهي، جنهن ۾ گذريل جنم جون غلطيون ڪرڻ نٿو چاهيان.

پڙهڻ ۾ اهڙو صفا چٽ ٻه نه هو، گائني جهڙن سبجيڪٽن ۾ ته اعزازي نمبر ڪنيائين. سندس ڪلاس ميٽ اڃا ٻه چوندا آهن ته Gynecology by Jeffcords

ڪتاب تہ ڇڙ تہ پاڻ لکيو هجيس، جيتوڻيڪ ’سرجري باءِ لو ايند بيلي‘ ۽ ’ميڊيسن باءِ ڊئوڊسن‘ جهڙن مشهور ڪتابن جا سوين صفحا سندس شڪل کي ترسندا رهيا. تعليم بعد ڪجهہ وقت هائوس جاب ڪيائين پر غلط سلط ائناڻامي وارن مريضن ۽ سڪل چاتين وارين نرسين کي ڏسڻ سان اڇت ئي دل ڪڻي ٿي پيس. اسپتال جو گندو ماحول ڇڏي جهاز جي وڏيڪ گندي ماحول ۾ اچي نڪتو. ڪيس دنيا ڏسڻ جو شوق هو جيڪو ائين پورو ٿي سگهيو ٿي. بهرحال اڄ جيڪڏهن اسان وٽ هي ڊاڪٽر نہ هجي ها تہ اسان جون ڪڇهريون اڏوريون رهجي وڃن ها. ڪيرم ۽ ٽيبل ٽينس راند جا هفتيوار پروگرام فنا ٿي وڃن ها.

منهنجو هن جهاز تي سڀ کان پڪو دوست اڪبر آهي. پنهنجي ڪم سان ڏاڍو چاهہ اٿس. سخت محنتي ۽ سخت جان آهي. مشڪل وقت اچڻ تي رات ڏينهن ڪم ڪندي بہ نہ ٽڪبو آهي. اوجاڳي، پورهئي ۽ هرڳالهہ جو پڪو آهي، سواءِ بک جي. مانيءَ جو وقت ٽيو تہ پوءِ دنيا جي ڪابہ طاقت ڪيس ترسائي نہ سگهندي. ڪائڻ جو بہ مڙس ماڻهو آهي. وات اندر وڏا وڏا گرانهہ ائين وجهندو آهي، ڇڻ مينهن کان ٽپڙ اندر ڪجن.

هر شهر جي وڏي ۾ وڏي هوٽل ۾ ماني ڪائڻ سندس خاص هابي آهي. پئسا چاهي پورا پُنا هجنس، پر بل هميشہ پاڻ ادا ڪندو آهي. پاڻ سان گڏ وني هلڻ جو شرف هميشہ مون کي حاصل ٿيندو آهي. پر آڻڻ ڇڏندو رهندو آهيان ڇو جو جڏهن ماني ڪائي ٻاهر نڪرندا آهيون تہ آڻڻ هميشہ پگهر ۾ شل هوندو آهيان، جو هن جي ٻين عادتن سان گڏ اها عادت پڻ آهي تہ هوٽل مان نڪرڻ وقت ڪانٽا، چريون ۽ چمچا پنهنجي ڪيسي ۾ بہ وجهي نڪرندو آهي تہ منهنجي ۾ بہ. ۽ پوءِ ٻاهر نڪرڻ وقت ظاهر آهي منهنجون ٽنگون ائين پيون ڏڪنديون آهن جڙ ڀنگ پيون چاڻين. ذري ذري پنيان پيو نهاريندو آهيان تہ ڪو هوٽل جو ٻئرو جهلڻ جي لاءِ تہ ڪونہ ٿو اچي. ان ڪري ئي هن سان گڏ ماني ڪائيندي ڪيبائيندو آهيان جو آخر ۾ مزو ڪرڪرو ڪري ڇڏيندو آهي.

پنهنجو حال يائي مون کي ناهيو اٿس. اصل قاسي ويو آهيان. پنهنجي ناڪام عشق جو قصو ـ اجا بہ ”اصل وڏو قصو“، پنجويهہ دفعا ٻڌائي چڪو آهي.

مون کي به سمجهه ته الف کان ي تائين برزبان ياد ٿي ويو آهي. ايتري قدر جو اهو ورجائيندو پاڻ کٽي هيڪندو يا پلبو آهي ته آڻڻ لقمون ڏيندو آهيان ته پوءِ هن توکي هيئن چيو يا تو هن کي هيئن چيو. هميشه پنهنجا احسان پيو جتائيندو آهي، ته: مون هن خاطر هي به ڪيو، هو به ڪيو. هاڻ پلا ڪيس ڪير سمجهائي ته عورت اها شيءِ آهي جنهن لاءِ سيزر پنهنجي لشکر کي به وساري ڇڏيو. بهرحال جاني مڙس آهي. دل جو صاف ۽ وفادار دوست آهي. سڄي جهاز جي رونق سندس دم (۽ جنريٽر مشين) سان آهي.

ڇگو اداڪار هاڻ ته ڪافي رات لڙي چڪي آهي. ٿوري دير سمهي وڃان ته منهنجي واچ (ديوتيءَ) جو ٽائيم ٽيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

لفٽنسا ايئر لائين

هن وقت هي خط جرمن هوائي ڪمپني لفٽنسا جي بوئنگ هوائي جهاز مان لکي رهيو آهيان، اٽڪل ستٽيهه هزار فوٽن جي بلنديءَ تي ڇهه سؤ ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان روم (اٽلي) طرف اڏامي رهيو آهي. چند گهڙيون اڳ اسان مصر جي هوائي اڈي قاهرا تان پرواز ڪيو. مصر جي وقت مطابق هن وقت رات جا چار ٽيا آهن. مصر جو وقت پاڪستان جي وقت کان ٽي ڪلاڪ پنٽي آهي. هتي پاڻ کان ٽي ڪلاڪ پوءِ سج اپري ۽ لهي ٿو. ان ڪري تو وٽ صبح جا ست وڄي چڪا هوندا ۽ سج پوري آب تاب سان اوپر ڏي چمڪي رهيو هوندو، پر هتي اجا آسمان تارن سان جهنجهيو پيو آهي.

توکي تعجب لڳندو ته آءٌ سمنڊ سان تعلق رکندڙ هتي هوائي جهاز ۾ ڪيئن سفر ڪري رهيو آهيان، ڪيڏانهن وڃي رهيو آهيان ۽ ڇو وڃي رهيو آهيان؟

ته ٻڌ پيارا. پاڪستان جي وڏي جهازران ڪمپني 'نئشنل شپنگ ڪارپوريشن (N.S.C)' جنهن ۾ آءٌ انجنيئر جي حيثيت سان ملازم آهيان، ان جو ڇويهون نئون جهاز 'سندربن' نالي يوگوسلاويا ۾ نهي راس ٿيو آهي ۽ هن مهيني جي اناويهين تاريخ ملندو. ان لاءِ آءٌ ۽ ٻيو استاف يوگوسلاويا وڃي رهيا آهيون، جيئن اهو جهاز پاڪستان آڻي سگهون. نئشنل شپنگ ڪارپوريشن، جيڪو پي. آءِ. اي وانگر سيمي گورنمينٽ ادارو آهي، جا ڪجهه سالن ۾ ترقي ڪئي آهي تنهن ڪري سڄي دنيا قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي. سندس اجا وڌيڪ جهاز ڪيترن ئي ملڪن ۾ نهي رهيا آهن.

'سندربن' جهاز، يوگوسلاويا جو، اسان لاءِ ڪو پهريون نهيل جهاز ناهي. هن کان اڳ به اسان ڪيترائي جهاز هتان خريد ڪري چڪا آهيون، جهڙوڪ ايم ـ وي اباسين، ايم ـ وي چناب، ايم ـ وي رنگامتي، ايم ـ وي ٽئڪسلا ۽ ايم ـ وي موهن جو دڙو. (ايم. وي موٽر Vessel جو مخفف آهي. ۽ انهن جهازن کي سڏبو آهي جيڪي ڊيزل تي هلن). جيئن ته هي جهاز ۽ مٿي بيان ڪيل جهاز، بيهڪ ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

انجڻ جي لحاظ کان هڪجهڙا آهن. انهيءَ ڪري کين سسٽرشپ Sister Ship سڏجي ٿو.

يوگوسلاويا ۾ ڪيترائي جهاز ناهيندڙ ڪارخانا آهن ۽ هي ملڪ مشيني ناهڻ کان مشهور آهي. ساڳئي ڪارخاني پاڪستان جي هڪ بي جهازران ڪمپني 'پاڪستان شپنگ لائين' لاءِ به ٻه جهاز، ايم.وي باغ ڏاڪا ۽ ايم. وي باغ ڪراچي ناهيا، جي پڻ مٿين جهازن جهڙا آهن. سيني جهازن ۾ سڄي رهائش ايئرڪنڊيشنڊ رکيل آهي، سامان جي سلامتي ۽ حفاظت لاءِ موڪري ۽ گهٽي جڳهه ٺهيل آهي. ۽ اهي سڀ جهازَ سلزر انجڻ تي هلن ٿا.

يوگوسلاويا جي هن اداري پاڪستان جي جهاز سازي صنعت ۾ ڏاڍي مدد ڪئي آهي. هن جي گڏيل مدد سان ڪراچي شپ يارڊ پهريون جهاز 'العباس' گذريل سال ناهيو ۽ هاڻي ٻيو جهاز ايم. وي شالامار اسان جي ڪمپنيءَ لاءِ ناهيو رهيو آهي. بهرحال هن وقت اسان سندربن جهاز جي ادائگي لاءِ يوگوسلاويا جي شهر 'اسپلٽ' وڃي رهيا آهيون. هي هوائي جهاز اسان کي روم(اٽلي) ڇڏيندو. اتي ڏينهن ٻه رهي پوءِ يوگوسلاويا جي ايئر لائين T.A.J ۾ يوگوسلاويا جي شهر 'زگرب' وينداسون. اتان اسان کي وري ٻي هوائي جهاز ۾ چڙهڻو پوندو، جو 'اسپلٽ' شهر ۾ اچي ڇڏيندو جتي اسان جو جهاز ٺهي چڪو آهي.

اسان جي هن هوائي جهاز، ڪراچي پوري سادي ڏهين بجي ڇڏي. هي هوائي جهاز ٽوڪيو. هانگ ڪانگ، رنگون، سنگاپور ۽ ڪلڪتي کان ٿي پوءِ ڪراچيءَ اسان کي ڪٽڻ آيو هو. ڪراچيءَ مان اسان روم لاءِ چڙهياسين ۽ هڪ عورت ڏهران لاءِ. جهاز ڪراچيءَ کان پوءِ ڏهران ترسيو، ان بعد قاهرا ڪافي وقت ترسيو ۽ اسان کي گهمڻ لاءِ ڪافي وقت ملي ويو. هاڻ ڇئن ڪلاڪن بعد روم پهچندو، جتان پوءِ پنهنجي منزل فرئنڪفرٽ (جرمني) روانو ٿي ويندو.

جهاز ۾ اٽڪل سؤ کن مسافر آهيون. هر قسم جا مسافر يعني، جپاني، برمي، عرب ۽ پارتي سفر ڪري رهيا آهن. منهنجي ساڃي پاسي دريءَ وٽ منهنجو بنگالي دوست زمان وينو آهي ۽ ڪابي پاسي هڪ خوبصورت..... پلا سوچ ڪير آهي.....؟ ..... مر نه ۽ نه ٽڏا شوڪارا ير. چوڪري ٻوڪري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪانهي ڪا، پر هڪ خوبصورت پٽڪي سان ست ستر سالن جو پوڙهو سڪ وينو آهي، جنهن ڪنگهي ڪنگهي اوسي پاسي وارن جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي آهي. اهو ئي سبب آهي جو وقت ڪاٽڻ ڪارڻ تو جهڙي دلبر دوست کي خط لکي رهيو آهيان. ڇا ڪجي ننڊ ته اچي ڪانه ٿي ۽ نه ئي رات ڪٽندي. ڇو ته هي جهازايتري ته تيز رفتار سان وڃي رهيو آهي جو آخري منزل جرمني پهچندو ته به رات هوندي. ڪراچي کان روم يارهن ڪلاڪن جو سفر آهي ۽ پاڪستان جي وقت مطابق روم ۾ ڏينهن جو ساڍي نائين بجي پهچنداسين. پر روم جي وقت مطابق اتي صبح جا پنج هوندا ۽ اجا اوندهه هوندي، ڇو جو روم ۾ سج پاڻ کان چار ڪلاڪ دير سان ٿو ايري.

اهڙي نموني هي جهاز سڄو سفر رات ۾ پورو ڪندو. دراصل رات ۾ بحري يا هوائي جهاز هلائڻ سولو رهي ٿو. ڏينهن جو فقط سج آهي، پر رات جو ڪيترائي تارا آهن ۽ رستو ڳولڻ ۾ آساني ٿي رهي. جيتوڻيڪ دنيا جو هڪ هڪ حصو نقشن تي ماپيل ۽ ميل آهي، ان هوندي به تارا وڏي مدد آهن. ان کان علاوه جهاز کي هوائي اڈي تي هيٺ لاهڻ ۾ پڻ آساني ٿئي ٿي. اجا جهاز بلنديءَ تي ئي هوندو آهي، ته هوائي اڈي وارا، جنهن رستي تي هوائي جهاز کي لهرائڻو هوندو اٿن، ان جي ٻنهي ڪپرن تي لڳل سفيد ۽ آسماني بلبن جون قطارون ٻاري ڇڏيندا آهن، جي شهر جي بتين کان بلڪل الڳ ۽ صاف نظر اچن ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو هوائي اڈو شهر کان ٻاهر ناهيو وڃي ٿو. ڪراچيءَ يا حيدرآباد جو هوائي اڈو وري به ايترو پري ناهي. ڪن ڪن شهرن جا هوائي اڈا ته ٽيهه چاليهه ميل به پري ٿين.

جهاز سعودي عرب جي هوائي اڈي دهران تي پورن ٽن ڪلاڪن بعد پهتو. ڪجهه مسافر لٿا ۽ ڪجهه چڙهيا. به جرمن هڪ فرئنچ ۽ به عرب زال مڙس پنهنجي عربي لباس ۾ چڙهيا. عربي لباس اهڙو ته نهي رهيو هو، جو ٻاهرن ملڪن جا سڀ ماڻهو هتي جي روايتي لباس کي تعريف جي نگاهن سان ڏسڻ لڳا. ڪراچي مان جيڪڏهن ڪو ديسي لباس ۾ چڙهي تو سوٽ ڪوٽ کان وڌيڪ

سمارٽ لڳي ها. ڏنو وڃي ته هر ملڪ جو لباس سندس ملڪ جي موسم، رواج ۽ تهذيب مطابق درست ۽ آرامدهه آهي.

سنڌ جهڙي گرم علائقي ۾ سٽڻ کان وڌيڪ آرامدهه لباس ڪهڙو ٿي سگهي ٿو....؟ سائنس پڻ اهو ثابت ڪيو آهي ته سٽڻ جا گهٽا وَرَ جو Vacuum خلا پيدا ڪن ٿا، سو گرميءَ ۽ سرديءَ کان بچائي ٿو ۽ ايئرڪنڊيشننگ جو ڪم ڏئي ٿو.پر اسان خبر ناهي ڇو مغربيت جي انڌي تقليد ڪري رهيا آهيون. هو تنگ سوٽ پائيندا ته اسان به هنن سان برابري ڪرڻ لاءِ اهو ئي لباس اوڍيندا سين. يورپ جون عورتون وار ڪٽرائيندیون ته اسان جون عورتون به وار ڪٽرائڻ ۾ فخر محسوس ڪنديون. اهو ڪڌهن به نه سوچيندیون ته ڏڳها يا ڪارا وار ته سونهن جي نشاني آهن ۽ يورپ جي موسم اهڙي آهي جو عورتون وڏا وار رکائي نٿيون سگهن ۽ مجبور ٿي هنن کي ننڍا ڪرائڻا پون ٿا.

خير ادا مان توکي ڳالهه هن عرب جوڙي جيڪي پئي ٻڌائي، جي عربي لباس ۾ دهران جي هوائي اڏي تان چڙهيا. ٻئي ڇڻا اهڙا ته ٿلها هئا، جو چا ڳالهه ڪجي. جيڪي ڪجهه ٿلها مسافر اڳ وينل هئا تن به شايد اهڙا ٿلها ماڻهو اڳ نه ڏٺا هئا، جو انهن جو به ڏسڻ سان وات ڦاٽي ويو. سندن ويهڻ جي جاءِ بلڪل اڳيان هئي سو جهڙو اڳيان وڌي رهيا هئا ته ڪنهن پنيان چيو: "هاڻي جهاز جو اڏامڻ ناممڪن آهي. قاهرا تائين خشڪي ذريعي هلندو." اسان کي دهران جي هوائي اڏي تي لهڻ جي اجازت نه هئي ۽ سڀ اچي پوءِ قاهرا (مصر) لٿاسين. پر دهران ۾ جهڙو ئي جهاز ٻينو ته اسان ٻن ٽن ڇڻن لهڻ جي ڪوشش ڪئي ته ايئر هوسٽس لهڻ کان منع ڪندي چيو ته هينئر نه لهو پوءِ لهجو. تنهن تي منهنجي دوست پري کان ئي دانهن ڪندي چيو: "بابا، هينئر ڪير نه لهي، جهاز هلي ته پوءِ در کولي لهجو." بهرحال هن جو اهو ئي مطلب هو ته هن هوائي اڏي تي نه پر پوءِ ايندڙ قاهرا جي هوائي اڏي تي لهجو. جهاز ۾ ٻه دفعا ماني ڏني اٽئون پر سوئر جو گوشت هڻڻ ڪري اسان مان ڪنهن به نه کاڌي. ان کان علاوه ٻيو جيڪو کاڌي لاءِ ڏنائون سو به نيڪ طرح پچيل نه هو. چانهه ۽ کافي به بيڪار ۽ نريل ملي. هنن مڙني ڳالهين کان، وقت جي پابنديءَ کان، خدمت ۽ آرام کان اسان جي پي. آئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اي بهتر آهي. اهو ئي سبب آهي جو گهٽا مسافر P.I.A کي سفر لاءِ چوندين ٿا ۽ سندن جهاز هميشہ مسافرن سان ٽپُ رهن ٿا. اسان بہ اڳواٽ Reservation نہ ڪرائڻ ڪري پي آئي اي جي جهاز ۾ جڳهہ ونيِ نہ سگهياسين ۽ هن لفٽنسا جرمن جهاز ۾ سفر ڪري رهيا آهيون. منهنجي پر ۾ وينل سک کي بہ دفعا گهرڻ تي بہ جڏهن پاڻي نہ مليو تہ ايئرهوسٽس کي پنهنجي منهن ڏاڍيون پنجابيءَ ۾ گاريون ڏنائين. بقول اسان جي شڪارپور جي زين پناڻ جي، هٿ تي رومال ويڙهي بجو ڏنائين، جيئن امن بہ قائم رهي.

هن جهاز ۾ خدمت لاءِ ڪل چار ايئر هوسٽس آهن. بہ جرمن ۽ بہ جپاني. توکي تعجب تہ لڳندو تہ جهاز جرمن ٿي ڪري جپاني ايئرهوسٽس چو رکيون اٿن. ڇا جرمن چوڪرين جي ڪوٽ آهي؟ پر نہ اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ بي جنگ عظيم ڪان پوءِ جرمن چوڪريون کو ورلي نوڪريون ڪن ٿيون. بي جنگ عظيم ڪان پوءِ جرمنن اهو فيصلو ڪيو تہ هر هڪ پنهنجي پنهنجي ڏيوٽي پوري ۽ سچي دل سان سرانجام ڏئي. مرد جو ڪم آهي آفيسن، ڪارخانن ۽ زمينن تي ڪم ڪرڻ ۽ سپاهي ٿي ملڪ جي حفاظت ڪرڻ ۽ عورت جو صحيح مقام گهر آهي. ڪيس ڪپي تہ اعليٰ قسم جي House Wife (گهريلو عورت) ٿي رهي ۽ بي هر ڪم ڪان آجي ٿي گهر ۾ بارن جي چگي سار سنيال لهي، جو سندس گهر ملڪ جو اعليٰ گهر سڏجي ۽ بار، ملڪ ۽ قوم لاءِ فخر ثابت ٿين.

ان فيصلي تي ڪيتري قدر عمل ڪيو ويو ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ جرمني ٿوري ئي عرصي ۾ ڪيتري ترقي ڪري ورتي آهي. جيتوٽيڪ بي جنگ عظيم ۾ سڀ ڪجهہ تباهہ ٿي چڪو هو ۽ هونءَ بہ جرمن عورت جو مثال ان مشهور چوٽيءَ مان لڳائي سگهبو جا اڃڪلهہ سڄي دنيا ۾ عام آهي: ”اهڙي گهريلو ۽ وفادار جهڙي جرمن عورت“ ۽ اها پٽ عام چوٽي آهي تہ جرمن ڪار ۽ زال ڪڏهن بہ دوکو نہ ڏيندي.

ادا جڏهن بہ آئون قاهري مان لنگهان ٿو تہ منهنجي اکيان اڳيان P.I.A جو اهو حادثو ڦري ٿو جنهن ۾ اسان جا ڪيترائي صحافي اسان ڪان هميشہ لاءِ جدا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿي ويا ۽ اسان جي صحافت کي جڙ ۾ في الحال يتيم ڪري ويا ۽ اسان جي ملڪ جي بي بها صحافت جي دولت چند گهڙين ۾ لٽجي وئي.

قاهري جو هوائي اڈو چگو سهڻو آهي. جهاز مان لهڻ سان آئون سڌو هوٽل ۾ آيس ۽ اچي ماني کاڌيم. هوٽل جا ٻئرا جبن ۽ ترکي ٽوپين ۾ مؤدبانا انداز ۾ بينا هئا، جن کي ڏسي مون کي الائي ڇو الف ليلیٰ جون کهاڻيون ۽ ان ڪتاب ۾ ڏنل تصويرون ياد ايندیون آهن. هتي جي واپارين ۽ بين ڪيترن عرب ملڪن جي ماڻهن جي ئي اها ڇو عادت آهي ته شل نه ڪو ٻاهريون ماڻهو ڏسن. اصل ابتي کل لاهيندس. ٽڪي جي شيءِ جو روپيو ٻڌائيندس، پوءِ ڪو واندو هجي جيڪو وينو Bargaining ڪري. (خير گهٽ ته اسان جي ملڪن جا به نه آهن، پر مصر گهڻو زور آهن). قاهرا ايئرپورٽ تي ڪيترائي دوڪان آهن جن تي هر قسم جون شيون ۽ مصر جي ننڍن ڪارخانن ۽ گهريلو هنرن جون شيون رکيل آهن، پر ڏٺم ته اڳهه ايڏا ته ڳرا پئي ٻڌايائون جو ڪنهن جي به دل، ڪابه شيءِ ونڻ تي نٿي چاهي. پاڪستان خط لکڻ لاءِ ٽڪليون ورتم ته ان جا به ٽيڻا پيسا وڃي ويو. سمجهيم ته پئي جو هتي جي سڪي جي چگي طرح ڄاڻ اٽم پر 'ڦاٽي ته ڦٽڪڻ ڪهڙا' وارو حساب هو. آڏيءَ رات جو ڪهڙي پوسٽ آفيس جو در کڙڪايان.

باقي مصر جي حسن جي ڳالهه نه پڇُ. جا تعريف ٻڌي هئم سا اکين سان ڏٺم. شايد دنيا جو ڪو ملڪ مصر جي حسن جو مقابلو ڪري سگهي. مسڪرائيندڙ سدا بهار مشرقي چهرو، اکيون وڏيون ۽ نيري ڍنڍ جهڙيون. انگ انگ ۾ چقمقي ڪشش. مصر جي هر عورت ڪلوپترا نظر ايندي. واپسيءَ تي ايئر پورٽ ۾ داخل ٿئي ٽيس ته دروازي وٽ دڪان تي هڪ دوشيزه هٿ جو نهيل سامان وڪڻي رهي هئي. آئون جيئن اتان لنگهيس ته سڏي پٽر جي نهيل ڪلوپترا ڏي ڏيان ڇڪائيندي پڇيائين:

"وانت ڪلوپترا؟(Want Cleopatra)"

مون ان ڪلوپترا جي پٽرائين بت ڏي گهٽ ۽ سندس جيئري جاڳندي چهري ڏي گهڻو گهورندي پڇيو:

"مئل يا زنده؟"

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

منهنجي چوڻ جي نموني مان يڪدم چرچي جو مطلب سمجهي وئي ۽ شرمائڻ لڳي. مشرقي حياءُ سندس چهري مان صاف نمايان هو. منهنجي مستقل تڪڻ تي ساهه منجهڻ لڳس ۽ ڏڳها ڏڳها ساهه ڪٽڻ لڳي. ڳچيءَ ۾ سوني زنجير پئي هيس، جنهن ۾ ٻڌل ننڍڙو هوائي جهاز سندس اڌ اڳهاڙي ڇاتيءَ تي هيٺ مٿي ٽيڙ لڳو. مون کي زياده دير ائين تڪيندو ڏسي وڌيڪ شرمائجي وئي ۽ هوائي جهاز مٿان هٿ رکي چوڻ لڳي:

"هوائي جهاز پسند آهي ڇا...؟"

"نہ. هوائي اڏو." مون وراڻيومانس.

وڌيڪ چرچو برداشت نہ ڪري سگهي ۽ شرم وچان ڪٽي پٽ ڏنائين. سڏ ڪيومانس، پر نہ نهاريائين. اتي لائوڈ اسپيڪر تي اعلان ٿيو تہ "لفٽنسا جا مسافر جهاز ۾ پنهنجي جڳهہ اچي والارين، جهاز چند منٽن ۾ اڏامڻ وارو آهي....."

سڀ مسافر هوائي اڈي اندر داخل تي چڪا هئا. آڻ بہ اڳتي وڌيس. ٿورو ئي اڳتي وڌيو هوندس تہ زنده ڪلوپترا سڏ ڪيو: "تعال هنا. ارجوڪ"

"لا ــ في امان الله ـ يا حبيبي" هٿ لوڏي جواب ڏنومانس ۽ تکو تکو جهاز تي اچي پهتس. سڀ مسافر ويهي چڪا هئا. زمان منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. هن کي شايد اهو ڊپ هو تہ مون کي مصر ۾ چڏي جهاز هليو نہ وجي.

"ائين ڪبو آهي. ايڏي دير! جهاز هليو وجي ها تہ پوءِ اتي ئي رهجي وجين ها."

سيٽ تي ويهڻ سان پنهنجي بهترين مودِ جو مظاهرو ڪندي، فلمي ادا سان چيومانس:

"تہ قبلا هينئر وري آڻ ڪهڙو توهان سان پيو هلان."

"ڇا وڻلي رهيو آهين ـ؟" زمان وائڙو ٿي ويو. پر پوءِ يڪدم منهنجو چرچو سمجهي وراڻيائين.

"تہ دل اتي ئي چڏي آيو آهين. هاڻي يورپ ۾ ڇا ٿيندو."

"پرواهہ نہ ڪر. دل وئي تہ وڏي ڳالهہ ناهي. جگر، ڦڦڙ، جيرو، آندا تہ سلامت آهن. اهي ورهائيندو وتندس." ۽ اسان ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳاسين. اوسي پاسي وارا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اسان ڏي ڏسڻ لڳا. پر ۾ وينل پوڙهي سک کان وڌيڪ صبر نہ ٿي سگهيو، سو ڪنگهندي ڪنگهندي آخر پڇيائين:

”او ڪي گل هي، سانو پي تہ دَسو ـ؟“

ادا، هن وقت اٽليءَ مٿان پرواز ڪري رهيا آهيون. اٽليءَ جي مشهور شهر نيپلس جون بتيون صاف نظر اچي رهيون آهن. جنهن بابت رکي رکي پائلٽ ٻڌائي رهيو آهي. اڌ ڪلاڪ اندر روم ۾ اچي ويندو. زمان هيٺ بتين طرف ڏيان ڏيو ڇڪائي تہ ڏسان، پر آءٌ جلدي جلدي خط ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. ٻيو خط روم يا يوگوسلاويا مان لکندس. اجهو هينئر مسافرن کي سگريٽ نہ پيئڻ ۽ بيلٽ ٻڌڻ لاءِ چيو ڏيو وجي. سو في الحال خط بند ڪري بيلٽ ٿو ٻڌان.

سلام دعائون سيني دوستن لاءِ.

تنهنجو پنهنجو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ



اقبال ٹُرڪ ۽ هن جي گهرواري انجنيئر حبيبہ

جهاز جي ڊيڪ تي استعمال ٿيندڙ ڊيڪ چيئر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جهاز تي چڑهڻ لاءِ ڏاڪڻ، جيڪا گئنگ وي (Gangway) سڏجي ٿي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پائلٽ بوٽ پائلٽ کي ڪٽي جهاز ڏي وڃي رهي آهي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جهاز جو پنکو (Propeller)

خشڪ گودي (Dry Dock) ۾ هڪ جهاز ڪاٺ جي بلاڪن تي بينل آهي جنهن جو اڳيون حصو نظر اچي رهيو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جهاز جو لنگر. وچ سمنڊ ۾ جهاز کي هڪ هنڌ بيهارڻ لاءِ هن لنگر کي سنگهر (Chain) ذريعي هيٺ اڇلايو وڃي ٿو جيئن سمنڊ جي تري ۾ ڪُپي بيهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سمنڊ ۾ ٻڏڻ کان بچاءَ لاءِ لائيف بئاءِ. هي کارڪ (تمام هلکي کاڻ) جو ٺهيل ٿئي ٿو ۽ مٿي ئي ترندو رهي ٿو.

هن کتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هڪ مسافر بردار جهاز

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

1963 جي تصوير جڏهن الطاف شيخ پاڪستان مئرين اڪيڈمي چٽگانگ ۾ مئرين انجنيئرنگ جي تعليم حاصل ڪري رهيو هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

الطاف شيخ جي سال 1968 جي تصوير جڏهن هن اي.وي اباسين نالي پهريون جهاز ففٽ انجنيئر جي حيثيت سان Join ڪيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ممباسا بندرگاھ ۾ ان وقت جهاز جو ففٽ انجنيئر الطاف شيخ ۽ فورٽ انجنيئر سال 69 ۽ 1968

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

1968 ۾ جڏهن پهريون دفعو جهاز کي ڊبئي وٺي ويا هئاسين تہ اتي جي عورتن پڙدي خاطر پنهنجي منهن کي هن ريت ڍڪيو ٿي ۽ رستن تي ڪابہ ڏارئين ملڪ جي عورت نظر نہ آئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اسپلٽ (يوگوسلاويا)

نومبر 1968

ٽيون ڏينهن روم (اٽلي) کان هوائي جهاز ذريعي يوگوسلاويا جي بندرگاهه اسپلٽ Split شهر ۾ آيس. ان ڏينهن روم پهچڻ سان، روم ۾ رهندڙ اسان جي آفيس جي ايجنٽ اسان جو آڏرياءُ ڪئي. رهائش جو بندوبست اڳ ۾ ڪري ڇڏيو هئائين. سو اسان سڏو 'هوٽل پئرس' ۾ آياسين، جا وچ شهر ۾ آهي. روم جو هوائي اڈو يورپ جي وڏن هوائي اڈن مان آهي، جتي ڏينهن رات جهازن جا اڏ ڪٽندڙ قافلا لهندا ۽ چڙهندا رهن ٿا.

يورپ جا ملڪ صفائيءَ کان مشهور آهن. هر شيءِ صاف ستري ۽ سليقي سان سجايل. رستا ۽ عمارتون چمڪنديون نظر اچن ٿيون. اهڙي صفائي قائم رکڻ لاءِ سرڪار کا پنگين جي فوج، سڄي شهر ۾ نه بيهاري ڇڏي آهي. جيڪڏهن هر چپي تي بهاريءَ سان پنگي بيهارجي ته به اهڙي صفائي قائم ٿي نه سگهي، جيستائين هر هڪ شهر واسيءَ کي خود صفائيءَ جو خيال نه هجي. صفائي رکڻ کان وڌيڪ گندگي نه پکيڙڻ ضروري آهي. هتي ڪچري ڦٽي ڪرڻ لاءِ هرهنڌ ڪونه ڪو ڊبو رکيل آهي. ائين نه ته جتي سگريٽ پيتو اتي ڦٽو ڪيو، ميوو کائي، کلون اتي ڦٽيون ڪيون يا چاڪليٽ کائي، کاڌ هوا جي رحم و ڪرم تي ڇڏي ڏنا ته پيا اڏامن. جپانيءَ ۾ چوٽي مشهور آهي ته: هر ماڻهو جيڪڏهن فقط پنهنجي گهر جي اڳيان گهٽيءَ جو حصو صاف ڪري ته سڄو شهر چمڪندو نظر اچي.

هڙتالون ۽ استرائيڪون هتي به ٽين ٽيون. شاگرد پنهنجي غصي ۽ ٽيل ناانصافيءَ جو اظهار هتي به ڪن ٿا پر اسان وانگر هرگز نه، ته ڳالهه ڳالهه تي استرائيڪ. ۽ غصي ڪيڻ جو اسان وٽ فقط اهو طريقو رهيو آهي ته پبلڪ بسون ساڙجن. قومي عمارتن کي نقصان رسائجي ۽ بين اکرن ۾ پنهنجو پاڻ کي ۽ ملڪ کي چيهو رسائجي. خاص ڪري هر ڳالهه ۽ مسئلي ۾ شاگردن کي دخل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اندازي ڪري ، پنهنجو قيمتي وقت وجائي هڙتالون ڪرڻ بلڪل زيب نہ ٿو ڏئي. اسان جو ملڪ تہ اجا ترقي پذير آهي. اسان جو تہ هڪ هڪ منٽ قيمتي آهي. اسان کي تہ اهو کي ڪرڻ کپي، جنهن سان ملڪ ترقي ڪري ۽ ملڪ جي خوشحالي اسان جي خوشحالي آهي.

جرمنيءَ ۾ هڪ ڪارخاني ۾ مزورن سان گفتگو ڪندي مون هڪ کان پڇيو تہ توهان هڙتالون ڇو نہ ٿا ڪريو....؟ هن جواب ڏنو: " Because we can not afford it. اسان لاءِ هڪ ڏينهن جي هڙتال بہ ترقيءَ جي راهہ ۾ رندڪ وجهندي جنهن جو اثر وري اسان ديس واسين تي اڃ نہ تہ سياڻي ضرور پوندو ۽ اسان بين قومن جي مقابلي ۾ هڪ ڏينهن پنٽي رهجي ويندا سين."

هاڻ ذرا سوچيو، ڪٽي جرمني ڪٽي اسان جو ملڪ. جيڪڏهن جرمني جهڙي ملڪ لاءِ ڏينهن بن جي اسٽرائيڪ قومي ترقيءَ ۾ رندڪ آهي ۽ نقصانده آهي تہ اسان لاءِ هيتريون اسٽرائيڪون ۽ هيترن ڏينهن لاءِ، ڪيترو خراب آهن. اسان کي گهرجي تہ اسان بہ ان قسم جي ذميداري محسوس ڪريون ۽ اهو کي ڪجهہ ڪري ڏيکاريون جو سڄي دنيا ۾ باعث تحسين ۽ باعث داد ثابت ٿئي. اسين جيڪڏهن چاهيون تہ اسان جا شهر بہ روم، پئرس، شنگهائي بنجي سگهن ٿا. بلڪ ان کان بہ سهٽا. بس فقط هڪ مستقل ارادي جي ضرورت آهي.

ادا، روم جتي آڻ ڪجهہ ڏينهن اڳ هوس، هڪ تاريخي شهر آهي. اٽڪل چارهزار سال پراڻو چون ٿا. هن ۾ توهان کي پراڻي ۽ تمام نئين قسم جو عمارتون نظر ايندیون. دنيا جو وڏي ۾ وڏو چرچ 'سينٽ پيٽرس' بہ روم ۾ آهي. جو واقعي ڏسڻ وٽان آهي. ايترو تہ منجهس ڪم ٽيل آهي جو هڪ بن ڏينهن ۾ تہ ڏسي نہ ٿو سگهجي. ان کان علاوه ويٽيڪان سٽي جيڪا دنيا ۾ ننڍي ۾ ننڍي حڪومت آهي ۽ پوپ ٿو حڪومت ڪري، سا پڻ هتي روم ۾ آهي.

شهر ۾ جتي ڪٽي وڏا پٿر جا ۽ ڏاتوءَ جا بت (Statue) نظر ايندا. بگهاڙيءَ جو بت روم جي قومي نشاني آهي. ان بابت چيو وڃي ٿو تہ روم بن پائرن نهرايو، جن کي ننڍي هوندي ان بگهاڙيءَ ڪير پياري وڏو ڪيو. شهر جي وچ ۾ سوني گهوڙي جو بت آهي. چيو وڃي ٿو تہ جڏهن ان گهوڙي جو سون بلڪل

وٽڙي ويندو، تہ پوءِ روم ختم ٿي ويندو. اسان کي گائيڊ هر شيءَ ڏيکاريندو ۽ ڏسيندو هليو. گهوڙو سڄو سون جو نهيل ناهي، پر سونو پاٽي چڙهيل اٿس، جو ڪٽان ڪٽان لهي چڪو آهي. هڪ همراه اسان مان گائيڊ جو ان ڏي ڏيان چڪائيندي چيو: ”هي سون ختم ٿيڻ تي آهي، آيو ڪي آيو. پوءِ روم ـ توهان جو شهر تہ ختم ٿي ويندو؟“ سڀ کلڻ لڳا.

هڪ وڏي عمارت ’ڪمپيڊا گلو‘ نالي جا سؤ ڪن ويڪرا ڏاڪا هڪ عورت گوڏن پر پار ڪري رهي هئي. گائيڊ ٻڌايو تہ هتي جي عورتن کي ايجا اهو وهم آهي تہ ’ٻار نہ ٿيندڙ عورت هي سڀ ڏاڪا گوڏن پر چڙهندي، تہ ٻار ٿي ويندس‘ مون دل ۾ سوچيو تہ پوءِ روم ۽ سنڌ جي انهن عورتن ۾ ڪهڙو فرق آهي جي جهنڊن ۽ قبرن کي هٿ ٻڌي اولاد جي گهر ڪن ٿيون.

”هيءَ اها جڳهہ آهي جتان مسوليني بيهي تقرير ڪندو هو ۽ هن ڇوڙاٽيءَ تي ماڻهن جا ميڙ بيهي اهي ٻڌندا هئا“. اسان جو گائيڊ اسان کي ٻڌائيندو رهيو. ”هتي نيرو روم کي باه ڏيئي پوءِ ويهي چنگ وڄايو هو. هيءَ اها جڳهہ آهي جتي انگريزي فلم Fall of Roman Empire فلمائي وئي هئي. هيءَ مشهور Reconciliation Street آهي، هي تريوي جو مشهور ڦوهارو آهي. هي سينٽ اينجلو جو پراٽو قلعو آهي.“

سڀ کان وڌيڪ مون کي اهو ننڍڙو ٻيٽ وڻيو، جو شهر جي وچ مان وهندڙ ’تائيبر‘ ندي۾ هو. سينٽ پيٽر چرچ جي ڪابي پاسي واري عمارت جي ٽيڪ لاءِ ٽنين جون ڪيتريون ئي قطارون آهن ۽ سينٽ پيٽر ڇوڙاٽيءَ وٽ هڪ اهڙي جڳهہ آهي، جتان جيڪڏهن بيهي انهن ٽنين ڏي ڏسجي تہ فقط اڳين ٽنين جي قطار نظر ايندي، باقي پويان قطارون اڳين ٽنين پويان لڪي ويندیون ۽ پوئين قطار جو هڪ بہ ٽنيو نظر نہ ايندو. اهو عمارت سازيءَ جو وڏو هنر آهي جو پراٽي زماني جي ماڻهن ناهيو. مائيڪل اينجلو جون تصويرون پڻ هتي ڏسڻ وٽان آهن.

روم اٽليءَ جي گاديءَ جو هنڌ آهي. ماڻهن جي زبان اٽلين (Italian) آهي جنهن کي پاڻ اطالوي سڏيون ٿا ۽ هتي جي سڪي جو نالو ’ليرا‘ ۽ ’سينٽ‘ آهي. اٽلي ’فيات‘ گاڏين کان مشهور آهي. هاڻ بحري ۽ هوائي جهازن لاءِ پڻ اٽلي فيات

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

انجٹيون ناهي رهي آهي. روم ۾ ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ ٻي گاڏي نظر اچي ٿي، نہ تہ جيڏانهن بہ نظر ڪجي تہ فياٽ ڪارون ئي نظر اچن ٿيون. صبح جي وقت هر گهر ۽ بلڊنگ اڳيان خاص ڪري ننڍي سائيز واريون موٽرون ائين نظر اچن ٿيون، جڙ تہ ڪي راندیکن جا ڍير هجن. روم ۾ گهٽو ڪري هر هڪ وٽ ڪار آهي پر سفر گهٽو ڪري بس ۾ ڪن. جو اهو وڌيڪ آرامده ۽ سستو پوي ٿو.

جيڪڏهن بس ۾ سفر ڪرڻ بدران هرهڪ پنهنجي پنهنجي ڪار ڪڍي اچي، تہ جيڪر رستن تي ٽرئفڪ جام ٿي وڃي. هتي جي ڊرائيورن جي هڪ ڳالهہ قابل ذڪر آهي تہ اسان وڌيڪ خوش اخلاق آهن. پيادن جو گهٽو خيال رکيو وڃي ٿو. سگنلن ۽ قانون جي پيڇڪڑِيءَ کان ڪافي پرهيز ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جيتوڻيڪ اسان کان وڌيڪ هتي جي ٽرئفڪ آهي،تہ بہ حادثا گهٽ ٿين ٿا ۽ ساڳي وقت پيادن ۾ پڻ اهو شعور آهي تہ ڪڏهن بہ غلط جاءِ تان رستو نٽا ٽپن ۽ بس ۾ چڑهڻ لاءِ بہ صحيح ۽ مقرر هنڌ تي بيهي انتظار ڪن ٿا، تہ پوءِ ان لاءِ ڪٽي ڪين ڪجهہ پنڌ پيدل هلڻو پوي يا ڪجهہ دير ترسڻو پوي.. گهٽو ڪري بسون ۽ ٽرامون اليڪٽرڪ تي هلن. ان ڪري دونهون نہ برابر رهي ٿو.

عام طرح روم جي ماڻهن ۾ رکائي ۽ شوخي آهي. ٻين ۾ تہ ڇا پر دڪاندارن ۾ پڻ. اسان جي دڪاندارن جي ڇا ڳالهہ ڪجي. گراهڪ تان قربان پيا ٿيندا. هڪ شيءِ بدران ڏهہ ڏهہ شيون گراهڪ کي ڏيڪارينداتہ من راڻو ريجهي، پر هتي اها ڳالهہ ناهي. زياده تر دڪان ۽ هوٽلون عورتون هلائين. شهر ۾ ڪيترائي ڊپارٽمينٽل اسٽور آهن، جتي سئي سڳي کان موٽر ڪار تائين هر شيءِ ملي ٿي ۽ شهر جي قيمتن کان گهٽ اگهہ تي ملي.

اٽلي جي ٻن پاسن کان بحر روم (Mediterranean Sea) آهي. هڪ طرف کان ادارڪٽڪ سمنڊ. وينس ۽ ٽرشٽيءَ جهڙا ڪيترائي سهڻا بندرگاهہ اٽس. يورپ جي ٻين ملڪن وانگر روم ۾ بہ ڪافي سردي هئي. پر هتي يوگوسلاويا ۾ تمام گهٽي آهي. توڙي هي خط يوگوسلاويا جي شهر اسپلٽ جي هوٽل مريان مان لکي رهيو آهيان. اسان ٻن ڏينهن کان هن هوٽل مريان ۾ رهيل آهيون.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سمنڊ جي ڪناري تي هيءَ هوٽل هن ننڍڙي شهر جي وڏي ۾ وڏي هوٽل آهي ۽ ڪراچي انٽرڪانٽينينٽل جيڏي ٿيندي. اسين نائين ماڙ تي رهيل آهيون. جتان سڄي شهر جو نظارو چٽيءَ طرح ڪري سگهجي ٿو. يوگوسلاويا جيتوٽيڪ سوشلسٽ ملڪ آهي، پر هتي ايتري چين جهڙي سختي ناهي. ماڻهن کي هر قسم جي آزادي آهي تہ گهمن ڦرن، کائين پيئن ۽ پهرين. هتي جو سڪو دينار ۽ سينٽ آهي. پنهنجي هڪ روپئي ۾ ادائي دينار کن ٿيندا. هتي جي ماڻهن جي زبان يوگوسلاوين آهي ۽ لکڻي جيتوٽيڪ انگريزيءَ جهڙي آهي پر اچارن ۾ فرق اٿس.

يورپ جي ٻين ملڪن وانگر هتي بہ مهانگائي حد درجي جي آهي. معمولي شين جا بہ ڳرا ملهہ آهن. ڪالهہ هڪ ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ ويساسين، جتي ٻاهر جي دڪانن کان هر شيءِ سستي ملي ٿي. هتي جا ڊپارٽمينٽل اسٽور ڪافي خوبصورت آهن ۽ هي اسٽور 'محبوب ڪلاٿ مارڪيٽ' ڪراچيءَ جيڏو ٿيندو ۽ چار ماڙ هو. مٿي چڙهڻ لاءِ ٻاڦي مٿي ويندڙ ڏاڪڻيون (Escalators) هيون ۽ هر سيلز گرل کي ساڳيو وڳو هو. گراهڪن کان وڌيڪ وڪڻڻ واريون چوڪريون نظر اچي رهيون هيون. هتي انگريزي کي ورلي سمجهي سو هر ڳالهہ لاءِ اشارا ڪرڻا پون ٿا ۽ وات کي ابتو سبتو ڪرڻو پوي ٿو. منهنجي دوست سعيد تہ هٿ جا اشارا بہ ڪندو آهي تہ پنجابيءَ ۾ بہ سمجهائيندو آهي. بقول هن جي هنن لاءِ جهڙي انگريزي تهڙي پنجابي.

جيئن اسان وٽ ڪو ڏاريو ايندو آهي تہ سڀ پيا ڏسندا اٿس ۽ ڏاريو ماڻهو پري کان پڏرو. ساڳي ڳالهہ اسان سان هتي آهي. اسان هتي جي سوَن هزارن ماڻهن ۾ پڏرا آهيون. هتي جا ماڻهو قداور ۽ تندرست آهن. سرد ملڪ آهي ان ڪري خوب ڳورا ۽ ڳاڙها آهن. ننڍي هوندي ڪهاڻين ۾ پڙهبو هو تہ راڻي سلامت يا شهزادي صاحبہ ايتري سهڻي ۽ اڇي هئي جو پاڻي پيئندي هئي تہ اهو بہ نڙيءَ مان نظر پيو ايندو هو ـ يا ٻين لفظن ۾ 'انڊس گلاس فئڪٽري' جي نهيل هئي. بهرحال اهڙين راڻين يا شهزادين جو وجود سچو آهي، تہ اهي پڪ هتي يوگوسلاويا جي ڪهہ جهڙين گورين سان تعلق رکندڙ هونديون. اسان کي تہ هتي جي ماڻهن جي مقابلي ۾ بلڪل ڪارو سمجهہ. ڪالهہ ڏاڍو مزو ٿيو، شاپنگ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سينٽر ۾ ٻه چوڪريون مستقل اسان ڏي نهاري مرڪي رهيون هيون. ڪجهه پڇڻ چاهيون ٿي، پر اڻ واقفيت جي ديوار کين روڪي رهي هئي. آخر انهن مان هڪ جڙي دل ٻڌي اڳتي وڌي ۽ معصوميت سان پڳل ٽٽل انگريزيءَ ۾ پڇڻ لڳي: "ڇا توهان آفريڪا جا آهيو..؟"

وڏي ادب سان جواب ڏنوسين: "پرين جي ڪهاڻيءَ جي خوبصورت شهزادي، اسان آفريڪن نه پر ايشين Asian آهيون. آفريڪن ته اسان کان ٻه وڌيڪ ڪارا آهن."

منهنجي انڪساريءَ تي شايد ٿورو مٿي تي چڙهي وئي. چوڻ لڳي: "آءٌ جيڪڏهن پاڪستان، ڪينيا يا سلون وجان ته 'مس بيوٽي' سڏجان". چيوسينس "گهٽي خوشفهميءَ ۾ مبتلا نه ٿي. جيڪڏهن چئي ۽ پوري چمڙيءَ سونهن جي نشاني هجي ها ته هندستان جي مس فرح ريتا ڪڏهن به عالمي حسن جي Miss Universe نه چونڊجي ها. مجنون ڪڏهن به سانوري صورت ليلىٰ لاءِ بيابان ۾ خاڪ نه چاڻي ها."

شام جو واپس هوٽل ۾ پئي آياسين ته هڪ گهٽيءَ مان اوچتو ٽي عورتون ظاهر ٿيون. سندن ڪپڑا ٻين وانگر تازي فئشن جا نه هئا پر بلڪل سادا ۽ ڍلا هئا. کين ٻين وانگر مني اسڪرٽ يا سلئڪس نه هئا پر ٽنهي کي مختلف ڳوڙهن رنگن جا ڊگها پڙا اوڍيل هئا، جي اسان وٽ اڪثر باگڙي فقيراٽيون پائيندیون آهن. هٿن ۾ ڪپڙن جون رنگين ڳوٽريون هين. هڪ کي ڪڇ ۾ هڙ هئي. شڪل ۾ صفا معصوم ۽ اکين مان سادیون لڳي رهيون هيون. اسان سمجهيو ته اهي هتي جون فقيراٽيون آهن. پر پوءِ معلوم ٿيو ته هي ڳوناٽيون عورتون آهن ۽ پر واري ڳوٺ کان شهر ۾ خريداري لاءِ آيون آهن ۽ شهر جي ماڻهن وانگر چالاڪ ۽ شوخ نه آهن. روم ۾ به هڪ دفعو اهڙو واقعو درپيش آيو. لڳي ٿو ته سڄي دنيا جي ڳوٺن جا ماڻهو هڪجهڙا سادا، معصوم ۽ سباجهڙا آهن.

هتي يورپ ۾ ڪيترا ماڻهو پري کان سڃاڻي نه ٿا سگهجن ته مرد آهن يا عورتون. وار عورتن جا ننڍا ٿيندا وجن ته مردن جا وڏا. اڇڪلهه سردي هئڻ ڪري اوور ڪوٽن ۾ ويتر سندن ائناڏامي جي خبر نٿي پوي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هتي جون مارڪيٽون ڏسڻ وٽان آهن. هر قسم جي پاڄي صاف ستري ۽ تازي. پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۾ ٽڏن ڪٻٽن ۾ محفوظ نظر اچي ٿي ۽ مٽان قيمت لکي پئي آهي. جنهن کي جيڪي کپي اهو کڻي اوترا پئسا رکي. ڪن ڪن هنڌن تي ته بنا دڪاندار وارو سلسو آهي مختلف ڪٻٽن ۾ ڪيترن قسمن جون شيون رکيل ۽ ٻاهران انهن جي شڪل نهيل. قيمت جو سڪو سير ۾ وڇهڻ سان ٽافيون، چاڪليٽ، گرم گرم ڪيڪ، پيسٽريز، چانهه يا ٽڏا مشروبات لفافي ۾ هيٺ خاني ۾ اچي ڪرندا. ڪيترن هنڌن تي ـ ايئرپورٽ، آفيسن، وڏن دڪانن ۾ آٽوميٽڪ ڪلندڙ دروازا عام جام آهن. اڃا ماڻهو ٻه قدم ڪن دروازي کان پري هوندو ته دروازي جا ٻئي طاق پاڻهي کلي ويندا ۽ لنگهڻ بعد بند ٿي ويندا... بهرحال اهي مڙيئي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي سڀ جي ڏٺي ۾ في الحال پاڻ لاءِ افسانوي ٿيون لڳن پر انشاءالله چند سالن بعد پنهنجي ملڪ ۾ به عام ٿي ويندیون جيئن ئي ٽوري ٽيڪنالاجي ۾ ترقي ٿيندي ته.

يوگوسلاويا مشينريءَ کان مشهور آهي. ان کري مشينريءَ کان علاوه ٻي هر شيءِ مهانگي آهي. اسان جي رهائش، کاڌي پيتي ۽ گهمڻ ڦرڻ جو خرچ هتي جي شپ ياردِ بلي آهي، جيسين جهاز اسانجي حوالي ڪن ۽ لنگر کڻي ٻئي ملڪ وڃون.

ڪالهه هوٽل جي Receptionist فون ڪري پڇيو ته هڪ دڪاندار معلوم ڪرڻ چاهي ٿو ته هتي جي هٽ جو سامان سوکڙيءَ طور وڻندا. هتي اهڙين شين جون قيمتون اهڙيون ڳريون آهن جو انهن کان هالا جي جنديءَ ۽ ڪاشيءَ جا ٽپڙ سوين دفعا سستا آهن. دل ۾ چيم ته اسان ٻين جي خرچ تي رهيل چا وڻنداسين. اسان پاڻ ئي پنهنجي دل هٽن تي رکي چندر جو راڳ ڳائيندا وتون ته:

'دل آهي هٽن ۾، ٿو خريدار کي ڳوليان'

سو فون تي انڪار ڪري چيومانس، ته: "توکي پاڻ اسان جي دل ۽ جان جو ڪو قدردان، خريدار ملي ته ان کي اسان ڏي موڪلجانءِ."

هتي يورپ جي ملڪن ۾ اسان جي ملڪن وانگر آسمان هميشه صاف نه ٿو رهي. سج يا چنڊ جو ته ڪڏهن ڪڏهن ديدار نصيب ٿئي ٿو، نه ته هر وقت جهڙ ۽

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بارش لڳي رهي ٿي. ساڳيو عالم هن پاسي جي سمندن تي آهي. شهر ۾ پاڻيءَ جي نڪاسيءَ جو سنو بندوبست هجڻ ڪري شهر هروقت صاف ستڙا نظر اچن ٿا. بهرحال پاڻ کي هتي جي بارش مان مزو بلڪل نٿو اچي. پلا اها بہ ڪهڙي بارش، جنهن جي ڪري گپ يا چڪڻ نہ ٿئي. اها بہ ڪهڙي بارش جا سڄو سڄو ڏينهن وسي تہ بہ رستا بلڪل خشڪ ۽ موٽر گاڏين جي ٽيٽن تائين بہ پاڻي نہ رهي. دراصل ان ۾ هتي جي انجنيئرن ۽ نيڪيدارن جو وڏو ڏوهہ آهي. جن رستا ۽ فوٽ پاٿ اهڙي نموني ناهيا آهن جو مينهن جو سمورو پاڻي وهيو وڃي ۽ ڪٽي بہ ڪڏا ڪوبا نہ ٿا ٿين. ڪنهن موٽر لاريءَ جي ترڪڻ يا گپ ۾ ڦاسڻ جو امڪان نہ ٿو ٿئي. هڪ پنهنجو ڳوٺ آهي. 'بارش پوي ڇهہ ڪلاڪ، ڇنو ٿمي ڇهہ ڏينهن' جي مصداق اڌ ڪلاڪ اندر وچ مارڪيٽ ۾ ٻارن جي ترڻ لاءِ سئمنگ پول نهي ويندا آهن ۽ اهڙا تارو ڪٽي نہ ملندا. ٿي سگهي ٿو تہ اهو ئي سبب آهي جو سنڌ مان سپ ڪان وڌيڪ نيويءَ ۾ پنهنجي ڳوٺ جا آهن.....! والله اعلم باالثواب.

تنهنجو پنهنجو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

طرابلس (TRIPOLI)

ڊسمبر 1968ع

يوگوسلاويا جي بندرگاهه 'اسپلٽ' تان رات جو ٻارهين لڳي، اناويهين تاريخ لنگر ڪنيوسين. اڇڪلهه آڻُ وري رات واري ڊيوٽي ڪري رهيو آهيان ۽ ڏينهن جو الوءَ وانگر سمهندو آهيان. سو ان وقت منهنجي ڊيوٽي هئي. جنهن وقت جهاز بندرگاهه ڇڏيو پئي. سڄي سفر ۾ اسان انجنيئرن کي ڏاڍو خبردار ٿي رهڻو پيو ٿي. بلڪل نئون جهاز ۽ نئين مشينري آهي. ڪيترا اهڙا واقعا ٿيا آهن جو انجنيئرن جي سستي ۽ لاپرواهيءَ سبب نئين جهاز جي انجڻ کي ڪافي نقصان رسيو آهي. رفتار به سڄي نٽي رکيسين سڄو وقت گهٽ رفتار تي سفر ڪيو اٽئون. جيئن نئين موٽر ڪار يا گاڏي پهرين ڪجهه عرصو آهستي آهستي هلائبي آهي تہ هرهڪ پرزو روان ٿي وڃي. چوٽين تاريخ صبح جو لبنان جي هن شهر ٽريپوليءَ ۾ خيريت سان پهتاسين. رستي تي ڪوبہ حادثو نہ ٿيو. يوگوسلاويا، اٽلي، البانيا ۽ يونان جو ٿورو حصو ادرياٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي آهي ۽ لبنان، اسپين، موراڪو، الجيريا، ٽيونس، فرانس، ترڪي، شام، ليبيا ۽ مصر ميڊيٽرينن سمنڊ جي ڪناري تي آهن. سرديءَ جي ڪري اڇڪلهه سواءِ ائٽلانٽڪ سمنڊ جي، هر سمنڊ گهٽو ڪري مانو آهي، پر اسان جيئن ئي ادرياٽڪ سمنڊ پار ڪري ميڊيٽرينن ۾ گهڙياسين، تہ سمنڊ ۾ ڏاڍو جوش هو. مٿان وري طوفان ۽ سخت مينهن، جنهن پورن پنجويهن ڪلاڪن تائين گهيري رکيو. جهاز به بلڪل خالي هو ۽ هلڪي هئڻ ڪري ڪک وانگر طوفان ۽ لهرن جي رحم ڪرم تي لڏڻ لڳو. ڪڏهن اڳيون حصو سمنڊ ۾ اندر هليو وڃي تہ پويون ايترو ٻاهر نڪريو اچي، جو جهاز کي هلائيندڙ پنکو (Propeller) به ٻاهر نڪريو اچي. (جهاز کي قيٽا تہ ٽين ڪونہ. پنڌيان تري ۾ پنکو ٽيندو آهي، جو پاڻيءَ کي ڪپي جهاز کي اڳتي ڌڪيندو آهي.) طوفان کا بچڻ خاطر اسان جهاز جي رفتار بلڪل تيز ڪري ڇڏي. پورن پنجويهن ڪلاڪن بعد جڏهن سمنڊ تي خاموشي طاري ٿي، تہ اسان نقشي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تي پنهنجي پوزيشن ڏني تہ معلوم ٿيو تہ هيتري رفتار هوندي بہ ان عرصي ۾ جهاز اڳتي تہ نہ وڌيو هو، پاڻ ٿيهہ ميل پنتي ڏکجي ويو هو. اهڙي قسم جا واقعا سمنڊ تي عام ٿيندا رهن ٿا.

1962ع ۾ طوفان سبب هڪ جهاز ڏکجي چٽگانگ ۾ سکي تي بہ سترهن ميل کن چڙهي آيو هو. جنهن کي وري سمنڊ ۾ نہ آڻي سگهيا جو سمنڊ ۾ گهلي اچڻ جو خرچ جهاز جي قيمت کان وڌيڪ ٿي آيو. بهرحال اسان ٽرپولي هڪ ڏينهن دير سان پهتاسين.

ٽرپوليءَ کي طرابلس بہ سڏين. انين يا نائين ڪلاس ۾ هڪ سبق آهي، 'فاطمه آف ٽرپولي' ۽ اها مسلمان چوڪري، جنهن جهاز ۾ زخمين جي مدد ڪئي سا هن شهر طرابلس سان واسطو رکي ٿي. هڪ طرابلس (Tripoli) شهر لبيا ۾ بہ آهي. ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اها فاطمه لبيا واري ٽرپولي جي هجي. اسلامي تاريخ ۾ طرابلس تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ۽ روايتون هن شهر سان وابستہ آهن. لبنان ملڪ جو هي شهر، لبنان جي گاديءَ جي هنڌ بيروت کان اسي ميل کن پري آهي. لبنان جو سڄو ملڪ ايراضيءَ جي حساب سان سنڌ جي حصي جيترو آهي. لبنان ۾ تقريباً اڌو اڌ مسلمان ۽ عيسائي آهن.

طرابلس شهر جابلو علائقي ۾ آهي ۽ انهن جبلن جي قطار سمنڊ جي ڪناري کان شروع ٿئي ٿي. جبل بہ ايڏا اوچا ۽ آفت جيڏا جو آسمان سان پيا ڳالهيون ڪن ۽ انهن چوٽين تي جميل برف ڏينهن جو چانديءَ وانگر چمڪندي نظر اچي ٿي ۽ سياحن ۽ نون آيلن جي ڏسڻ جو مرڪز آهي. جبلن تي هڪ خاص قسم جا 'سيدار' نالي تمام خوبصورت وڻ نظر ٿين ۽ اهو ئي وڻ هن ملڪ جي قومي نشاني آهي جو جهنڊي، سڪي ۽ ٽڪلين تي نظر اچي ٿو. هي ملڪ يورپ جي پرسان آهي انڪري مسلمانن جو ملڪ سڏائڻ جي باوجود يورپ جي هوا جو اثر اتس.

رمضان ۾ بہ شراب خانا ۽ هوٽلون عام ڪليون پيون آهن. هتي جون عورتون ـ خاص ڪري ننڍي ٽهي اسڪرٽ پهرين، جنهن جي ڊيگهہ سترن تائين مس ٿي اچي. (ڪالهہ تہ اخبار ۾ هو تہ مصر ۾ بہ عورتن مني اسڪرٽ پائڻ شروع

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪيو آهي، جنهن لاءِ اتي جي مولوين جمال ناصر کي عرض ڪيو آهي ته هو اهڙو ڪو قاعدو ڪڍي جو ان تي بندش رهي، ڇو جو مني اسڪرٽ پائي نماز پڙهڻ سان عورت جي اوگهڙ ظاهر ٿئي ٿي. صدر ناصر جواب ۾ چيو ته ان لاءِ قاعدو ته نه ڪرندو. هر فئملي پنهنجي مرضيءَ جي مالڪ آهي.) عورت ۽ مرد ٻين يورپين ملڪن وانگر هتي به آزادانه نموني، هر جڳهه گڏ ڦرندا رهن ٿا. هتي جون عورتون به مردن وانگر سگريٽ عام ڇڪين. هوٽل، بس، سئينما تي به عورت ۽ مرد لاءِ الڳ الڳ بندوبست ناهي. توهان کي ڏسڻ سان ائين هرگز معلوم نه ٿيندو ته ڪو مسلمان ملڪ آهي. پر پنج ئي آڱريون برابر ناهن. گهرائيءَ سان جائزو ونبو ته پرهيزگار به جام نظر ايندا. مٿيون ڳالهيون لبنانين جي تهذيب ۾ شامل ٿي ڇڪيون آهن ۽ مذهب جي خيال کان ڪافي ماڻهو ان ڪوشش ۾ آهن ته شراب يا مني اسڪرٽ جهڙيون شيون بند ڪرايون وڃن.

هتي عربي ۽ فرينچ زبان گهڻي هلي ٿي. انگريزي، جرمن، ڊچ زبانون تمام ٿورا سمجهن. شهر ۾ ڪيتريون ئي مسجدون ۽ ڪليسائون آهن.

هن وقت هتي رات جا ڏهه ٿي رهيا آهن. توهان وٽ هڪ وڄي ڇڪو هوندو، جو ٽن ڪلاڪن جو فرق آهي. توهان وٽ نائين ڊسمبر ٿي چڪي آهي، پر اسان وٽ تاريخ اڃا انين ڊسمبر هلي رهي آهي. هن وقت جيڪڏهن تون تار ڪرين ته تنهنجي تار نائين ڊسمبر جي مون کي هتي جي تاريخ مطابق انين ڊسمبر تي ملندي. يعني هڪ ڏينهن اڳ. هتي ته فقط ٽن ڪلاڪن جو فرق آهي، آمريڪا وغيره جتي ٻارهن ڪلاڪن جو به فرق آهي، اتي اخبارن ۾ خبرون اسان جي ملڪن جون هڪ هڪ ڏينهن اڳ ڇپيون آهن. جاگرافيءَ کان غير واقف اهو سوچي تعجب کائيندا آهن ته مشرق ۾ ڪا ڳالهه ٿئي ٿي ته اها مغرب ۾ هڪ ڏينهن اڳ اخبار ۾ اچيو وڃي.... اهو ڪيئن؟

هتان پوءِ جهاز بيروت به وڃڻو آهي پر جيئن ته پڪ ناهي ان ڪري آڻ ۽ زمان ٻاڻ رودِ بيروت جا به چڪر هڻي آيا آهيون. پنج ڇهه ڇڻا ٿي ٽئڪسي ۾ ويندا آهيون ان ريت اهو سفر بس کان به سستو پوي. پوءِ بيروت جو سڄو شهر گهمڻ لاءِ پنهنجي گوڏا گاڏي استعمال ڪريون. اڳئين دفعي ته ايترو پنڌ ڪيوسين

جو زمان چيو تہ هان پاڻ سان تيل بہ ڪٹي هلنداسين جيئن ٽڪجي پئون تہ ڪنهن وڻ هيٺ ويهي پير ۽ ٽنگون مالش ڪريون. سپ کان جونئر آهيون ۽ گهٽ پگهار اٽئون پر گهمڻ ڦرڻ ۾ سينئرن سان وڃي ڪلهو هٽندا آهيون. سو ان ريت، ماني ڪائي نڪرون ۽ وري موٽي اچي جهاز تي ڪائون. پر هڦڙي Situation ۾ جتي ٻئي شهر کان وڃي نڪرون اتي پوءِ پڳڙي، دال پٽاٽي تي گذران ڪيون. بيروت ۾ خاص Interest دليپ، راجيش ۽ شرميلا ٽئگور جون فلمون، الحمرا مارڪيٽ جا چڪر ۽ دڪانن تي چڙهي نَلها اڳهہ پڇڻ، امريڪن يونيورسٽي ۾ هم وطنين سان ملڻ. اڳئين دفعي جيڪا فلم ڏسي آياسين اها شمي ڪپور جي 'ايوننگ ان پئرس' هئي.

بيروت جو هڪ دلچسپ واقعو جنهن ذهن تي ڪافي گهرو اثر ڇڏيو آهي. اڳئين دفعي بيروت ۾ مينهن اچي ڏاڍو پيو. زمان ۽ آڏ مينهن کان بچڻ لاءِ پاسا ڪندون ڳولڻ لڳاسين. آخر هڪ ماڙيءَ جي هيٺين در وٽ آڏ ۾ ٽي بيناسين. پاسن کان دڪان هئا. مٿي ڪاٺ جي ڏاڪڻ ٽي وئي. ڪافي دير بينا رهياسين پر بارش بند ٿيڻ جي ڪا اميد ڪانہ ٿي ڏٺي. اڌ گابرا پڄي بہ چڪا هئاسين. اوچتو در جي مٿان نظر پئي تہ تختيءَ تي عربيءَ ۾ ڪجهہ لکيل هو. بهرحال نالي جي تہ خبر پئي تہ هيءَ جاءِ، اوطاق يا بينڪ ڪنهن ليلىٰ نالي محترمہ جي آهي.۽ مٿي ميوزڪ بہ هلي رهي هئي. ڪجهہ مينهن کان بچڻ لاءِ، ڪجهہ بيهڻ بدران ويهي ٽڪ پڄڻ جي خيال کان ۽ ڪجهہ نالو وطني نالن سان ملندڙ پڙهي اسان همت ڪري مٿي چڙهي پياسين. هڪ عاليشان ڊرائنگ روم هو جنهن ۾ ست اٺ جڻا پنهنجي منهن وينا هئا. ڪنهن حقو پئي پيتو، ڪنهن ڪاري چانهن (قهوو) پيالي ۾ پئي پيتي، هڪ بن اخبارون پئي پڙهيون. ڪنهن بہ اسان جو نوٽيس نہ ورتو. ان ڪري اسان بہ بالم ٿي ڪوچ تي ويهي عربي ميوزڪ بہ ٻڌڻ لڳاسين تہ آسمان مان ٽمندڙ پاڻي پڻ ڏسڻ لڳاسين تہ جيسين پچاڻو ٿئي ۽ اسانکي لوڏيو وڃي تيسين جيڪر بارش بند ٿي وڃي تہ اسان پاڻمرادو هليا وڃون. ٿوري دير ٿي تہ سامهون ڪمري وارو در کليو. هڪ عرب مُڃن کي تاءُ ڏيندو، جبي کي درست ڪندو ٻاهر نڪتو. ٿوري جهٽ بعد هڪ خوبصورت عورت ليلىٰ وانگر ڪاري تہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

نہ پر ايلزبيٿ ٽيلر جهڙي گوري ۽ تندرست، در جي چانئٹ وٽ بيهي سيني ڏي قتلام ڪندڙ نظرون اڇلائي عربي ۾ ڪجهہ چيو ـ يعني سڏيو ۽ وينلن مان هڪ عدد اٿي اندر ويو. در بند ٿي ويو ان سان گڏ اهي مدهوش ڪندڙ خوشبوئون پڻ ،جي اندران ٻاهر ڏوڪي رهيون.

اسان سوچيندا رهياسين تہ چڪر ڪهڙو آهي. پهرين سمجهيوسين تہ شايد ڊاڪٽر آهي يا وڪيل ـ ۽ هڪ هڪ کي پئي گهرائي. پر پوءِ اهڙو رڪُ رکاءُ ۾ هلندڙ چڪلو ـ جنهن بابت ڪڏهن ڪتابن يا پراڻن جهازين کان ٻہ نہ ٻڌو هئوسين، ڏسي تعجب لڳو. نهيو! هاڻ خبر پيئي تہ هي عرب دنيا جا امير بيروت پڳا بينا آهن سو فقط ڦوڪ پرڻ لاءِ پنهنجي چلم بنا تماڪ ۽ پاڻيءَ جي گهرن ۾ ڏوڙ پئي پائي! آخر بارش ٻہ بند ٿي. ان دوران هڪ ٻہ ڇڻا فارغ ٿي چڪا هئا. اسان هاڻ نڪرڻ ٿي چاهيو تہ ان ئي وقت ليلىٰ صاحبہ نمودار ٿي ۽ اسان کي ائين اٿي هلي وڃڻ کيس پسند نہ آيو. هن کو سمجهيو تہ اسان جلدي ۾ آهيون سو ٻين کان معافي ونڊي اسان کي اڳ وارو ڏيڻ چاهيائين ٿي. اسان کي پنهنجي جسم سان لڳائي چڪڻ لڳي. اسان وارن جنريٽرن کان تمام گهڻو گهڻو ڪرنٽ سيسرات ڪري اسان جي جسم مان لنگهي ويو. ٿورو ٿورو سندس عربي ۽ اشارن مان سمجهڻ لڳاسين تہ هوءِ اسان کي هڪ پاڙيسري ملڪ (۽ شايد غريب ملڪ جا پڻ) باشندا هجڻ ڪري آفر ٻہ ڪهڻائي اڏ ڪئي اٿس ـ پر افسوس جو اسان جا کيسا ٻہ اسان جي پيٽن وانگر ذري گهٽ خالي هجڻ ڪري اسين موٽي آياسين.

اسان هي شهر ٽرپولي (طرابلس) ڏاڍو گهميا آهيون. چگو وڏو شهر آهي. چؤڌاري اوچيون اوچيون جڳهيون ۽ نظارا آهن. هڪ خيال کان اسان کي گهمڻ ڏاڍو سستو پوي ٿو. ان ڪري جو پرديس ۾ ٻن شين جو مسئلو درپيش اچي ٿو. هڪ اجهو ٻيو ماني. سي ٻئي شيون اسان کي جهاز تي ميسر آهن. يورپ ۾ ٻہ پاڪستاني ۽ هرقسم جا مشرقي ڪاڏا جهاز تي تيار هوندا آهن ۽ رهڻ لاءِ جهاز تي ايئر ڪنڊيشنڊ ڪمرا ـ انڪري ڪنهن ٻہ ملڪ جي چاهي ڪهڙي ٻہ آبهوا هجي گرم يا سرد، کو خاص فرق نٿو پوي. اهڙو سک تہ هتي جي وڏين هوٽلن ۾ ٻہ نہ ملي. نہ تہ هتي پنهنجي خرچ سان ايترا ڏينهن گهمڻ اسان جهڙن لاءِ تہ مشڪل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آهي. هتي مهنگائيءَ جو ڪو ڪاٿو ناهي. هتي جي ماڻهن لاءِ ته ڪا وڏي ڳالهه ناهي جو ڪمائي ٻه گهڻي اٽن. ان کان علاوه قدرتي پيٽرول هنن ملڪن کي راتو رات امير بنائي ڇڏيو آهي. سياحت پڻ هتي جي ايڪانامي تي اثر انداز رهي آهي. اوسي پاسي جي ملڪن جا امير واندڪائيءَ جا ڏينهن هتي گهمڻ ڦرڻ لاءِ اچن ٿا ۽ چگو پئسو خرچ ڪريو وڃن. ان ڪري هتي هوٽلن کان وٺي ريلوي اسٽيشن جي ڪوليءَ جي ڪمائي ٽئي ٽي. بهرحال جيسين اسان جي گهمڻ ڦرڻ، کائڻ پيئڻ ۽ رهائش جو مسئلو آهي ان کان بيفڪر آهيون ۽ خرچ نه برابر ٽئي ٽو. باقي ٽوري ٻه خريداري ڪئي ته پنهنجو پاڻ وڪڙڻ ٽيو. ساڳئي حالت ٻين يورپي ملڪن جي آهي.

يوگوسلاويا ۾ منهنجو بوٽ ڇڇي پيو. جهاز تي موچي آيل هو. پڇيومانس گهڻو ونندين...؟ مني آردر واري زبان ۾ چيائين: "فقط پنجاهه دينار" ـ يعني اٽڪل ٽيهه روپيا ڪن. مون چپ چاپ آرام سان بوٽ جو هڪ هڪ پادر پير مان لاٿو. هڪ دفعو يوگوسلاويا جي فلڪ بوس عمارتن ڏي ڏسي ٽڏو ساهه ڪنيو ۽ پوءِ سمنڊ طرف منهن ڪري ٻنهي پادرن کي ڪٽي اڇل ڏني. سڏو وڃي سمنڊ ۾ پيا ۽ ڳيل دير تائين هفتو ڪن اڳ حيدرآباد جي شاهي بازار مان ورتل پنجويهين روپين وارو بوٽ ترندو ڏسندو رهيس. شام جو پنجاهه روپين جو نئون وٺي آيس.

ڪراچي کان روم ۽ يوگوسلاويا هوائي جهاز رستي آيو هوس، ان ڪري تمام مختصر سامان ڪٽڻو پيو ۽ اتي خبر ٻه نه هئي ته ڪو اسان کي وچ سياري ۾ روس ٻه وڃڻو آهي. اوور ڪوٽ ۽ ٻيو ڪيترو سامان نه ڪٽي سگهيس، هاڻ هڪڙو ئي Alternative هو ته روس ڪمبل ويڙهي گهمجي. هتان جي ريڊي ميڊ دڪانن تان اوورڪوٽ وڃي پچايم ته معمولي ڪوٽ جي قيمت ٻه تمام ڳري ٽي ٻڌايائون. سوچيم شايد درزي سستو سبي ڏئي جيڪڏهن ڪپڑو وٺي ڏيانس. درزيءَ سان ڳالهه ڪيم ته معلوم ٽيو ته آردر ڏئي نهرائڻ ته ان کان ٻه مهانگو پوندو. خير وٺڻ جو ارادو لاهي ڇڏيم. موٽڻ مهل هڪ گهٽيءَ مان پئي لنگهيس ته هڪ ڪوٽن واري دڪان تي قسمين قسمين ڪوٽ باهر ٽنگيل ڏسي اندر گهڙيس. اندر ڏسان ته ڪوٽن ۽ سئيٽرن جا ڍير لڳا پيا آهن ۽ وڪڙڻ وارو ٻين

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

دڪاندارن وانگر شوخ ۽ چالاڪ قسم جو نہ پر ڳوناڻو ۽ سادو پئي لڳو. هڪ چوڪريءَ تہ اتي ئي سئيٽر وني ان مان پشم ۽ ٻيڙا پئي ڪڍيا ۽ پشم جو ويڙهو پئي ناهيائين. يڪدم سمجهي ويس تہ هي ڪراچيءَ جي لنڊا بازار وارو قصو آهي جتان اسان جهڙا ڪنگال نيلامي ڪوٽ وني، وڏين وڏين هوٽلن ۽ دعوتن ۾ پائي لئہ رکن ٿا. هڪ پير مرد انگريز بہ پاڻ لاءِ ڪوٽ ڳولهي رهيو هو. ڪيس تہ ڏسي ڏاڍو افسوس ٿيو. افسوس ان ڳالهہ تان نہ تہ ڪو هو پير مرد هو پر ان تان تہ انگريز قوم جو ٿي ڪري هن حال ۾ هجي جنهن ۾ اسان جهڙا صدين کان غلام ماڻهو ٿا سونهون.

مون هڪ عاليشان گرم ڪوٽ ڳوليو، هر لحاظ کان نئون هو. اڳهہ پچيومانس تہ پني تي ٻارهن ليرا لکيائين، يعني اٽڪل ٽيهہ روپيا ڪن. (هتي جي سڪي جو نالو ليرا، پياسٽر آهي. سؤ پياسٽر هڪ ليري برابر آهن.) ايترو ننڍو اڳهہ ٻڌي، ٿورو مٿي تي آڻڻ بہ چڙهيس. سوچيم سودو ڪيو وڃي، جو هتي عرب ملڪن ۾ يورپ جي ملڪن وانگر ڪنهن بہ شيءَ جا مقرر اڳهہ نہ آهن. ويتر ٻاهريون سمجهي دڪاندار اڳهہ وڌائيندا آهن. ڪيترا دفعا ساڳي جڻ ٽئڪسيءَ وارن بہ ڪئي هوندي. سو هاڻ ڪٽي جي ڪسر ڏڙي مان ڪڍڻ لاءِ سوچيم تہ بہ ليرا گهٽ ڪرايانس. عربي پاڻ کي بلڪل نہ اچي. ڏهين جو نوٽ پاسي تي ڪڍي ان تان پڙهي چيومانس، "عشر ليرا." پهريائين تہ نہ مجيائين، پر پوءِ ٻاهر ٽي نڪتس تہ رازدارانہ انداز ۾ آيل انگريز گراهڪ کان لکي اشارن ۾ سمجهايائين تہ هن کي وڃڻ ڏي تہ پوءِ تو لاءِ هڪ ليرو گهٽ ڪندس.

تيسين آڻڻ واڻ جي مڙهيل منجيءَ تي بالم ٽي وينس ۽ رُوس جي بندرگاهہ اوڊيسا جي گهٽين ۾، خيالن ۾ گهمڻ لڳس. اتي ڪجهہ ٻيون چوڪريون بہ سئيٽر ونڻ آيون ۽ گهٽ اڳهہ ڪرائڻ لاءِ ڪوڪراُٽ ڪري وڙهڻ لڳيون. آخر ڪامياب ٽي ويون ۽ دڪاندار کي آڻ مڃڻي پئي. ان بعد انگريز کي ڦري دڪان کان ٻاهر لاٽائين تہ مون ڏهين جو نوٽ ڪڍي ڏيکاريومانس، جيئن شادين مرادين تي ناچ وقت ڳائڻين کي ڏيکاربو آهي.

"اونهہ هون!" ـ هن منهن کي ڪٽي موڙو ڏنو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آءٌ ٻہ اشارا ڪري ٽڪجي پيو هوس سو سنڌيءَ ۾ چيومانس: ”اونهہ هون تہ ائين سهي! سخت برفباريءَ ۾ اهڙو شوق اوڏيسا گهمڻ جو مون کي ٻہ ڪونهي.“

سمجهيو ڪجهہ ٻہ نہ. وري اشارا ڪري عربي ۾ چوڻ لڳو ٻلا ساڏا ڏهہ ڏي. ”خلاص .خلاص.“ چيومانس تہ جوان مون ٻہ ضد ڪيو آهي خلاص تہ خلاص. اسلام اعليڪم يا اخي. ائين چئي هيٺ پئي لٿس تہ نوڪر کي چيائين تہ جلدي ٻڌي ڏينس ءِ ڏهن ليرن ۾ اسان کي ڪوٺ ملي ويو. جهاز تي ڪٽي آيس. دوستن پڇيو گهٽي مليو. چيومان تہ ڪراچيءَ ۾ ٺهرايو هوم سادي ٽي سؤ ۾. سپني ڏسي چيو، ”واهہ واهہ. واقعي ڪراچيءَ ۾ سستائي آهي. هتي تہ لاهہ پٽيو ڇڏين.“

هتي جي دڪاندارن جي هڪ ڳالهہ ڏاڍي سٺي آهي جو سامان جو بل چڪتو ڪري پوءِ چانهہ شربت جي صلاح ڪن ٿا. پاڻ وانگر نہ تہ پهرين زبردستي گراهڪ کي چانهہ پياري هن کي شيءَ ونڻ تي مجبور ڪيو ويندو ءِ پوءِ سندس چانهہ جا ـ ءِ پنهنجيءَ جا پڻ، هن جي بل ۾ هڻي ڇڏبا.

هتي طرابلس ۾ هڪ سئنيما هال آهي، جتي هندستاني فلمون ڏيکاريون وڃن ٿيون. نالو ’راڪسي‘ اٿس. ان ڏينهن راڪسي سئنيما جي جيتوڻيڪ پنيان بينو هوس، پر منجهي پيس تہ هيءَ ڪهڙي جڳهہ آهي ءِ صحيح رستو هٿ نہ پئي آيو. سامهون ٽي ٻار چهن ستن سالن جا پئي آيا. انهن ۾ هڪ مشڪي رنگ جو ڏسي مون سمجهيو تہ شايد اسان جي پاسي جو هجي يعني: پاڪستاني، هندستاني، سلوني وغيره سو آئون ان کي اردو ۾ مخاطب ٿيس: ”سنين آپ اندين هين....؟“

جواب نہ ڏنائين. هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ لڳا. وري انگريزي ۾ پڇيومانس. چيائين ”لا“. اتي ٻيا ٻہ عرب ڇوڪرا هڪ ٻئي جو تعارف ڪرائڻ لڳا. هڪٻئي تي تبصرو ڪري ڪلڻ لڳا. آهستي چيومان: ”مون پڇر ڇڏي، ڪٿي جو ٻہ هجين. ٻڌاءِ راڪسي ويئر.....؟“ هر هڪ مختلف طرف ٻڌايو. هڪ ٻئي سان ضد پيا ڪن، وڙهن پيا، ڪو چوي هيڏانهن وڃ، ڪو هوڏانهن لاءِ پيو زور پري، چيومان، ”ٻيلي معافي ڏيو، توهان سان پڄڻ جي جاءِ ناهي. اجايو لاڙڪاڻي ءِ سڪر جي

ماڻهن کي شڪايت آهي ته سندن ٻار ڏنگا آهن.“ اڳتي وڌيس ته وري ڏوڙي آيا ۽ پڇڻ لڳا:

”راڪسي ريسٽورنٽ....؟“

جواب ڏنو مان.”لا.“

”راڪسي پيٽرول ڪالتيڪس.“

”لا.“

”راڪسي سئينما...؟“

”نعم.“ خوش ٿي جواب ڏنو مان. اشارو ڪيائون ته هيءَ گهٽي ٿي وڃي.

اها خبر هجي ها ته سئنيما کي عربي ۾ سئنيما ئي چون ٿا ته ايتري نوبت نه اچي ها.يوگوسلاويا ۾ خريداريءَ لاءِ وڃڻو هو، جنهن کان به پڇون ته ”شاپنگ سينٽر ڪٿي آهي.....؟ مارڪيٽ ڪٿي آهي؟ ڊپارٽمينٽ اسٽور ڪٿي آهي؟“ ته سمجهن ئي نه. آخر هڪ کان تنگ ٿي اڙدو ۾ پڇيو، ”توهان جي شهر ۾ ڪا بوري بزار آهي يا نه...؟“، ”اوهه بزارا.“ ٿڏو ساهه ڪڍي همراهه سامهون ڏيکاري. پوءِ معلوم ٿيو ته وڏي دڪان کي بازار سڏين.

هتي موٽرون جام آهن ۽ سڀ کان وڏيون ۽ اعليٰ درجي جون، ٽئڪسي جي اها سجاڻ آهي ته هر ’مرسڊيز بينز‘ ڪار ٽئڪسي آهي. مرسيڊيز ڪار پاڻ وٽ لک مني لک ۾ لي پر هتي ٽيهه هزار ڪن ۾. اهڙي طرح ٻيون ڪارون به سستيون آهن ـ باقي ٻي هر شيءَ مهانگي ـ چڱو جو جهاز ساڻ آهي نه ته هنن ملڪن ۾ اچڻ يا پنهنجو پاڻ کي ٻبر جي وٽ سان ٻڌي ڇڏڻ ساڳي ڳالهه آهي. ٻنهي صورتن ۾ بک وگهي ۽ ٻي گهر مري سگهبو. پنهنجي ملڪ جا ماڻهو جيڪي يورپ مان اچي طرح طرح جون من گهڙت ڳالهيون ٻڌائين ٿا انهن جي حالت هتي اکين سان نظر اچي ٿي. سواءِ ٿورن جي، جيڪي هتي به هزارين روپيا ڪمائين ٿا، ٻيا سڀ پريشان حال رهن ٿا. سادو سودو هڪ ويلو ڪائيندا ته ٻيو ٽاريندا. هيڏانهن هوڏانهن تڪليفون ڪاٽي، ڏينهن رات محنت مزدوري ڪري پورت ڪندا. ڪي ڪي ته هتي عجيب عجيب ناپسنديده حرڪتون ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ملڪ جو نالو بدنام ڪن ٿا. چوندا وتندا: ”پاڪستان ۾ رکيو ئي ڇا آهي ـ؟“

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نيڪ آهي، پاڪستان غريب ملڪ آهي، اڃا ترقيءَ جي راهه تي آهي. آخر ڪنهن کي ته قربانيون ڏيڻيون پونديون. توهان جتي جنم ورتو، جنهن توهان کي پاڙهي انجنيئر يا ڊاڪٽر بڻايو، ان ملڪ جي خدمت ڪرڻ بدران ائين ڇڏي وڃڻ ڪٽي جو انصاف آهي. ڪاش، اسان جا پاڪستاني پائر چيني ماڻهن مان سبق حاصل ڪن، جيڪي هزارين روپين جا پگهار ڇڏي اچي سؤ ڏيڍ سؤ تي ملڪ جي خدمت ڪرڻ لڳا آهن. هيدروجن بم، ائٽم بم ائين ئي نهندا. ملڪ جي مضبوطي، آسودگي ۽ ترقي ائين ته ٿيندي. خير ادا اچون ٻين ڳالهين تي. هتي جڳهه جڳهه پرائيويٽ بئنڪون آهن، جتان دنيا جو هر سڪو مٽجي ملي ٿو. اسان وٽ به اٽلي، مصر ۽ يوگوسلاويا جي ڪافي پرڪٽ بچيل هئي، سو ڪجهه دوستن گڏجي هڪ بئنڪ تان مٽايا. جن جا هزار روپيا ڪن ٽيا تي، پر Calculation مشين جي غلط حساب سبب هزار بدران ڏهه هزار ڏئي ويو. اسان کي به خبر نه هئي، جو هر ملڪ جي سڪي جو اڳهه قرندو رهي ٿو. آڻڻ ته ان وقت ڪونه هوس، ٻيا دوست مٽائي ڪٽي آيا ۽ ورهاياسين. بلڪ خوش ٿي ورهائي ڪنياسين. ڪجهه ته خرچي به آيا.

ٻئي ڏينهن آڻڻ جهڙو بئنڪ وٽان لنگهيس ته بئنڪ واري پڇيو: "پاڪستاني آهين." چيومانس: "ها". پوءِ سڄو قصو ڪري ٻڌايائين ته رات مون وٽ ڪجهه پاڪستاني آيا هئا ۽ مون سان هيءَ ويڌن ٿي آهي ۽ غلطي ۾ گهٽا پئسا ڏيئي وينو آهيان. آڏت ڏئي چيومانس: "گهبراءِ نه. انهن خوش نصيبن ۾ هڪڙو آڻڻ به آهيان، جنهن سڄي رات خوشيءَ وچان ننڊ نه ڪئي آهي. هاڻي جلدي ڪر، دهليءَ جا ٽڳ اسان نه آهيون، جهاز تي هل ته هلي هنن ڪان ونون، بس رڳو دعا ڪر ته سڀ خرچي نه وينا هجن."

جهاز تي آياسين، ظاهر آهي اهڙي خراب خبر ٻڌي سڀ مون تي مڇرجي پيا پر پوءِ وڌيڪ مليل پئسا واپس ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويا. پئسا گڏ ڪري ڪيس ڏياريا‌سين. شڪريو ڪري چوڻ لڳو: "توهان ڏاڍا سٺا ماڻهو آهيو." دل ۾ چيم پاڳل وارو آهين، جو اسان جهڙن معتبرن جي ور چڙهي وئين نه ته سر وڃنئي ها.

وڃڻ وقت بئنڪ تي اچڻ لاءِ دعوت ڏنائين ته اچجو ته پوءِ جبل جي چوٽين تي پڪنڪ لاءِ هلنداسين، جتي برف پئي وسي ۽ سيدار وڻن جا ٻيلا آهن. پر اسان

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نہ وياسين. هن اجايو ٿورو ٽي لاٿو. ٻئي ڏينهن آڻ شهر ويس پر سندس ٻئنڪ اڪيان لنگهيس ٻہ ڪونہ. جيئن ڪو اوڏر نہ ڏيڻ خاطر ان گهٽيءَ مان ئي نہ لنگهندو آهي. پر ڪالهہ اوچتو شهر ۾ ملي ويو ۽ دڪان (ٻئنڪ) تي گهلي آيو. پنهنجي پائرن ۽ پوڙهي پيءُ سان ملايائين. ڪلاڪ ڏيڍ خبرون ڪيونسين. هڪ ٻئي جي ملڪ، رسم، رواج ۽ مذهب بابت. پوءِ موڪلائي نڪتس. وري طرابلس شهر جا رستا ۽ گهٽيون ماهر سروير وانگر ماپڻ لڳس، تہ اوچتو اچي بارش وڻي. (هتي بارش تمام گهڻي پوي ٿي. هتي جا جبل ڪڪرن کان ٻہ اوچا آهن ۽ سمنڊ کان اٽيل ٻاڦ کي ٻئي پاسي وڃڻ بدران واپس ڪن ٿا ۽ طرابلس مٿان ئي وسڪارو لڳو رهي ٿو.) بارش کان بچڻ خاطر هڪ دڪان جي آڙ ۾ ٿي بينس. اتفاق سان ٻئنڪ وارو عبدالقادر اتان اچي لنگهيو. سندس گهر ڪو سامهون ئي هو. تنهن جو مون کي بارش ۾ پسندو ڏنو سو گهر هلڻ لاءِ چيائين. سندس گهر چوڏهن ماڙ بلڊنگ جي ستين ماڙ تي آهي. "اسان هتي جا امير ترين ماڻهو آهيون، پر اسان جي فئملي سدائين سادگي پسند رهي آهي. هيءَ سڄي بلڊنگ اسان جي آهي. اسان چار پائر آهيون . ٻہ وڇيان شادي شده آهن. آڻ وڏو آهيان ۽ پاڻ ۽ پاڃائيءَ سان ستين منزل تي رهان ٿو ۽ ٻيا ڇهين تي. باقي ماڙيون ۽ هينيان دڪان مسواڙ تي آهن. هڪ ٻي ٻاويهہ ماڙ بلڊنگ وچ شهر ۾ نهيل ٻہ اسان جي آهي. اسان جون پرائيويٽ ٻئنڪون آمريڪا، فرانس، جرمني ۽ آسٽريليا ۾ ٻہ آهن. نيويارڪ ۾ ڪيترا واپاري اسان کي سڃاڻن ۽ اسان جي ايمانداريءَ جي ساک ڏيندا." لفٽ خراب هئي سو ڏاڪا چڙهندا وياسين. هنن جي سڄي فئملي انگريزي، عربي ۽ فرينچ ڳالهائي ٿي، سو اسان انگريزيءَ ۾ گفتگو ڪري رهيا هئاسين. آخر جڏهن ستين ماڙ تي پهتاسين تہ تالو لڳل هو. چيائين تہ، "پاپي ٻارن کي اسڪول ڇڏڻ وئي هوندي. اجهو آئي. هل تہ هيٺ انتظار ڪريون."

پچيومانس "لفٽ کي ڇا ٿيو آهي؟"

"خراب ٿي پئي آهي." لفٽ جو دروازو کولي چيومانس تہ پرواهہ نہ ڪر. آڻ انجنيئر آهيان. اهي مشينري جون سڀ ڪيڏون ڄاڻان. ڇڪي طرح ڏنم تہ Contact جي معمولي غلطي هئي ــ جنهن ڪري لفٽ اڪثر رندجي پوندي آهي.

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چيومانس: ”اکيون بند ڪر.“ نيڪ ڪري بٽڻ کي دٻايم ته ٻي ساعت ۾ پٽ تي هئاسين. ڏاڍو ڪليو ۽ سنو دوست ٿي ويو. ٻاهر نڪتاسين ته سندس ٻاءُ، پاڻي ۽ ٻاءُ جي سسُ بيني هئي. تعارف بعد فيصلو ٿيو ته پاڻي مونا جي ماءُ دمشق (شام) وڃي رهي آهي. سو ان کي بس تي چڙي اچون. بس چرڻ لڳي ته في امان الله چيومانس. سي وائڙا ٿي ويا ته عربي ڪٿان سکياسين. پوءِ کين ٻڌايم ته اسان جي ملڪ ۾ مذهب جو تهذيب ۽ زبان تي به ڪافي اثر آهي ۽ ڪيترا عربي لفظ اسان جي ٻوليءَ ۾ عام ٿي چڪا آهن ۽ لکڻي به عربي استائيل آهي. گهر واپس آياسين. گهر جو دروازو ڪليو ته اندر ائين لڳو جڻ ڪو شاهي محل هجي، هي گهر مغربي ۽ مشرقي طرز سان سينگاريل هو. هر شيءِ قيمتي ۽ اعليٰ نظر اچي رهي هئي. ڪمرا تمام وڏا ۽ ڪشادا. قيمتي ايراني غاليچن سان سجايل. ڪلاڪ ڏيڍ جي ڪچهريءَ ۾ ئي ڏاڍو رلي ملي وياسين. جڻ پراڻا واقفڪار يا مائٽ هجون. گهر ۾ ڪوبه نوڪر يا نوڪرياڻي نه هئي. هيڏي امير هوندي به مونا خود وئي ۽ چانهه ناهي آئي. رڌ پچاءُ جو سڄو ڪم پاڻ ٿي ڪيائين اها ٻي ڳالهه آهي ته ٻين يورپي ملڪن وانگر هتي به Mechanization ڏاڍي اچي وئي آهي. واشنگ مشينون، وئڪيوم ڪلينر ۽ سڄي Cooking Range. پر تنهن هوندي به پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ قابل ذڪر ڳالهه آهي. پاڻ انگريزي ۽ جرمن زبان ۾ گريجوئيٽ آهي. اسان وٽ ذرا فرق ڏسو، ڪا چوڪري به درجا پڙهندي ته پاڻ تي مڪ ويهڻ به نه ٻئي ڏيندي. چار چار نوڪرياڻيون هوندي به هر امير گهر ۾ ڪم جي شڪايت ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

چانهه جو دور به هلندو رهيو ۽ ڳالهيون به ڪندا رهياسين. پنهنجي فئمليءَ جا هڪ هڪ ڪري سڀ فوٽا ڏيکاريائون. پاڻ ٻڌايائون ته ٻارن جا نالا جهاد (اسلامي لڙائي) ۽ نجاد (زهر ۾ ٻڏل خنجر) ان ڪري رکيا اٿئون، جو ٻنهي جو هڪٻئي سان واسطو آهي. ڳالهيون ڪندي پڇيائين، ”توهان سي پاڪستان کلٽا ۽ خوش مزاج ڇو آهيو.....؟“

آغا سليم استائيل ۾ وراڻيومانس: ”اسان پنهنجا سوين سور ۽ درد دل اندر ئي دفن ڪري ٻاهران مسڪراهٽ جو قبو اڏي ڇڏيندا آهيون.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ادب جو اچي ذڪر نڪتو. چيومانس: ”مشرق ۽ مغرب جي اديبن ۾ وڏو فرق آهي. مغرب جا اديب ’سائنس ۽ ٽيڪنالاجي‘ جا ڪتاب لکندا آهن ۽ اسان جا اديب فقط ڪوڙا قصا ۽ من گھڙت ڪهاڻيون لکندا آهن. جنتريون ۽ خوابن جا خوبصورت تعبير لکندا آهن. مغرب جي ماڻهن وجي چند ۽ تارن تي قبضو ڪيو آهي. اسان جا ماڻهو اجا اڳڪٿين ۾ وقت وڃائيندا رهن ٿا ته فلاڻي تاري جو فلاڻو اثر آهي. ستارو گردش ۾ آهي. اڄ سج گرهڻ ٿيندي، پيٽ سان عورت ستي ٿي سمهي، نه ته چپ ڪٽيو يا نڪ ڪٽيو ٻار ڄمندس وغيره“

اڄ رات جو پوري ٻارهين وڳي لبنان جي هن خوبصورت بندرگاهه طرابلس (Tripoli) مان لنگر کڻي رهيا آهيون. هڪ نئين ديس ۽ دنيا طرف.

تنهنجو پنهنجو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بحر اسود (Black Sea)

(سال 1968ع. رئنڪ: جهاز جو ففٽ انجنيئر)

يوڪرين سمنڊ ۽ ڪاري سمنڊ کي هڪ تمام سنهي نار ڳنڍي ٿي جنهن جو ٻيٽ سنڈو نديءَ کان ٻيڙو ٿيندو. نار جي پاسي وڏا وڏا جبل آهن جن جو سلسلو ڪناري کان شروع ٿئي ٿو ۽ انهن جبلن تي ٻئي پاسي ترڪيءَ جو وڏو ۽ خوبصورت شهر استنبول ٻڌل آهي.هڪ طرف پراڻو استنبول آهي ۽ ٻئي طرف نئون. هن وقت اسان ان نار جي وچ ۾ بينا آهيون. سامهون هن نار تي ٻڌل وڏي پل ـ جيڪا فلم 'دئٽ مئن ان استنبول' ۾ ڏيکاري وئي آهي، سا نظر اچي رهي آهي. استنبول اهو شهر آهي جيڪو ٻن ڪنڊن ۾ اچي ٿو. نار جي هڪ پاسي وارو استنبول ايشيا ۾ ٿيو ته ٻئي پاسي وارو يورپ ۾. هتان ڪناري تي نهيل ڏڳهن مناروں واريون مسجدون صاف نظر اچي رهيون آهن. اسان جي جهاز جو هن وقت رخُ ڪاري سمنڊ ڏي آهي. ڪاري سمنڊ جي ڪناري تي روس، بلغاريا، رومانيا اچي وڃن ٿا. هن سمنڊ کي اسود، ڪارو يا Black ان ڪري سڏين ٿا جو هتي سال جا ٻارهن ئي مهينا ڪوهيڙو ۽ ڏنڌ لڳو رهي ٿو. ڏيک Visibility هميشہ گهٽ ۽ ڏنڌلو هوندو آهي ۽ چؤطرف جڙ ڪاراڙ ڇانيل رهي ٿي. ان ڪري هن سمنڊ جو نالو اهو رکيو ويو آهي.

هن سمنڊ ۾ جهاز هلائڻ وقت هميشہ گهڻو خيال رکڻو پوي ٿو ۽ ذري ذري ڪوهيڙي جو سگنل ڏيڻو پوندو آهي جيئن سامهون ايندر جهاز هڪ ٻئي کان خبردار رهي سگهن. ٻيڙيون ۽ ننڍا جهاز ته هن سمنڊ جي ڪناري ته ٻه هلندي گهٻرائيندا آهن. هيءَ سمنڊ جي پٽي يا نار جيڪا ٻن سمنڊن کي ملائي ٿي سا ترڪيءَ جي ملڪيت ليکي وڃي ٿي، ان ڪري هتان لنگهڻ وقت هر جهاز کي ترڪيءَ جي حڪومت کان موڪل ونڊي پوي ٿي. هن نار تائين پهچڻ کان اڳ، طرابلس (لبنان) کان ايندي وقت وچ سمنڊ ۾ ڪيترا ننڍا يوناني جابلو ٻيٽ سمنڊ اندر ۽ ٻاهر نظر آيا. اٽڪل ٽي ڪلاڪ ڪن اسان کي جهاز آهستي هلائڻو پيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اهي ٻيٽ سنگاپور يا ملايا جي ٻيٽن وانگر آباد نہ آهن، گهٽو ڪري سڀ سنسان ۽ ويران آهن. پرسان لنگهڻ وقت جهاز جي آواز تي، انهن جبلن تي رهندڙ عقابن ۽ ٻين پکاڙي پکين اڏامي آواز ڪيو تي. شايد انهن جا ڪي آنا يا ٻچا آهن ۽ حملي جي ڊپ کان دانهون ڪيائون تي.

اسان کي هن نار ۾ هڪ هنڌ بيهي انتظار ڪندي ٻہ ڏينهن تي ويا آهن. هتان روس جي بندرگاهہ اوڊيسا ـ جيڏانهن اسان کي وڃڻو آهي، تائين فقط هڪ ڏينهن ۽ رات جو پنڌ آهي. هتي اسان ان ڪري ترسي پيا آهيون جو موسميات جي اطلاع موجب ٽن ڏينهن کان بحر اسود ۾ طوفان (Gale) لڳي رهيو آهي. خير طوفان تہ سمنڊ ۾ لڳندا رهن ٿا ـ 'وہ ساگر پي کيا جس مين طوفان نہ آئي'، ان جي پرواهہ نہ آهي. اسان جي جهاز تي هن وقت ڪوبہ مسافر ناهي ۽ اسان تہ ساموندي لوڏن ۽ طوفانن جا عادي تي ويا آهيون. بقول تنوير جي؛

"اسان جو ڪم تہ موجن سان لڙڻ آهي
اسان جي ذهن ۾ ساحل ناهي."

سو اسان کي پنهنجو فڪر ناهي، پر سامان جي اون اٽئون. ڇاڪاڻ جو سامان کي هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ تائين سلامت پهچائڻ اسان جي ڊيوٽي ۾ شامل آهي. اسان طرابلس (لبنان) مان دبئي ۽ دوحا (قطر) ملڪن لاءِ هزارين سيمينٽ جا پائيپ ڪنيا آهن ۽ جيڪڏهن طوفان سبب جهاز هيٺ مٿي ٽيو يا لوڏا آيس، تہ پائيپ هڪٻئي سان لڳي ڀڄي پوندا.

هن وقت جهاز جي مين انجڻ ۽ هر مشين تيار آهي فقط موسم صاف ٿيڻ جو انتظار آهي. جهاز تي اسان وٽ هر قسم جا اوزار ۽ آلا آهن، جن ذريعي موسم جو حال احوال معلوم ڪري سگهجي ٿو. سو جيئن ئي اسان هلڻ لاءِ موسم بهتر سمجهنداسين تہ لنگر ڪڍنداسين. جهاز کي جيٽِي سان لڳائي. لهي گهمڻ ڦرڻ هن وقت نقصانڪار ٿيندو، ڇو جو جهاز کي جيٽي (ڏڪي) سان لڳائي بيهارڻ جي روزانا مسواڙ ۽ ٻيا خرچ، هزارين روپين ۾ بندرگاهہ وارن کي ڏيڻا پون ٿا. ان ڪري اسان هتي وچ نار ۾ ئي لنگر ڪيرائي ترسيا پيا آهيون. لنگر ڪيرائڻ سان جهاز ڇُري پري نڪو. هر جهاز کي اڳيان ٻہ لنگر ٿين. لنگر جي تور اٽڪل ٽي ٽن

ڪن ٿئي. جيترو ٻہ پاڻي گھرو ھوندو آھي اوترو لنگر ھيٺ ڇڏيندا آھيون. جيئن لنگر سمنڊ جي تري ۾ وڃي ڪپي بيھي ۽ جھاز ڪي ھڪ ھنڌ جھلي بيھي. جيڪڏھن ھوا تکي لڳڻ جا امڪان ھوندا آھن تہ اجا ٻہ وڌيڪ رسو (Chain) ڏري ڪندا آھيون ۽ جھاز جي چرڻ (Drift) جو خطرو گھٽجي و يندو آھي. ان بابت ھڪ مشھور لطيفو پڻ آھي تہ: امتحان ۾ ھڪ ڪئڈٽ کان پڇيو ويو تہ سمنڊ تي جي طوفان لڳي تہ ڇا ڪندين؟ جواب صحيح ڏنائين تہ: "لنگر جي رسي ڏري ڪندس"

"اجا ٻہ وڌيڪ طوفان لڳي تہ؟" ممتحن وري پڇيس.

"اجا ٻہ وڌيڪ رسو ڏرو ڪندس."

"ان کان ٻہ وڌيڪ طوفان لڳي تہ؟!"

"ان کان ٻہ وڌيڪ رسو ڇڏيندس."

تنھن تي ممتحن پڇيس تہ ايڏو وڏو رسو آڻيندين ڪٿان....؟

"سائين!" ڪئڈٽ نھہ پھہ جواب ڏنس، "اتان جتان توھان طوفان آڻيندؤ."

رسي مان مراد ڪو سوتلي جو رسو يا وھٽ ٻڌڻ جي نوڙي نہ سمجھڻ ڪپي. ھيءَ سنگھر Chain ايڏي تہ مضبوط ۽ ڳري ٿئي ٿي جو تو مون پارو وڏ ۾ وڏ ان جا ٻہ ڇلا Shackles ڪٽي سگھي. جھاز جو لنگر جنھن مشين سان ڪيرايو يا چڪيو وڃي ٿو ان کي Windlass سڏجي ٿو. ۽ جنھن سان جھاز جا پويان رسا چڪبا آھن تنھن کي ڪئپسٽن Capstan سڏبو آھي. جنھن جي شڪل ڪئپسٽن سگريٽ يا پاڪيٽ تي پڻ ڇھيل آھي.

سمنڊ تي ڪيترن ئي قسمن جا حادثا درپيش اچن ٿا. جھڙوڪ ٻن جھازن جو ٽڪرائجڻ، خشڪيءَ تي جھاز جو چڙھي اچڻ (يعني Aground ٿيڻ)، جھاز تي باھہ لڳڻ، انجڻ جو ڦاٽڻ، خطرناڪ ڪارگو جو ڦاٽڻ وغيرہ وغيرہ. انھن کان بچاءَ لاءِ ساڳي وقت ڪيترائي اپاءَ ورتا وڃن ٿا. زماني سان قدم ملائڻ لاءِ ٻين شين سان گڏ جھاز رانيءَ پڻ ترقي ڪئي آھي. اڄ اھي پراڻي قسم جا جھاز نہ رھيا آھن جن تي ڪولمبس، واسڪو ڊيگاما، ڪئپٽن ڪڪ يا سنڊباد سفر ڪيو ٿي. جيڪي موسم ۽ سمنڊ جي تھہ ھيٺ لڪيل آفتن کان بيخبر تي ھلندا ھئا. اڄڪلھہ جي ھر جھاز تي رڊار Radar آھي. اڪثر سمنڊ ۾ ھر وقت بارش ۽ ڪوھيڙي ڪري ڪجھہ

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

نظر نہ ايندو آهي. تہ آيا سامهون ڪو ٻيو جهاز پيو اچي يا سمنڊ جي تهن ۾ ڪجهہ لڪيل آهي. ان معلومات لاءِ بند ڪمري ۾ رکيل ردار ۾ ڏسبو آهي. جنهن جي ٽيليوزن جهڙي پڙدي تي هر شيءَ سامهون صاف نظر اچي ٿي. اسان جي جهاز جي ردار جي رينج چاليهہ ميل ڪن آهي. يعني چاليهہ ميلن تائين جيڪو ڪجهہ ٻہ سمنڊ جي ٻاهر يا اندر آهي، اهو صاف ان پڙدي تي نظر اچي ٿو ۽ اهو پڻ معلوم ٿيندو آهي تہ آفت ڪيترو پري آهي ۽ ڪهڙي طرف آهي ۽ آيا اها هڪ هنڌ بينل آهي يا وڌي رهي آهي. ۽ جي وڌي رهي آهي تہ ڪهڙي طرف ۽ ڪيتري رفتار سان، جيئن ان کان پورو پورو بچاءُ ڪري سگهجي. ان کان علاوه دنيا جي هر سمنڊ جو هر حصو مَيَل ۽ ماپيل آهي. هر جهاز تي، سمنڊ جي چپي چپي جا الڳ الڳ نقشا آهن. جن ۾ سيڪجهہ ڏنل هوندو آهي تہ ڪٿي ۽ ڪيترو سمنڊ اونهو آهي. ان کان علاوه هر جهاز تي هڪ اوزار Instrument 'ايڪو سائونڊر' نالي هوندو آحي جيڪو لڳاتار چقمقي لهرون جهاز تان هيٺ سمنڊ جي تري ۾ اڇلينڊو آهي ۽ تري سان ٽڪرائڻ بعد انهن جو پڙاڏو جهٽينڊو آهي. اهو عمل جيتري وقت ۾ ٿئي ان مان گهرائيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سمنڊ هيٺ ڪيترو اونهو آهي. پر ان هوندي ٻہ ڪڏهن ڪڏهن حضرت انسان اهڙيون غلطيون ڪري ويهندو آهي جو حادثي جي منهن ۾ اچي ويندو آهي. ڪيڏا وڏا وڏا جهاز، اونها سمنڊ، خير سان اکري، ڪناري تي منزل وٽ اچي پنهنجو انت آڻيندا آهن. بقول شاعر:

"نہ خوش ہو بھنور سے سفینہ بچاکر
یے ٹکراکر ساحل سے بھی ٹوٹتے ہیں"

ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙا طوفان اچيو وڃن جو انسان بيوس ٿيو وڃي ۽ جهاز جو ٽڪر ٿيو وڃي. ان جي بچاءَ خاطر ۽ جهاز جي بچائڻ لاءِ اڇڪلهہ هر جهاز کي هڪ بدران ٻہ لوهي ترا آهن. جيئن هڪ جي ڀڃي پوڻ ڪري ٻيو بچاءُ جو ڪم ڏئي. انهن ٻنهي ترن جي وچ ۾ جيڪا جڳهہ ٿئي ٿي ان کي مختلف حصن ۾ ورهايو وجي ٿو ۽ هر هڪ حصو ڊبل باٽم ٽئنڪ Double Bottom Tank سڏبو آهي، جنهن ۾ ضرورت جي حالت ۾ منو پاڻي يا وڌيڪ تيل رکيو وجي ٿو يا ڪڏهن

مال نہ هئڻ ڪري جهاز کي هلڪي هئڻ کان بچائڻ خاطر انهن خالي ٽئنڪن ۾ سمنڊ جو کارو پاڻي پريو وجي ٿو. اڳئين زماني ۾ جهاز کي وزني ڪرڻ لاءِ مٽي يا پٿرن جون ڳوٽيون رکيون ويندیون هيون، اهو ڪم وقت ونندڙ، ڏکيو ۽ مهانگو ثابت ٿيندو هو. پر اڄڪلهه فقط Ballast Pump جو بٽڻ دٻايو ته ڪلاڪ اندر سمنڊ جو پاڻي ٽئنڪن اندر يا ٽئنڪن جو پاڻي ٻاهر سمنڊ ۾ وزن مطابق هليو وجي. نہ جهاز کي بيهارڻو پوي نہ ڇا. ان کان علاوه هر جهاز پنجن ڇهن (پئسينجر جهاز ته ستن اٺن) حصن ۾ واٽر ٽائيٽ Water Tight لوهي پٽين ذريعي الڳ الڳ ڪيل هوندو آهي جن کي Bulk-Head سڏجي ٿو. انهن پٽين جو حادثي وقت اهو فائدو رهي ٿو ته جيڪڏهن جهاز جي هڪ حصي کي نقصان رسي ۽ پاڻي جهاز جون لوهي پليٽون چيري اندر ڏوڪي پوي، ته اهو پاڻي فقط ان حصي کي پري سگهي ۽ وڌيڪ پٽيون لتاڙي ٻين حصن کي نہ ٻوڙي. ان کان سواءِ اڄڪلهه جا جهاز اهڙي نموني سان ناهيا ويا آهن، جو حادثي بعد تباهه ٿيل صورت ۾ به يڪدم ٻڏيو نہ ٿا سگهن. گهٽ ۾ گهٽ ڏينهن اڏ ته لڳايو ڇڏين. ڪي ڪي جهاز ته هفتا به لڳايو ڇڏين. تيسين بچاءَ لاءِ ٻيا جهاز پهچيو وڃن يا جهاز تي رکيل ٻيڙين Life-Boats ۾ چڙهي بچاءُ ڪري سگهجي ٿو. هر جهاز تي، جهاز تي رهندڙ ماڻهن لاءِ مقرر ٻيڙيون آهن. انهن ٻيڙين ۾ هڪ قسم جون Buoyancy-Tanks آهن جن جي اها خاصيت آهي ته جيڪڏهن سڄي ٻيڙي پاڻي سان پرجي ته به ٻڏي نہ سگهي. ان قسم جي هر ٻيڙيءَ تي اٽڪل ويهن ڏينهن ڪن جو هر مسافر لاءِ کاڌو (بسڪٽن، چاڪليٽن ۽ پاڻيءَ جي صورت ۾) رکيل ٿئي ٿو. جنهن کي تازو رکڻ لاءِ اهو هر ٿئي مهيني بدلايو وجي ٿو.

هر ماڻهوءَ لاءِ 'لائف جيڪٽ' ۽ 'لائف بئاءِ' به هوندو آهي. جو طوفان جي وقت ٻڏي پوءِ ٻيڙين ۾ چڙهبو آهي. ان جي اها خاصيت آهي ته خدانخواسته جي ٻيڙي به تباهه ٿي وجي، ته هي ماڻهوءَ کي چوويهن ڪلاڪن تائين مٿي ڇڪي رکي ٿو ۽ ٻڏڻ کان بچائي ٿو. لائيف بئاءِ گول ڪارڪ جو هلڪو نهيل هوندو آهي، جنهن جي شڪل لائف بئاءِ صابڻ تي پڻ ڏنل آهي جو ٻڏندڙ کي اڪثر اڇلي ڏبو آهي ته بچاءُ ڪري. (باءِ دي وي مون کي لائيف بئاءِ صابڻ ۽ ڪئپسٽن سگريٽ

جو ايجنٽ يا شيئر هولڊر نہ سمجهجانءِ. مون تہ ائين ئي توکي سمجهائڻ خاطر مثال ڏنا آهن.)

مٿي لکيو اٿم تہ جهاز ٻڏڻ وقت ٻيا جهاز بچائڻ لاءِ پڻ ايندا آهن، انهن کي خبر هن ريت پوندي آهي. هر جهاز تي وائرليس سيٽ، ريڊيو ۽ آواز جهپڻ جا اوزار آهن جن لاءِ ريڊيو آفيسر مقرر ٿيل آهي. هو ڏينهن جي چوويهن ڪلاڪن مان مقرر اٺ يا ٻارهن ڪلاڪ ڏيوٽي ڏئي ۽ هر قسم جا سگنل ۽ نياپا وٺي ۽ جواب ڏئي. اهي نياپا آواز، تصويري ليڪن ۽ روشني ذريعي اچي سگهن ٿا. تون جي چاهين تہ وچ سمنڊ ۾ مون کي تار موڪلي سگهين ٿو. جا آڱ هتي ريڊيو ذريعي ٻڌي سگهان ٿو بشرطيڪ توکي اسان جي جهاز جي ريڊيو جي Frequency جو علم هجي. پر هڪ نياپو اهڙو آهي جو موڪلڻ سان هر جهاز تي پهچي ٿو. چاهي فريڪنسي جو علم هجي يا نہ. اهو مختصر نياپو آهي 'ايس. او. ايس'. S.O.S معنيٰ اسان جي جان بچايو Save Our Souls ۽ جنهن وقت جهاز ٻڏندو آهي تہ اهڙو سسٽم رکيو ويو آهي جو اهو سگنل (نياپو) خودبخود لڳاتار ٽرانسمٽ ٿيندو رهي، جيسين جهاز سمنڊ جي اونهي تهن ۾ وڃي ڇڪنا چور ٿي وڃي. ساڳي وقت اهو سگنل جنهن جهاز تي پهچندو تہ ان جو خودبخود هارن وڄي ويندو ۽ ڳاڙهي بتي ٻري ويندي ۽ هر هڪ کي معلوم ٿي ويندو تہ سمنڊ جي ڪهڙي حصي ۾ مصيبت زده جهاز آهي. بين الاقوامي قاعدن مطابق هر ويجهي جهاز کي بچاءَ لاءِ ضروري ڪم ڪرڻ ۾ وڌو پوندو آهي. ٿي چار سال اڳ جڏهن يونان جو مسافر جهاز 'لڪونيا' ٻڏي رهيو هوتہ بين جهازن سان گڏ پاڪستاني جهاز 'المهدي' ۾ يارهن کن مسافر بچايا هئا. بهرحال جيڪڏهن حياتي آهي تہ ٻڏندڙ ۾ بچيو وڃن. باقي اهو چوڻ غلط آهي تہ فقط تارو بچي سگهن ٿا. ترڻ جو تہ ههڙي اٿاهہ سمنڊ ۾ سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. ڪير ڪيترو ههڙي ڪاري پاڻيءَ ۾ تري سگهندو، جنهن ۾ چپي چپي تي خطرناڪ ڪن ۽ ڪائونٽر ڪرنٽ آهن. ان کان علاوه سامونڊي جانورن جو خوف. ڪجهہ عرصو اڳ ايراني نار ۾ 'دارا' جهاز جي باهہ واري حادثي ۾ جن مسافرن هراس ۽ خوف ۾ پاڻ کي پاڻيءَ ۾ ڇڏيو، انهن جو تمام گهٽو حصو باهہ بدران شارڪ مڇين جي نذر ٿي ويو. هونءَ اهڙي

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

قسم جا حادثا تمام ٿورا ۽ ورلي ٽين ٿا، نہ تہ اکثر هرقسم جي بچاءَ جو بندوبست آهي. پر ان هوندي بہ کنهن کي جي ترڻ اچي ٿو تہ اها سني ڳالهہ آهي. پر ان قسم جو کو قاعدو يا قانون ناهي تہ کنهن بہ قسم جي نيوي ۾ وڃڻ لاءِ ترڻ اچڻ لازمي آهي. لکڻ جو مقصد فقط اهو ۽ انهن لاءِ آهي جي اهو سوچي نيوي ۾ نٿا اچن جو کين ترڻ نٿو اچي. ترڻ ۾ چا آهي. ترڻ تہ ماڻهو هفتي اندر سکي سگهي ٿو.

سمنڊ تي اکثر باهہ جا حادثا عام ٽين ٿا. باهہ کيترن ئي نمونن جي لڳي سگهي ٿي. تيل جي باهہ، ڪاٺ يا سامان کي باهہ، اليڪٽرڪسٽي جي باهہ وغيرہ. هر قسم جي باهہ تي قبضو ڪرڻ لاءِ مختلف طريقا آهن. پر هر طبقي ۾ ساڳيو اصول آهي ـ آڪسيجن جنهن جي موجودگي ۾ باهہ قائم رهي تي ۽ وڌي ٿي، اها ڪڍي ان جي جاءِ تي ڪاربن ڊاءِآڪسائيڊ جهڙِي گئس پري ڇڏجي جا ڪافي ڳري آهي ۽ بلاڪيٽ وانگر باهہ مٿان ڇانئجيو وجي ۽ باهہ هن گئس جي موجودگيءَ ۾ ختم ٿيو وجي. يا ان جڳهہ کي پاڻي يا کنهن ٻئي نموني مان ايترو تہ ٺڏو ڪجي جو Combustion ئي نہ ٿئي. اليڪٽرڪ سٽِي جي باهہ لاءِ اکثر ڪاربن ٽيٽرا ڪلورائڊِ گئس استعمال ڪبي آهي جا هڪ زهريلي گئس آهي ۽ ٻي جنگ عظيم ۾ استعمال ڪئي وئي.

هر ڇنڇر ڏينهن هر جهاز تي بوٽ ڊرل ۽ فائر فائيٽنگ پرئڪٽس ٿيندي آهي. جنهن ۾ ٻيڙيون لاهي انهن ۾ جلدي چڙهڻ جي مشق ڪبي آهي، جيئن حادثي وقت، دقت پيش نہ اچي ۽ هر ڪم ڦڙتائيءَ سان تي سگهي ۽ ساڳي وقت باهہ سان مقابلو ڪرڻ جي پڻ مشق ڪئي ويندي آهي.

اڇڪلهہ هر جهاز تي هڪ اوزار آهي جنهن کي 'دونهون ڳولينڊڙ' (Smoke Detector) سڏجي ٿو. هن ذريعي باهہ لڳڻ کان اڳ معلوم ٿيو وجي ٿو تہ جهاز جي ڪهڙي حصي ۾ باهہ لڳڻ واري آهي يا لڳي چڪي آهي. ۽ پري کان ئي ان تي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو. هن اوزار ۾ شيشي جا ٽيهہ ڪن ٽيوب ٽين ۽ اوترن ئي حصن ۾ جهاز کي ورهايو ويندو آهي. هر حصي ۾ لڳندڙ قدرتي هوا جو نمونو نديڙي پکي ۽ ڊگهي ٽيوب جي ذريعي اتان چڪي هن شيشي جي ٽيوب

مان گذاريو وجي ٿو. اهڙي نموني جهاز جي سيني حصن جي هوا جو نمونو مقرر ٿيوبن مان گذرندو رهي ٿو. باهه لڳڻ کان اڳ همیشہ دونهون دکندو آهي ۽ اهو جيئن ئي هن ٽيوب مان گذري ٿو ته اليڪٽرانڪ ذريعي ان ئي وقت زور سان هارن وجي ٿو ۽ ڳاڙهي بتي ٻري ٿي ۽ يڪدم ٽيوبن کي ڏسي معلوم ڪري سگهجي ٿو ته ڪهڙي هنڌ باهه لڳڻ واري آهي.

هر هڪ ٽيوب ساڳي وقت ڪاربن گئس جي وڏن سلينڈرن سان پڻ ڳنڍيل هوندو آهي. جيڪڏهن باهه زور وٺي چڪي آهي ۽ هٿرادو طرح ختم ڪرڻ ناممڪن آهي ته پوءِ هڪ بٽڻ دٻائڻ سان ان حصي جي هوا ٽيوب مان گذارڻ بدران، سلينڈر جي ڪاربان گئس ان حصي ۾ ويندي آهي ۽ آڪسيجن گئس کي تڙي سڃي ڪمري يا حصي کي ٻري ڇڏيندي آهي. ۽ هڪ دفعو ڪاربان گئس اچي وئي ته ڪيتري خطرناڪ باهه بہ ختم ٿيو وڃي. ان جو مثال ان ريت آهي جيئن ڪنهن موم بتيءَ کي گلاس سان ڍڪجي. جيسين گلاس اندر آڪسيجن موجود هوندي انهن ساعتن لاءِ موم بتي ٻرندي رهندي ان بعد اجهامي ويندي.

اهڙي طرح ٻيا بہ ڪيترائي حادثا سمنڊ تي درپيش ايندا رهن ٿا، جن جي بچاءَ جا پڻ ڪيترائي ممڪن طريقا آهن. حضرت انسان باهه، پاڻيءَ، هوا ۽ هر شيءِ عقل جي زور تي پنهنجي قبضي ۾ ڪري فتحيابي حاصل ڪئي آهي. منهنجا مولا انسان واقعي عظيم آهي.

چگو هاڻ، الله توآهر.

اوڊيسا. روس

هتي روس ۾ پهتي اسان کي چوٽون ڏينهن ٿي چڪو آهي. هن مهل روسي وقت مطابق رات جا نَوَ وڄي رهيا آهن. آءُ پنهنجي ڪمري جا دَر دريون بند ڪري، هيٽر کولي، توکي خط لکي رهيو آهيان. ٻاهر تيز هوا جا سوسات ٻڌڻ ۾ اچي رهيا آهن. هينئر هينئر ٻاهران گهمي واپس آيو آهيان. گرم ڪوٽ، جئڪٽ، ٻه سئيٽر، چمڙي جا جوراب ۽ روسي ٽوپي لاهي سامهون ڪليءَ ۾ ٽنگي اٿم. لانگ بوٽ ۽ ٽوپيءَ تي جا برف جمي وئي هئي، سا چريءَ سان کرڙي لاٿي اٿم. اکين ۽ پنبٽين ۽ ڪنڌ تي جمي ويل برف ٽوال سان اگهي اٿم. ٻاهر روز وانگر اڄ ٻه سخت برفباري ٿي رهي آهي ۽ ٽيمپريچر زيرو کان ٻه گهٽو هيٺ آهي. ٻاهر ڪٿي ٻه پاڻي نظر نٿو اچي. سڀ جمي برف ٿي ويو آهي. جهاز تي اسان گرم پاڻي استعمال ڪري رهيا آهيون. ٽڏي پاڻيءَ جو سسٽم Drain ڪري ڇڏيو اٿئون. رهيل پاڻيءَ، جمڻ سبب ڪافي پائيپ ڦاڙي ڇڏيا آهن. اهو ان ڪري جو پاڻي جمڻ تي Expand ٿئي ٿو.

ٽڏ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن ٽانوَ ۾ گرم پاڻي وجهي ٻاهر اڇڻ تي رکجي ته يڪدم برف ٿيو وڃي. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته پوءِ سمنڊ جو پاڻي برف ڇونہ ٿو ٿئي؟ اهو ان ڪري جو سمنڊ جو پاڻي عام پاڻيءَ وانگر ناهي. ان ۾ اهڙا ڏاتو، خاص ڪري لوٽيات مليل آهن جنکي جمڻ لاءِ عام پاڻيءَ کان وڌيڪ ٽڏ کپي. پر اڄ ته صبح کان ايتري ٽڏي هوا پئي لڳي جو ٽيمپريچر ڪاٽو پنج سينٽي گريڊ کان ٻه هيٺ ڪري پيو آهي ۽ سمنڊ جو مٿيون تهہ ـ اٽڪل ٻه انچ ڪن، برف ٿي ويو آهي. جڏهن ڪا وڏي ٻيڙي يا جهاز لنگهي ٿو ته برف جي تهہ کي چيري لنگهي ٿو.

اوڊيسا ڏکڻ روس جو وڏو بندرگاهہ ۽ شهر آهي جيڪو بحر اسود جي ڪناري تي آهي. ڪراچيءَ کان ڇڪو وڏو بندرگاهہ آهي. هن وقت ڪيترائي سفيد رنگ جا روسي جهاز ، جن جي چمنيءَ تي روس جو نشان ڏاتو ۽ هٿوڙو نهيل آهي، بينا آهن. ان کان علاوه هنگري، پولينڊ ، بلغاريا ۽ ٻين ملڪن جا جهاز ٻه ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هڪ هندستاني جهاز اسان جي بلڪل پَر ۾ بينو آهي جيڪو بمبئيءَ کان آندل سٽي لاهي رهيو آهي. اسان پاڪستان لاءِ مشِينريءَ جو سامان ڪٽڻ آيا آهيون. سامان چاڙهائڻ ۽ لهرائڻ يا ان جي نگهباني ڊيڪ آفيسرن جي حوالي آهي. جنهن ۾ جهاز جو ڪئپٽن، چيف آفيسر کان ڪئبٽ تائين اچي وڃن ٿا. ان ڪري اسان انجنيئر ان کان بلڪل غير واقف هوندا آهيون، تہ جهاز تان ڪهڙو سامان پيو لهي يا ڪهڙو پيو چڙهي. ڪڏهن ڪڏهن ڳالهيون ڪندي معلوم ٿي ويندو آهي تہ واهہ نہ تہ ڊيڪ آفيسر ڄاڻن سندن ڪم ڄاڻي. ڳري مشينري يا موٽر لاريون گهٽو ڪري اندر Hatches بدران ڊيڪ تي رکي، ڇڪي طرح ٻڌي ڇڏيون آهن، جيئن جهاز جي لڏڻ ڪري سامان کي نقصان نہ رسي. سو هن وقت دريءَ مان 'ڊيڪ ڪارگو' صاف نظر اچي پيو.

ٿوري دير اڳ جڏهن زمان ۽ آڌ شهر گهمي واپس پئي آياسين تہ رستي تي برف باريءَ ڪري اسان ٻنهي جي عينڪن تي برف چڙهي وئي. سو صاف ڪرڻ لاءِ بندرگاهہ ۾ رکيل مشينريءَ سان پريل آفت جيڏن ڪاٺ جي ڪوکن جي اوٽ ۾ ٻيهر صاف ڪرڻ لڳاسين. منهنجي سامهون هڪ وڏي ڪوکي ۾ ٽرئڪٽر نما مشينري بند هئي ۽ اهو ڪوڪو هندستان وڃڻو هو سو ٻاهران 'ڪلڪتو ـ هندستان' لکيل هو. زمان کي چيم تہ پنڌيان ڏس پرائي ملڪ جي سامان اڳيان اچي ٻينا آهيون. جواب ڏيڻ لڳو، "پر پر واري ڪوکي تي ڏس چا لکيو پيو آهي.....؟"

مڙي ڏٺم تہ، "ائگريڪلچرل ڪاليج ٽنڈوجام، سدرن زون پاڪستان" لکيل هو. سو ان مان سمجهان ٿو تہ هي سڀ مشينري جيڪا اسان جي جهاز تي رکي رهيا آهن، ٽنڈوجام لاءِ آهي. اسان ان جي بدلي روس کي پئسا نہ پر سوتي ڪپڙو، لوڻ، چمڙو ۽ چانور ڏيون ٿا.

روس جيئن تہ اتر ۾ آهي، ان ڪري هتي اسان کان وڌيڪ سردي ٿئي. هونءَ اهو عام آهي تہ سنڈ ۾ سردي وڌندي آهي تہ ماڻهو چوندا آهن تہ ڪوئيٽا ۾ برف جي لهر آئي آهي ۽ ڪوئيٽا جا ماڻهو روس جي نالي چوندا آهن. روس جا سائبيريا نالي ۽ سائبيريا ۾ رهندڙ ماڻهو ۽ قيدي اتر قطب کي قصوروار ٺهرائيندا آهن. بهرحال اتر روس کان هتي اوديسا ۾ سردي گهٽ آهي. اتر طرف

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وارا بندرگاھ ۔ جيڪي بالٽڪ سمنڊ ۾ آھن سي ٽ سياري جا ڇھ مھينا بلڪل بند رھن. اتي ايتري ٽ سردي آھي جو سڄو بالٽڪ سمنڊ برف ٽيل ھوندو آھي ۽ ڪوبہ جھاز ھن موسم ۾ اوڏانھن وجي نٿو سگھي. ھونءَ ھيتري سردي ھوندي بہ ھتي جي روزمرہ جي زندگيءَ ۾ ڪنھن بہ قسم جو فرق ڏسڻ ۾ نٿو اچي، جو ھتي جا ماڻھو ان سرديءَ جا عادي ٿي چڪا آھن. اھا ئي ساڳي رونق، ھلچل ۽ شھر ۾ گپا گيھ ۽ گھما گھمي. ھر جڳھ اھا زندگي نظر ايندي جا اسان وٽ سڀني موسم ۾ ھوندي آھي. بس فقط ھر ھڪ گرم ڪپڙن ۾ ويڙھيل نظر اچي ٿو. فقط اکيون ۽ نڪ صاف ظاھر ھوندا. نڪ ۽ ٽماٽي جي رنگ ۾ ڪوبہ فرق نہ ھوندو آھي. ننڍڙا ٻار سڄو ڏينھن لوھي ڦيٽن وارا بوٽ Skates پائي، رستن تي جميل برف تي اسڪيٽنگ پيا ڪندا آھن. ننڍڙا جيت ۽ پاڻيءَ جا پسون سرديءَ کان بچڻ خاطر برف ھيٺ لڪيو وينا آھن، ڇو جو ٻاھر ھوا برف کان تمام گھٽي ٽڏي رھي ٿي (برف جي ٽڏ فقط زيرو ڊائين ٿي رھي ان کان وڌيڪ، عام ڏٻاءَ ھيٺ ٽڏي ٿي نہ سگھندي پر ھوا ٽ تمام گھٽي ٽڏي ٿي وڃي ٿي.)

جھاز تي آيل ٻاھرين ملڪن جي ماڻھن جي وندر لاءِ ھتي بہ چين وانگر ھڪ وڏو ڪلب آھي جنھن ۾ سئنيما، لائبريري، راندين لاءِ مختلف ڪمرا ۽ سامان، ڊانسنگ روم، ڪئنٽين ۽ ڊيوٽي فري دڪان آھي. پھرين ڏينھن اسان جھاز جا ڪجھ انجنيئر ڪلب ڊائين پھچندي ئي ڪلفي ٽي ويا ھئاسين. اندر ڪلب ۾ قدم رکيوسين ٽ دروازي وٽ ھڪ عورت دستور موجب اوورڪوٽ ڪليءَ ۾ ٽنگڻ لاءِ گھرڻ لڳي. جيتوٽيڪ اندر سڄو ڪلب Centrally Heated ھو، پر جيئن ٽ اسان ٻاھران آيا ھئاسين سو اجا سرديءَ جو اثر ھو ۽ ڪوٽ لاھڻ تي دل نٿي چاھيو. آخر ٻئي دفعي چوڻ تي ٻين ٽ لاٿو پر آڻڻ ائين ئي بينو ھوس. ائين لڳي رھيو ھجي ڄڻ ساھ بہ جمي برف ٿيڻ تي ھجي. سنڈ جي ڪوري جھڙين گرمين ۾ وڏو ٽيل ھڻڻ حال اڳيان ھٿيار ڦٽا ڪري بيھي رھيس. سڄو جسم ڪيرو ٿي پيو ھو (Anesthesia ڏيڻ بدران آپريشن ممڪن ھئي ان وقت.) آخر ھن خود منھنجي ڪوٽ کي ڇڪي مون کان الڳ ڪيو جيئن ڪاسائي ڪنيل ٻڪري جي جسم تان ڪل جو آخري حصو لاھيندو آھي. منھنجي بارش ۽ برف ۾ پُسيل ڪانگ جھڙي

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

حالت ڏسي، مرڪي چوڻ لڳي: ”ڪمال آهي اڃا تہ اسان وٽ سانوٽي هاڻ ختم ٿي آهي ۽ سيارو شروع ٻہ نہ ٿيو آهي.“

مٿي آسمان ڏي ـ آسمان تہ ڏسڻ ۾ ڪونہ پئي آيو، پر هن ڪلب جي گلڪاريءَ جي ڪم سان جهنجهيل چت ڏي نهار ڪري چيم: ”اي پڳوان! ڪٿي اچي نڪتا آهيون. هي روس آهي يا ريفريجريٽر!؟“ اتي مٿان ساٿين سڏ ڪيو تہ اڄ تہ ٽيبل ٽينس کيڏي گرم ٿيون.

هتي جي ماڻهن جي زبان روسي آهي جا ٿوري ٿوري پشتو سان ملي ٿي. جهاز جو چيف انجنيئر پناڻ آهي. روسين جا ڪجهہ ڪجهہ الفاظ هو سمجهيو وڃي. هتي انگريزي ورلي ڪنهنکي اچي ٿي پر ڪلب ۾ جيڪي ملازم آهن، اهي انگريزي، جرمن، فرينچ، عربي، پارسي ڳالهائي سگهن. هتي يورپ ملڪ جا باشندا هندستان، نهرو ۽ گانڌيءَ کان ڇڳي ريت واقف آهن. ڪجهہ ٻہ ڪٽي هجي، پر اسان جو ملڪ دنيا ۾ هاڻ مڃيئي ڪجهہ مشهور ٿيو آهي. لبنان مان جيڪي اخبارون نڪرنديون هيون، انهن ۾ روزانو پاڪستان جون ٻہ خبرون هونديون هيون. استنبول (ترڪي) ريڊيو تان ٻہ پاڪستان جون خبرون ايندیون هيون. سيپٽمبر واري جنگ، مارشل لا، وڏندڙ واپار، آر.سي.ڊي، بهترين فارين پاليسيءَ ۽ بين نيگيٽو پازيٽو ڳالهين ڪري دنيا کي خبر پئي آهي تہ پاڪستان نالي ٻہ ڪو ملڪ آهي. چين وياسين تہ اتي ٻہ ننڍو وڏو پاڪستان ۽ ايوب خان جو پيو پڇي. ۽ ’پاڇستان ـ چين دوستي‘ جا نعرا ٿي هنيائون. (چيني پاڪستان کي پاڇستان اچارين) خير چين جي تہ ڳالهہ ئي الڳ آهي. ان جي پڪي دوستي ۽ خلوص دليءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي، ۽ چين ٻہ اسان کي سڃي ايشيا کنڊ ۾ وفادار ۽ پڪو دوست سمجهي ٿو پر روس ۾ پڻ پهرين ڏينهن بندرگاهہ مان نڪتاسين تہ سيني ماڻهن جڏهن اسان کي اجنبي سمجهي سوالي نگاهن سان ڏٺو ٿي، تہ ڪين پاڻ ڏي اشارو ڪري اسان کي ٻڌائڻو پيو تہ ، ’پاڪستان، پاڪستان‘ يعني اسين پاڪستاني آهيون ۽ هنن ٻہ جواب ۾ مسڪرايو ٿي. وڌيڪ نہ هنن اسان جي زبان سمجهي ٿي ۽ نہ اسان هنن جي، جڏ ڏٻي ۾ نڪريون. اسان چاهيو ٿي تہ ڪو انگريزي ڄاڻندڙ هجي تہ ان کان ڪلب جو پڇون ۽ پئسا مٽائي روس جو سڪو ـ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

روبل، ڪبوت ونڻ جو ڏس پتو پڇون. آخر اڳتي وڌياسين ته هڪ بلڊنگ جي ٻاهران ننڍڙو بورڊ نظر آيو جتي شام جو انگريزي ڪلاس ٿي ٿيا. اندر گهڙي وياسين ته ٿي ڪن چوڪريون بينچ تي ويٺيون هيون، جن کي چاليهه سالن جو استاد پاڙهي رهيو هو. مون کي استاد جو نالو وسري ويو آهي پر سندس ڳالهائڻ جو نمونو ۽ ڳالهائڻ وقت Expressions ڪڏهن به وساري نه سگهندس. اسان اڳتي وڌي پهريون سوال ڪيو جو سڀ کان ڪندا آهيون. 'نوز انگلش.' (انگريزي اچيوَ ٿي؟)

يڪدم پنهنجي ڳالهائڻ جي انداز ۾ ڏاڍي صاف ۽ صحيح انگريزيءَ ۾ جواب ڏنائين:

"چو؟ چا ڪپي توهان کي ـ؟"

پر ۾ بينل اعجاز کي چيم ته يار هي ته ماڳهين وڙهي ٿو. ڪانئس پڇيوسين ته پاڪستان مان ٻيو به ڪو جهاز آيو آهي چا؟)

(ياد رهي ته اسان کان اڳ هندستاني جهاز هتي آيل آهي، سو ماڻهو ڏاڍو ڀلبا آهن ته اسان ۾ يا هنن ۾ پاڪستاني ڪير آهن ۽ هندستاني ڪير. چو ته اسان جا ملڪ الڳ الڳ هئڻ جي باوجود به ننڍي کنڊ جي ماڻهن جو رنگ ۽ قدوقامت ته ساڳي آهي.) پڇڻ لڳو:

"چو اوهان کي خبر نه آهي چا؟"

ٻڌايوسين ته اسان اڄ آيا آهيون ۽ پاڪستاني آهيون.

"اوهه! توهان پاڪستاني آهيو؟ اهو نئون جهاز توهان جو آهي، جنهن جي چمني Funnel تي بلو رنگ ۾ N.S.C جو مونوگرام آهي. اڄ مون صبح ان جهاز کي ايندو ڏٺو."

سندس آواز ۽ پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي آواز ۾ شايد ئي ڪوفرق هجي. نه ته ساڳيو ڪڙو، صاف ۽ رعبدار ڳالهائڻ هو. شاهه صاحب منهنجي والد جو ڪلاس ميٽ ۽ دوست آهي. جهاز تي اچڻ کان اڳ 1965ع ۾ منهنجو سندس گهر ڪجهه ڏينهن لاءِ رهڻ ٿيو هو جتي آئون ۽ سندس پائٽيو هدايت الله

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

شاھ سڄو ڏينھن نصيحتن ۽ دڙڪن جي منھن ۾ ھوندا ھئاسين. نہ چمپل پائڻ جي اجازت ھوندي ھئي نہ رات جو گھمڻ ڦرڻ جي.

”جي ھا. اھي اسان ئي آھيون جن جو جھاز تو ڏٺو.“ اسان ھن روسي استاد کي ٻڌايو.

ڪجھ سوچي چوڻ لڳو، ”پر ڳالھ تہ ٻڌو، توھان جي زبان عربي وانگر لڳي وڃي ٿي، پوءِ توھان جي جھاز جو نالو ھنديءَ ۾ ڇو لکيل آھي.“

”اھا ھندي نہ پر بنگالي آھي، جا پڻ اسان جي قومي زبان آھي.“

”اوھہ! اھا ڳالھ آھي.“ ھن ھر جملي جي اڳيان زور سان ’اوھہ‘ ضرور چيو ٿي. ”پلا سڀ پاڪستاني خوش آھن.“ ھن پڇيو.

”سڀ خوش آھن، سڀ مزي ۾ آھن.“

”اوھہ! جيڪر توھان سڀ مزي ۾ آھيو تہ اسان بہ نيڪ آھيون. اڇو اڇو. ويھو. پلا ڪجھ پيئنداؤ. پر ھلو تہ ڪلب ۾ ھلون.“

ھلڻ وارا ھئاسين تہ سندس شاگردياڻين مان ھڪ پڇيو تہ اسان مان ڪنھن کي فارسي ايندي آھي.

ٻڌايوسين تہ اسان جي دوست سعيد کي ايندي آھي پر خريداري جي حد تائين. يعني فقط شين جا اڳھ فارسي ۾ پڇي ڄاڻي جو ايران جي بندرگاھ ۾ پنج سال ڏڪا ڪاڏا اٽس.

ان بعد ھن نيڪ استاد، خبر ناھي ڪھڙي ڪنڌي ھيٺ اسان کي ڪافي ڪجھ گھمايو ۽ ڏيکاريو. بہ ٽي راتيون لڳاتار جھاز تائين بس وٺي آيو. پھرين رات اوپيرا ھائوس وٺي ھليو. بي رات فلم تي ۽ ٽي رات روسي سرڪس ھلي ڏيکاريائين. آخري رات جيتوڻيڪ ھائوس فل ھو، پر ان ھوندي بہ بندوبست ڪري اسان کي جڳھ وٺي ڏنائين.

ھتي روس ۾ چمڙي جون شيون ۽ ڪپڙو ڏاڍو مھانگو آھي. ان کان علاوہ بي ڪا خاص شيءِ خريد ڪرڻ جھڙي ناھي. ھتي فقط اھي شيون عام ملن جن جي روزمرہ جي زندگي ۾ سخت ضرورت آھي، نہ تہ بي ڪنھن شيءِ تي اجايو خرچ نٿو ڪيو وڃي. ڊيوٽي فري شاپ (جنھن دڪان تي اسان ٻاھر جي ماڻھن لاءِ

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بنا ٽئڪس جي، ڪارخاني جي اڳهه تي سامان ملي ٿو) ان ۾ فقط ريڊيا، واڇون، ڪئميرائون، مووي ڪئميرائون، ٽيليوزنون ۽ ان قسم جون روسي شيون جام ۽ سستيون ملن ٿيون. اسان ڪجهه دوستن ساڳي قسم جو ٽرانسسٽر ورتو، جنهن کي جملي ست بئنڊون آهن ۽ ايترو طاقتور ۽ مضبوط آهي جو هتان ٻه دهلي، ڊاڪا ۽ ريڊيو سلون چٽو جهپي ٿو، جنهن لاءِ اسان کي فقط ٽيهه ڊالر ڏيڻا پيا. انهن ريڊيو ٽرانسسٽرن جي ڪٻٽ پرسان بوٽن جو ڪٻٽ هو ۽ معمولي کان معمولي بوٽ جي قيمت ٻه ريڊيو کان گهڻي هئي ـ ڇو جو هتي چمڙو مهانگو آهي. اڄ ڪلهه مون کي جيڪا تڪليف درپيش اچي رهي آهي، سا سوٽي ڪپڙن جي آهي. هن جهاز تي اچڻ لاءِ ڪراچي کان هوائي جهاز رستي آياسين ۽ اسان سيئي تمام ٿورو سامان ڪٽي آياسين. مون اهو سوچي فقط ٽي ڪن قميصون آندیون جو پڪ هيم ته جهاز انگلنڊ يا جرمني ڏي ويندو جتي قميصون سستيون ملن ٿيون. پر اتفاق سان اسان جو پروگرام تبديل ٿي ويو. هنن يورپي ملڪن ۾ سوٽي ڪپڙو تمام مهانگو ملي ٿو. يوگوسلاويا ۽ روس ٻه ٻين ملڪن وانگر سوٽي ڪپڙو پاڪستان مان گهرائي ٿو.

اڄڪلهه پاڪستان جي سوٽي ۽ اوني ڪپڙي يورپ جي مارڪيٽ کي مات ڪري ڇڏيو آهي. ويتر جو Synthesis پروسز هنن يورپ وارن جو ناڪام ويو آهي، ته ان کان پوءِ ته هيڪاري پاڪستاني ڪپڙي جو قدر وڌي ويو آهي. هڪ مثال ياد ٿو اچي. آءٌ ڪراچي هوس هڪ دوست ٻاهران اچي رهيو هو. لکيومانس ته منهنجي لاءِ سوٽ جو ڪپڙو ونڻي اچجانءِ. هو ڊبئيءَ مان بهترين ڪپڙو چونڊي ونڻي آيو. هتي پهچڻ بعد معلوم ٿيو ته پاڪستاني ڪپڙو آهي جو هتي ان کان ٻه سستو پيو ملي. مٿي Synthesis-Process جو ذڪر ڪيو اٿم. هن طريقي موجب ڪپڙو ڪپهه جي ڏاڳن مان نه، پر سنئون سڌو ڪپڙي جا اصلي جزا ملائي ناهڻ کي Synthesis طريقو سڏجي ٿو. مثال طور: ڪنڊ، ڪمند جي رس مان ناهڻ بدران ڪاربن، هئڊروجن ۽ آڪسيجن کي ملائي پڻ ناهي سگهجي ٿي. بهرحال ڳالهه جو مقصد هي آهي ته اسان کي فخر ڪرڻ گهرجي ته اسان جو ملڪ پڻ ترقيءَ جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

راهه تي گامزن آهي ۽ اسان اوچو ڳاٽ ڪري ٻين سان پنهنجي ملڪ جي مصنوعات جو ذڪر ڪري سگهون ٿا.

اسان وٽ اهو فئشن بنجي چڪو آهي تہ جو گهر کان رُسي ٿو، سو وتي پنهنجي ملڪ مان خاميون ۽ وڏون ڳولينڊو ۽ ناراض ٿيندو. جڏ سندس هي وطن ناهي پر ڪٽان اتر قطب يا ڏکڻ قطب مان هتي ڊپوٽيشن تي آيو آهي ۽ اچي ڦاٽو هجي.

پر ادا گهر کان ٻاهر نڪري ٻين ملڪن جو جائزو ٻہ تہ وني ڏسو تہ اسان ڪيترن کان سکي ۽ بهتر آهيون. اجا تائين اسان وٽ هڪ ٻئي لاءِ پيار محبت، همدرديConsideration ۽ لطيف جذبا موجود آهن. هڪٻئي ۾ خاميون ڳولڻ ۽ هڪٻئي تي ڏوهه ٿاڦڻ بدران جيڪڏهن اسان مان هر هڪ پاڻ کي Individually اجا ٻہ وڌيڪ سڌاري ۽ خوبيون پيدا ڪري تہ اجا ٻہ وڌيڪ سکي، خوشحال ۽ پنهنجيءَ وارا ٿي سگهون ٿا. مرچن ۽ ڳاڙهين سرُن جو ٻورو ملائڻ، گيهه ۾ موبل آئل ۽ گريز ملائڻ، تور ۾ ڪوٽ وغيره ـ هر شيءِ اسان جا ليڊر ۽ اڳواڻ هڪ هڪ دڪان تي چڙهي ڪونہ ٿا اچيو ڪن. چوريون ۽ ڏاڙا آمريڪا کان اتي جا يهودي اسان وٽ اچي ڪونہ ٿا هڻن، جو هر ڳالهہ ۾ اسان ٻين تي ڏوهہ ٿاڦيون ٿا. اسان جو ملڪ ڪو هڪ يا ٻن جي نجي ملڪيت يا ورثو ناهي. اسان جو ملڪ اسان سڀني جو آهي، اسان جي ملڪ جي عزت اسان جي عزت آهي. اسان جي ملڪ جي هر خراب يا سٺي ڳالهہ لاءِ اسان مان هر فرد ذميوار آهي.

چڱو ادا، اجا هتي روس ۾ ڪجهہ ڏاڙا آهيون، ان بعد رومانيا جي بندرگاهہ ڪانستنزا هليا ويندا سين. ٻيو خط اتان لکندوسانءِ.

گهٽي چاهہ مان

تنهنجو.....

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪانسٽنزا (رومانيا)

روس ۾ رومانيا ٻئي هڪ ٻئي جي پرسان آهن. روس جو بندرگاهه اوڊيسا ۾ رومانيا ٻئي ڪاري سمنڊ ۾ آهن. اوڊيسا کان رومانيا جي بندرگاهه ڪانسٽنزا تائين فقط تيرهن ڪلاڪن جو ساموندي سفر آهي. اسان جي جهاز اوڊيسا (روس) مان ٻارهين وڳي لنگر کنيو ۽ رات جو يارهين وڳي سامهون الهندي طرف افق ۾ سوجهرو نظر آيو، جو آهستي آهستي تکي روشنيءَ ۾ وڌندو ويو.ٻارهين وڳي ڪانسٽنزا شهر جون جهرمر ڪندڙ بتيون نظر آيون. پوري هڪ لڳي اسان بندرگاهه کان ٽي ميل ڪن اوري اچي لنگر ڪيرايو. عيد ۾ باقي ٽي ڏينهن هئا ۽ اسان پورا ڇهه ڏينهن اتي بينا رهياسين ـ ان انتظار ۾ ته ڪڏهن ٽي بندرگاهه ۾ جڳهه خالي ٿئي، جو اسان کي گهرائين. اڇڪلهه بريءَ سان گڏ بحري ۽ هوائي آمدرفت بہ ايتري وڌي وئي آهي، جو ڪيترو وقت انتظار ڪرڻو ٿو پوي. لنڊن، نيويارڪ ۽ بين دنيا جي وڏن هوائي اڈنت ي ڪڏهن ڪڏهن هوائي جهاز کي هوائي اڈي مٿان پهچڻ بعد ڪيتري دير جاءِ Parking جي انتظار ۾ يا موسم جي بهتر ٿيڻ لاءِ هوائي اڈي مٿان چڪر هڻڻ ۾ لڳيو وڃي. ساڳيءَ طرح بندرگاهه بہ اڪثر پريل رهن ٿا. ڪو ڪو بندرگاهه آهي، جتي پهچڻ سان اندر جيٽي خالي ملي ٽي ۽ يڪدم اندر وڃڻو پوي ٿو، نہ ته ڏينهن بہ ته گهٽ ۾ گهٽ انتظار ڪرڻو پوي ٿو ۽ اهو انتظار خاص ڪري ڪراچيءَ ۾ ڪراچيءَ وارن لاءِ عذاب ثابت ٿيندو آهي. ذرا سوچيو، ڪيترن مهينن بعد هزارين ميل لتاڙي پنهنجي شهر تائين پهچي فقط بہ ميل ڪن اورتي جهاز روڪي ڇڏجي. سامهون شهر جون عمارتون ۽ رستا صاف نظر پيا اچن پر اڳتي اچڻ جي اجازت نہ ملي ته ڇا حالت ٿيندي هوندي. رات جي وقت شهر جون بتيون چمڪنديون ڏسي، ائين لڳندو آهي جڻ اسان جي حال تي ڪلي رهيون هجن. هڪ دفعي ڏاڍو مزو ٿيو. تن ڏينهن ۾ آئون هڪ ٻئي جهاز 'اباسين' تي هوس. اسان چين کان سڌو ڪراچي آيا هئاسين. رستي تي سنگاپور، ملايا، سلون جي بلڪل پرسان لنگهي وياسين، پر اتي هڪ منٽ بہ نہ ترسياسين. آخر تيرهن ڏينهن جي لڳاتار سفر بعد، شام جو ڪراچيءَ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جون بتيون نظر آيون ۽ اسان منهوڙي کان ٿورو پري پهچي لنگر ڪيرايو. تن ڏينهن ۾ ڪراچي بندرگاهه تي ڏاڍي رش هجي، روز شهر ڏي نڪاهون هيون ته ڪيڏي مهل ٿو اسان کي اچڻ لاءِ سگنل ملي. ڪا لانچ سامهون نظر ايندي هئي ته دل خوش ٿيندي هئي ته ضرور پائلٽ پيو اچي، جو جهاز کي ونڊي اندر هلندو. آخر تن ڏينهن جي وڌيڪ انتظار بعد رات جو ڏهين لڳي پائلٽ آيو. جلدي جلدي اسان هلڻ لاءِ انجڻ تيار ڪئي. هر هڪ پنهنجي مقرر ڊيوٽي اسٽيشن تي ويو ۽ جهاز هلڻ لڳو. هر ملڪ ۾ بندرگاهه ۾ داخل ٿيڻ جو رستو اٽانگو هوندو آهي سو اسان کي به ان ٽڪر پنڌ لاءِ ادائي ڪلاڪ لڳا. تيسين اسان ڪراچي وارن کي چڏي ڏنو ته پلي گهر وڃڻ لاءِ تيار ٿي ونن. جو هنن اڳهين چيو هو ته چاهي جهاز رات جو بي بجي پهچي ته به اسان ان وقت ئي گهر ويندا سين. سائين انهن کي ڏسو ته شيو پيا ڪن، نوان نوان ڪپڑا پيا پائين ۽ جهاز جي جيٽيءَ سان لڳڻ کان اڳ بئگون هٿ ۾ ڪٽي بيهي رهيا ته جيئن ئي جهاز جيٽيءَ سان لڳندو ته هليا ويندا سين. آخر جهاز اچي ڏکي Jetty سان به لڳو. جلدي جلدي ڏاکڻ لاهي هيٺ لهڻ وارا هئا ته معلوم ٿيو ته پائلٽ غلط جهاز کي اندر ونڊي آيو آهي. اسان جي جهاز کي نه پر هڪ جپاني جهاز کي اندر اچڻو هو. اسان کي ان ئي وقت واپس وڃڻ لاءِ چيو ويو ته يڪدم باهر هليا وڃون. وري سائين ساڳيا پير. ان وقت اسان جي ڪراچيءَ وارن دوستن جي حالت ڏسڻ وٽان هئي، جيڪي گهر وڃڻ لاءِ تيار هئا پر ڏاکڻ به پوري لهي زمين تي پير رکي نه سگهيا ۽ وري وڌيڪ ٽي ڏينهن باهر انتظار ڪرڻو پيو.

رومانيا جي هن بندرگاهه ڪانستنزا Constanza ۾ ڪم تمام سست ٿو هلي. اسان کان مهينو به اڳ اسان جي ڪمپنيءَ جو هڪ ٻيو جهاز 'موهن جو دڙو' پڻ مشينري کڻن آيو هو. معمولي سامان لاءِ هفتو ڪن باهر ترسيو هو ۽ ڏهه ڏينهن بندرگاهه ۾. ان حساب سان اسان جي ڪراچي جي بندرگاهه جو دنيا جي وڏن بندرگاهن ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ ڪم جي ڦڙتيءَ ۾ گهٽن کان اڳ آهي. ڪراچيءَ ۾ ڪم چوويهه ئي ڪلاڪ هلي ۽ تمام جلدي جلدي. اسان هتي عيد به باهر سمنڊ تي ملهائي ۽ عيد جو چنڊ وڏو مسئلو ٿي پيو هو. هتي جي موسميات موجب هتي

پاڪستان کان هڪ ڏينهن اڳ چند نظر اچڻ ڪندو هو، پر ڪراچي ريڊيو تان خبرن مان معلوم ٿيو ته پاڪستان ۾ چند ڪٿي به نه ڏٺو ويو آهي. اسان منجهي پياسين ته شايد هتي به چند نظر نه آيو هجي. هتي اکين سان چند کي ڏسڻ جو ته سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي، جو هر وقت گهاٽو جهڙ ڇانيل رهي ٿو. پهرينءَ جو چند ته پري جي ڳالهه ٿي، منجهند جي وقت سج يا سندس موجودگيءَ جو به علم نه هوندو آهي ته ڪٿي آهي جو ڪٿي طرف سجاڻجي. ان کان علاوه پهرينءِ جي چند جي نظر اچڻ جو وقفو جيترو قطبن ڏي وڃبو اوترو گهٽبو ويندو. مثال طور خط استوا تي انن منٽن لاءِ ظاهر هوندو، ان بعد غروب ٿي ويندو. پر ٿورو مٿي پاڪستان ايران تائين اچبو ته اهو وقفو ڇهن منٽن تائين ٿي ويندو. ۽ جتي اسان آهيون اتي ٻن منٽن لاءِ آهي. تان جو اتر قطب طرف وڌندي هڪ اهڙي به حد ايندي، جو بلڪل نظر نه ايندو، جتي ڇهن مهينن جو ڏينهن، ڇهن مهينن جي رات ٿئي.

اسان ٿورو شڪجي پياسين ته شايد اسان جي موسميات جي رپورٽ غلط هجي ۽ غلط حساب ٿي ويو هجي. هتي رومانيا ۾ به مسلمان آهن. اسان بندرگاهه وارن کان گهٽو ئي وائرليس ذريعي پڇڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو انگريزي سمجهي نه پئي سگهيا. ٻن ڏينهن کان سگنل ڪري ٿڪجي پيا هئاسين ته اسان کي ڪڏهن اندر گهرائيندؤ. ته ان جو ئي جواب نه پئي ڏنائون. ريڊيو تي جيڪي اسٽيشنون ڪوليون ته جرمن، فرينچ ۽ روسي زبانن ۾ خبرون پئي هليون. آخر ريڊيو عراق تان ڏهين لڳي اتي جي شيخ جي تقرير جو انگريزي ترجمو نشر ٿيو، جيڪا هو عيدالفطر جي موقعي لاءِ ڪري رهيو هيو ته، 'سياڻي عيد آهي. خوشي ملهائڻ جو ڏينهن. پر اسان جي ڪيترن عرب پائرن جي گهرن ۾ غم جو ماتم آهي. اسان لاءِ سچي عيد تڏهن ٿيندي، جڏهن حق جي سوپ ٿيندي ۽ اسان اسرائيل مٿان فتح حاصل ڪنداسين.'

بس پوءِ ته اسان ان تقرير کي اڌ ۾ ڇڏي جهاز تي به عيد جو اعلان ڪيو. ظاهر آهي ته جڏهن عراق ۾ چند ڏٺو ته ڪو امڪان نه ٿو پيدا ٿئي جو هتي نظر نه اچي. ڇاڪاڻ ته اسان عراق جي اولهه ۾ آهيون ۽ اسان تائين چند ۽ سج پهچندي

عمر ۾ وڌيو وڃي. پاڪستان، هندستان، برما، جپان ۾ چند نہ ڏڻو ويو هوندو، جو اهي ملڪ اوپر ۾ آهن ۽ هتي رمضان ۾ هڪ ڏينهن اڳ شروع ٿيو هو. ٻئي ڏينهن عجيب اتفاق ٿيو. صبح جو اٺ سان اسان کي عجيب تبديلي نظر آئي. پوءِ محسوس ڪيوسين تہ سج جي روشنيءَ جي ڪري جهاز روشن ٿي ويو آهي. ٻاهر آيس تہ ٻيا ۾ ڪيترائي جهاز جا آفيسر سج جي روشني ۾ بينا هئا. هتي سج جو نظر اچڻ خاص ڳالهہ آهي. خبر ناهي ڪيترن ڏينهن کان پوءِ اسان ۾ ڏڻو هو ـ ۽ اهو ۾ عيد جهڙي سني ڏينهن تي. نہ تہ جيئن ئي ڪراچي ڇڏي روم آياسين، تہ ان بعد سج نہ يوگوسلاويا ۾ ڏڻوسين نہ روس ۾. جڏ اهو پاڪستان ڇڏي آياسين. جهاز تي عيد نماز پڙهڻ بعد سڀو ڏينهن هڪ ٻئي کي ڪائڻ پيئڻ جون دعوتون ڏيندا رهياسين. جهاز کي ڪنوار وانگر سينگاريو هئوسين. ان ڏينهن ڏاڍو چهچٽو رهيو. بعد ۾ جڏهن بندرگاهہ ۾ آياسين تہ معلوم ٿيو تہ هتي جي مسلمانن ۾ ان ئي ڏينهن عيد ملهائي هئي.

هتي بندرگاهہ ۾ آئي اڄ چوٿون ڏينهن آهي ۽ اڄا ۾ ٽي چار ڏينهن ٻيا ۾ هونداسين. هتي پهچڻ سان تنهنجو ۽ ٻيبن دوستن جا خط مليا، جي توهان ڪراچي ائڊريس تي لکيا آهن ۽ ڪراچي آفيس وارن هتي تڏهن ئي موڪلي ڇڏيا هئا ۽ اسان جي جهاز اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا. هر ملڪ ۾ اچڻ سان پهرين اسين خطن جي پڇا ڪندا آهيون تہ آيا ڪراچي آفيس وارن خط موڪلي ڏنا يا نہ. ڪراچي ڇڏڻ بعد يوگوسلايا، لبنان، روس ڪٽي ۾ خط نہ مليو هو ۽ مهيني بعد هتي رومانيا ۾ سڀ خط گڏ ٿي مليا. ڳوٽ ۽ ملڪ جون خبرون پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي. دل چاهيو تہ آڻ ۾ احمد حسين مخدوم وانگر ڪروماسٽ (Crow-Mast) تي چڙهي ان خوشيءَ ۾ وڃي سُر راڻو ڳايان. (ڪرو ـ ماسٽ هر جهاز جي اڳياڙيءَ ۾ هڪ ٽاور جيان ڏسجو هوندو آهي. پراڻي زماني ۾ ان جي چوٽيءَ تي چڙهي دوربين ذريعي ڏسبو هو ، تہ ڪنارو ويجهو آهي يا پري. اڄڪلهہ تہ هڪ هنڌ ڪان ٻئي هنڌ پهچڻ لاءِ نقشا آهن، راڊار آهي، وائرليس آهي ۽ ٻيون شيون. پر ان هوندي ۾ روايت طور اڄا تائين هر جهاز تي ڪروماسٽ ضرور هوندو آهي.) هڪ هڪ خط جا ڪيترائي دور ڪيم ۽ سگريٽ ريڊ اينڊ وائٽ جي

اشتهار وانگر وري، وري ۽ وري پڙهيم. ڇا ڪجي پنهنجي ديس جي ڏوري فقط هي خط ئي دور ڪن ٿا.سچ آهي ته خط اڌ ملاقات آهي. پنهنجي ته سڄي زندگي تو جهڙن مخلص دوستن جي خطن تي ٽي گذري. خط پڙهڻ ۽ توهان ڏي لکڻ مون لاءِ وڏي دلچسپي آهي.

هن ملڪ جون خبرون جام آهن. سپ ڪاغذ تي ته لکي نٽيون سگهجن. ٽوريون ئي سهي. پنهنجي خداداد صلاحيت کي استعمال ڪري ڪٽي مان خرار جو اندازو لڳائجانءِ ڪانستنزا شهر رومانيا جو وڏي ۾ وڏو ۽ پراڻو شهر آهي. جو چوٽين صدي ۾ ڪانستنٽ اعظم جي نالي ٻڌايو ويو هو. رومانيا کي هي هڪڙو ئي بندرگاهه آهي ۽ ساموندي طرح هتي اچڻ جو هي ئي هڪڙو دروازو آهي، جو بحر اسود جي ڪناري تي آهي. هتي به سردي جام آهي. (پر روس کان گهٽ) ٻارهوئي سرديءَ جي ڪري پوک ايتري ڪانه ٿئي. باقي زمين دوز ذخيرن ۾ مالا مال آهي. هتي ڏاتو جام ملڻ ڪري رومانيا به پولنڊ، يوگوسلاويا ۽ روس وانگر مشيني جي ڪارخانن کان مشهور آهي. اسان جهڙن ملڪن کي مشيني ڏئي واپسيءَ ۾ اناج، لوڻ ۽ چمڙو خريد ڪري ٿو. سوشلسٽ ملڪ آهي پر هتي ماڻهو ڪميونزم مان خوش نه آهن. ملڪ جي حالت تمام خراب آهي. غربت حد درجي جي آهي. هر شيءِ، دڪان، هوٽلون ڪارخانا گهٽي ياگي حڪومت جا آهن. ڪوبه پئسو جمع ڪري امير نٽو بڻجي سگهي. هر هڪ کي ايترو پورو پنو سندس مزوريءَ جو عيوضو ملي ٿو، جنهن مان ڇڪي تاڻي هن جو ڪاڏو ۽ ڪپڙو لٽو ٽئي ٿو. چين جي ڪميونزم ۽ هنن ملڪن جي ڪميونزم ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. چين جا ماڻهو اخلاقي طرح دنيا جي اعلىٰ ماڻهن مان چئي سگهجن ٿا. ڪڏهن ڪا شيءِ گهرندا نه. ڪو فقير نظر نه ايندو، پاڻ هو ٻاهرين کي ۽ آيل سياحن کي تحفي طور ڏيندا، چوري بليڪ مارڪيٽنگ ۽ ٻيون بڇڙايون ۽ عادتون يا علتون چين ۾ هرگز نه آهن، پر هتي جي بي ڳالهه آهي. مون ٻڌو هو ته هنن سوشلسٽ ملڪن ۾ هر انسان برابر آهي، پر مون کي هتي ته امير پيا نظر اچن ته غريب ڪان غريب به، جن جي بدن تي پورو لٽو به ناهي. سڪي جي اها حالت آهي جو سرڪاري طرح ڊالر ارڙهن ليو مقرر ٿيل آهن، پر گس پنڌ تي

توهان کي انيڪ ماڻهو ڪلڪ عام ڊالر ۽ پائونڊ خريد ڪرڻ لاءِ منٿون ڪندا ۽ ڊالر جا ٽيهه ڪان چاليهه ليو ٻه ڏيندا. معمولي سگريٽ جي پاڪيٽ جا ڏهه پندرهن ليو تائين ڏيندا. ٻيا ته نهيو پر پوليس ۽ جا بليڪ مارڪيٽنگ روڪڻ لاءِ آهي، سا بليڪ مارڪيٽنگ ڪندي نظر ايندي. هي حالتون ڏسي مون کي پنهنجي ملڪ لاءِ وڏيڪ پيار ۽ عزت ٿئي ٿي. سچ پچين ته اسان گهٽن ڪان بهتر آهيون. چگائي خرابي هر جڳهه ۽ هر دؤر ۾ رهي آهي، پر تڏهن ٻه اسان وٽ اهڙيون حالتون اجا نه آهن جو دل شڪستو ٿجي. اسان وٽ ايتري مهانگائي نه آهي ۽ گهٽن ڳالهين ۾ بهتر آهيون. هر شيءَ ملي سگهي ٿي. اسان جي ملڪ جي ناڻي جي ساک ۽ قدر آهي. سرڪاري طرح ڊالر ڇئين روپئي ڪن آهي ته اوپن مارڪيٽ ۾ ٻه ان جي لڳ ڀڳ آهي. ماڻهن کي هر قسم جي آزادي آهي. هتي هر هوٽل وارو، دوڪاندار سرڪاري جو ملازم آهي. دڪان کي فائدو رسي يا نقصان، ان سان سندس ڪو سروڪار ناهي ۽ اهي ئي ڳالهيون آهن جو هتي مقابلو Competition ڪونهي. مقابلو ناهي ته چاهه ۽ شوق ناهي ۽ جڏهن پورهيت مان چاهه ۽ شوق نڪري وڃي ته پوءِ شيءِ جي Quality نٿي سڏري. سڄي شهر ۾ فقط ٻن ٽن قسمن جا ڏندڻ ۽ ٽٽ پيسٽ نظر آيا، سي ٻه سادي قسم جا. ٻاهرين ملڪن جون شيون ناپيد يا حد درجي جون مهانگيون آهن. مثال طور سيون او ڪلاڪ بليڊن جو پئڪٽ اسان وٽ سوا ٻي روپيا يعني اڌ ڊالر ۾ ملندو، پر هتي ٻن ڊالرن ۾. اخبار جي دڪان تي رش ڏسي معلوم ٿيو ته هن سڄي ايراضيءَ ۾ فقط اهو هڪ دڪان آهي. اهڙي طرح ٻين شين جو ٻه هڪ هڪ دڪان آهي. ان ڪري هر وقت هر دڪان اڳيان ماڻهن جي قطار رهي ٿي. هتي هلڪا ڪم، جهڙوڪ، حجامت جو، هوٽل جو، دڪان ۽ آفيسن وغيره جو عورتون ڪن. مرد کي ورلي نظر اچن. مرد ڪارخانن ۾ ڳرا ڪم ڪن. هتي فقير ٻه ڪافي آهن. گرگلين جهڙيون فقيرياڻيون، جن جا وار، ڪپڙا مٽيءَ ۾ ميرا، سنگهه پئي وهندي، هڪ هٿ ۾ مانيءَ جي ڳوٽري، ٻئي هٿ ۾ اگهاڙو ٻار ڇاتيءَ سان جَرُ وانگر ڇهٽيل، اهڙيون فقيرياڻيون هتي ٻه جام آهن. کي فقيرياڻيون کدڙن جيان لڏو ناهي هڪ هڪ دوڪان تان ڳائيندي پنندي نظر ايندين.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مذهب جي لحاظ کان هتي عيسائي ۽ ترڪ مسلمان آهن. ترڪ سلطنت واري زماني جون اڃا تائين خوبصورت مسجدون موجود آهن. ڪنهن زماني ۾ رومانيا، بلغاريا، البانيا وغيره تي ترڪن جي حڪومت هئي. پوءِ زوال آيو. مدد لاءِ ننڍي کنڊ جا مسلمان به ويا، جنهنکي خلافت سڏجي ٿو. پر افسوس جو غداريءَ سبب اسان جا مسلمان شهيد ٿي ويا. تفصيل سان هتي ذڪر نه ٿو لکي سگهان، جو خط وڏو ٿي ويندو. ان کان پنهنجا ماڻهو چڱيءَ طرح واقف آهن. تازو علي محمد راشدي صاحب پڻ ان خلافت جو ذڪر مختصر طور پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ ڪيو آهي. بهرحال هينئر مسلمانن جو هتي اهو چاهه ۽ جلوو نه رهيو آهي، تڏهن به مسلمان ۽ عيسائي هتي پائرن وانگر رهن ٿا. بندرگاهه جي پرواريون مسجدون بند ڏسي ڏاڍو تعجب لڳو. پوءِ معلوم ٿيو ته اهي ڪڏهن ڪڏهن کلن ٿيون. وڌيڪ پڇي نه سگهيو آهيان، جو هتي شايد ئي ڪو انگريزي سمجهندو هجي. سڀ رومانين زبان ڳالهائين ٿا ۽ ڪو ڪو جرمن يا فرينچ سمجهي ٿو. حيدرآباد جي لطيف آباد ۽ هيرآباد وانگر هتي به شهر جو هڪ حصو اهڙو آهي، جنهن ۾ فقط ترڪ مسلمان رهن ٿا. جمعي ڏينهن اسان جمعي نماز لاءِ وياسين، پر نماز ختم ٿي چڪي هئي. امام جو گهر مسجد جي پرسان هو. ان جي ننڍي ڏيءَ مسجد کولي ڏيکاري. سندس نالو نوران هو، جيڪا ڏهن ٻارهن سالن جي ٿيندي. ڪنهن زماني ۾ مسلمانن جي حڪومت هجڻ ڪري ڪيترن ڪرسچنن جا نالا اڃا مسلمانن وارا آهن. مثلاً خديجا، زليخا، رابعا وغيره. رومانين زبان جا ڪي ڪي لفظ پڻ ترڪي ۽ عربي جا آهن. مثلاً مهمان کي مسافر چون، مسجد کي جامعة وغيره. باقي سندن زبان ڏاڍي ڏکي آهي.

هتي جون عورتون ٻين آسپاس وارن ملڪن کان بلڪل نرالیون آهن. سڀ کان اول جيڪا ڏاريون ماڻهو نئين ڳالهه محسوس ڪري ٿو، سا هتي جي عورتن جي جسماني بناوٽ آهي. هتي جون عورتون روس، يوگوسلاويا، اٽلي يا يورپ جي ٻين ملڪن وانگر تندرست ۽ ٽلهيون نه آهن. تمام سنهڙيون ۽ هلڪيون ڦلڪيون آهن. هلڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جون چست ۽ سمارٽ ۽ سندن حرڪات و سڪنات ۾ خاص قسم جو ناز، ادا ۽ شرميلو پن ڏسي مون کي پنهنجي ملڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جون ٻليون ياد ٿيون اچن. هتي ڪيترن ئي عورتن جا ڏڳها وار ۽ ٻه چوٽيون پڻ نظر آيون، جن کي هتي سونهن جي نشاني سمجهيو وڃي ٿو.

پهرين ڏينهن ڪانستنزا مان ڪيترو ئي سنهو سامان خريد ڪيم. مثال طور نئين سال جي ڊائري، نوٽبڪ، لفافا، فوٽو ڪارڊ وغيره. مس جي سخت ضرورت هئي. سڄي جهاز تي مسُ Ink فقط اليڪٽريڪل انجنيئر وٽ هئي ۽ هر هر ان کان ونڊي ٽي پئي. گهمي ڦري واپس پئي آيس ته مس جي يادگيري آئي. ڪتابن واري دڪان تي چڙهي ويس. اندپين ڏي اشارو ڪري دڪاندار عورت کي چيم ته هن ۾ پرڻ جي شيءِ ڏي. هُن کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي سا نه آئي. آخر پرواري دڪان تان ٻين بن جڙين کي ڇڪي آئي، جن پاڻ کي عقل ۾ اڪابر سمجهيو ٿي. کين به اشارا ڪري سمجهايم، پر ڪڏهن پينسل پيون ڏين ته ڪڏهن نوٽبڪ ۽ ڪڏهن نيب. آخر هڪ کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي. تنهن ڏڳهو ساهه ڪڍي اشارو ڪيو ته اسان وٽ ڪانهي ۽ دڪان جي چانئڻ وٽ ٻيهي ٻئي هنڌ جو ڏس ڏيڻ لڳي ته هتان سڌوسڌو وڃ، پوءِ ڪابي پاسي مڙجانءِ. پوءِ اڳتي هلي به رستا ڦٽندا (شايد حاتم طائي يا گل بڪاوليءَ وارا ـ هڪ اهنجو ٻيو سهنجو). انهن مان ڪابو ونجانءِ پوءِ هڪ دڪان ايندو.....

دل ۾ چيم سردي ۽ بارش ۾ مون پرديسيءَ کي ڪيڏانهن ٿيون موڪليو. اسٽيشنريءَ جو دڪان هي ۽ مس لاءِ مس جي ڪارخاني ۾ ٿيون موڪليو ڇا؟ دڪان تان لٽس ٿي ته هڪ ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي، پني تي مس ڪپڙي ناهي اشارو ڪري چيومانءِ ته اها ڪپي. ڏاڍيون ڪليون ۽ ڪٻٽ کولي مس ڪڍي ڏنائون. تنهن جي معنيٰ هنن مون کي الائي ڪيڏانهن ٿي موڪليو. ڇگو جو نه ويس. هاڻي آئون به قصي کي سمجهي ويو آهيان، بحث ڪرڻ ۽ مٿو کپائڻ اجايو آهي، ڪجهه به پڇڻ لاءِ ڊرائنگ کان ڪم ونجي. مختلف بندرگاهن ۾، جيڪي اتي جي ورڪشاپ جا مڪاني ماڻهو جهاز جي مشينري جي Repair ڪرڻ اچن ٿا، انهن کي به اسين مشينن جي ڊرائنگ ناهي ڳالهه سمجهايون. شايد اهو ئي سبب آهي جو اسان مئرين انجنيئرن (جهاز هلائڻ وارن انجنيئرن) کي ٻين انجنيئرن جي مقابلي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

۾ تمام گھٽي ٽيڪنيڪل ڊرائنگ سکڻي پوي ٿي ۽ ان سبجيڪٽ ۾ 90 سيڪڙو مارڪون ضروري آھن.

ھنن ملڪن ۾ رستا ياد ڪرڻ تمام سولا آھن. شھر ۾ جتي ڪٿي وڏا مجسما Statue جام ٿھيل آھن. جن کي نشاني خاطر ياد ڪرڻ کپي. مثال طور: ھتان بندرگاھ کان 'پاپولر سئنيما' تائين وڃڻ لاءِ پھريون سڌو وڃبو، اڳتي ھڪ اگھاڙي ماڻھوءَ جو پٿر جو بت اگھاڙي گھوڙي تي نظر ايندو (گھوڙا ته ٽيندا ئي اگھاڙا آھن، پر سوار بہ اگھاڙو آھي.) ان بت کان ساڄي مڙبو ته ھڪ ٻيو عمدو اوچي ڏاتوءَ جو ھڪ شاعر جو بت نظر ايندو (جو شاعر پڪ اسان جي ملڪ جي شاعرن وانگر ڪسمپرسي جي عالم ۾ مئو ھوندو، پر مرڻ کان پوءِ ھتي جي سرڪار قدر سڃاڻي لکين روپيا خرچي اھو قيمتي بت ٺھرايو ھوندو.) ان بت جي پٺئين گھٽيءَ ۾ سئنيما آھي.

ھڪ ڏينھن شھر مان واپسيءَ تي رستو پلجي ويا سين. ھڪ واٽھڙوءَ کي ترسائي پني تي جھاز ۽ سمند ناھي پچيوسينس ته ھي ڪٿي آھي ته جھٽ اشارو ڪري رستو ٻڌايائين. ٽيو ڏينھن شھر جي ٻاھر پسگردائيءَ ۾ پئي ڇڪر ھنياسين ته ڳيري جو آواز ٻڌي سڀ ڳيري کي ڏسڻ لڳا. دوستن چيو: "بس اڌ، لئہ سڄي ڳيرن جي آھي، نہ کين ڏکشنريون ڪٽيون پون نہ گائيڊ بڪ. پاڪستان جي ڳيري جي بہ ساڳي زبان گھوگھو ته رومانيا ۽ روس جي ڳيري جي بہ ساڳي زبان گھوگھو."

ڪالھ ھڪ ھوٽل ۾ ويا سين. ٻئري جڏھن ڳالھ نہ سمجھي ته دوست کي چيم ته ڪائونٽر تي سمجھائي اڇ ته اسان کي ٻکريءَ جو گوشت کپي. گوشت ۽ ڊبل روٽي آئي پر سواد ۾ تمام گھٽو فرق ھو. ٻاکرو گوشت ڪونہ ٿي لڳو. پوءِ جھاز تي اچي دوست راز فاش ڪيو ته ڪانئس ٻکريءَ جي شڪل ڪجھ وڏي نھي وئي ھئي ۽ ٻکري گھٽ، ڍڳي وڏيڪ پئي لڳي. ڪيس سمجھايوسين ته آئنده خيال رکي پوري پني شڪل ناھيندو ڪري. ھينئر چگو جو وڏي نھي، جيڪر ننڍي ناھين ھا ته پڪ سوئر جو گوشت Pork ڪائڻو پوي ھا.

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اڄڪلهه هتي ڪانستنزا جي بندرگاهه ۾ ڪيترائي جهاز بيٺا آهن. اسان جي جهاز جي هڪ پاسي اسرائيلي جهاز بينو آهي ته ٻئي پاسي لبناني جهاز، ٽيو ڏينهن اسرائيل وارن لبنان جي بيروت هوائي اڈي تي هوائي جهاز تباهه ڪيا آهن، سو اڄڪلهه هر وقت ان تي بحث هلندو آهي. شهر ۾ هڪ ڏينهن اسان مڪراني ڏڻا، پر پوءِ خبر پئي ته اهي گهندي وارن وارا پورچوگال جا ماڻهو آهن.

ڪراچي صدر جي ايلفيءَ وانگر هتي به هڪ علائقو آهي، جتي شام جي وقت ڪافي رونق ۽ چهچٽو لڳل رهي ٿو. خاص ڪري مختلف ملڪن کان آيل جهازن جا ماڻهو ـ چيني، جپاني، يوناني، ترڪ، روسي ۽ آفريڪي نظر ايندا. هر هڪ جي پنهنجي زبان ۽ پنهنجو قد بت. ڪالهه سنگاپور کان جهاز آيو آهي. اهي انگريزي ڳالهائين ٿا. سو انهن سان اسان خبرون چارون ڪيون. سيني جهازن ۾ وڏو، سهڻو ۽ تکو جهاز اسان جو آهي، سو سيني جي نگاهن جو مرڪز آهي. روز ڪيترائي ڏسڻ لاءِ ايندا آهن. سمنڊ ۾ به هلندو آهي ته سيني جهازن کي پنيان ڇڏيندو ويندو آهي.

خط ڪافي دڳهو ٿي چڪو آهي. اسان بلغاريا تار ڪري ڇڏي آهي ته اسان جو جهاز اڃي رهيو آهي. ڏينهن ٻن بعد رومانيا کي خيرباد چئي بلغاريا جي بندرگاهه ورنا هليا ويندا سين. ٻيو خط ورنا (بلغاريا) مان ئي لکندوسانءِ، تيستائين خطا حافظ.

نيڪ تمنائن سان

ــ تنهنجو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ورنا. بلغاريا

رومانيا جي هڪ طرف روس آهي ۽ ٻئي طرف يوگوسلاويا، ڏکڻ طرف بلغاريا آهي. بلغاريا جا ٻہ مکيہ بندرگاھ آهن: هڪ 'برگلس' جيڪو ننڍو آهي ۽ ٻيو 'ورنا' جيڪو بلغاريا جو ٽيو نمبر وڏو شهر ۽ وڏي ۾ وڏو بندرگاھ آهي.

اسان کي چوٽين تاريخ صبح جو لنگر کڻڻو هو پر Black Sea ۾ ان وقت سخت طوفان لڳي رهيو هو، ان ڪري شام جو انين لڳي ڪانستنزا مان لنگر کنيوسين ۽ ورنا جي بندرگاھ ۾ پورن پنجن ڪلاڪن بعد پهتاسين. هي خط ورنا (بلغاريا) مان لکي رهيو آهيان. بلغاريا ٻہ رومانيا وانگر سوشلسٽ ملڪ آهي. رومانيا ۾هن کان ڪجهہ وڌيڪ آزادي هئي. اتي کي کي گهر يا دڪان ماڻهن جا ذاتي ٻہ هئا پر هتي گهڻي پاڳي هر شيءِ گورنمينٽ جي آهي.

ٽيڪنيڪل ترقي جي لحاظ کان بلغاريا وڌيڪ ترقي يافتہ ۽ امير ملڪ لڳي ٿو ۽ ڪيترن ئي ملڪن سان واپار هليس ٿو. رومانيا کان هتي وڌيڪ مسلمان ۽ مسجدون آهن. تحريڪ خلافت کان اڳ، هنن ملڪن تي ترڪن جي حڪومت هئي، جنهن کي سلطنت عثمانيہ Ottman Empire سڏجي ٿو. وڌيڪ هتي جي تاريخ کان واقف نہ آهيان. پهرين معلوم هجي ها تہ اسان هنن ملڪن ڏي اچي رهيا آهيون تہ واٽ تان روم يا قاهري مان تاريخي ڪتاب وٺي پڙهان ها پر هتي سڀ ڪتاب فرينچ، رومانين يا جرمن زبانن ۾ ملن ٿا. ڇڪو جو هڪ ڊڪشنري روماني ـ انگلش ملي وئي آهي، سا ڏاڍو ڪم اچي ٿي. جيتوٽيڪ ان ۾ سڀ لفظ تہ نہ آهن پر تڏهن ٻہ فائديمند رهي آهي. ڪانستنزا (رومانيا) ۾ منهنجو ڏاڍو سٺو وقت گذريو. ڪيترائي دوست ۽ فئمليون واقف ٿي ويون. بلغاريا کان رومانيا جا ماڻهو وڌيڪ ملنسار لڳا ٿي. خاص ڪري رومانيا جون عورتون ڏاڍيون سادیون ۽ نهنيون نظر آيون ٿي. باقي مرد خود غرض ۽ لالچي لڳا ٿي. هر هڪ مرد کي فقط اها تات تہ واپار ڪريو يعني سگريٽ، چاڪليٽ يا ڊالر پائونڊ هجن تہ بليڪ تي وڪڻو. ٻيو نہ تہ جوراب يا پراٽا ڪوٽ وڪڻو. (انهن شين جي هتي ڏاڍي ضرورت آهي.) ترڪ مسلمان ٻہ مليا. اسان وڏي حُب ۽ اڪير سان ملون ۽ هتي جي خبرچار

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ونڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا هي به ڦريو گهريو ساڳي ڳالهه تي اچن ٿا ڊالر ۽ پائونڊ بليڪ تي وڪڻي رومانيا جا پئسا ونو. مگر ڪنهن هڪ عورت به اهڙي قسم جي ڳالهه نه ٿي ڪئي. عورتون وري روم (اٽلي) جون.

روم جي ايئرپورٽ ۽ شهر ۾ خريداري لاءِ اٽڪل ويهن ڪن دڪانن تي چڙهياسين. جن تي اڪثر عورتون هيون. هڪ به سنئون سڌو نه ڳالهايو. ڪنهن شيءِ لاءِ پڇيوسين ٿي تہ: "اٽانوَ"، "نہ ڪانهي" ـ نپ اهڙو اڇل مان جواب مليو ٿي جو ماڻ ٿي وياسين ٿي. ٿي سگهي ٿو هنن کي خبر پئجي وئي هجي تہ اسان جهڙا ڪنگلا ڇا خريداري ڪندا ۽ هنن سان ڳالهائڻ وقت جو زيان آهي. منهنجو دوست ففٽ انجنيئر زمان تہ صبح شام جنهن وقت به روم اٽلي جي ڳالهه نڪرندي آهي تہ اتي جي عورتن کي گاريون ڏيندو آهي. بلڪ جڏهن به گاريون ڏيڻ جي موڊ ٿيندي اٿس تہ روم اٽلي جي عورتن جي ڳالهه ڪيندو آهي تہ: "انهن به دڪان هلايا." باقي روم جي مردن لاءِ چوندو آهي تہ اهي باوقار، فضيلت وارا شاهي قسم جا ۽ Well-Behaved آهن، هڪ هڪ کي ڏسي سيزر، مسولني، مائڪل اينجلو، مڪياولي ياد ٿو اچي. ٿي سگهي ٿو تہ عجيب اتفاق هجي جو رومانيا ۽ اٽلي ۾ اسان اهڙي قسم جي مردن ۽ عورتن سان مليا سين.

ڪانسٽنزا ۾ منهنجي پهرين ڏينهن واقفيت انيسہ نالي هڪ ڪرسچن چوڪريءَ سان ٿي، جا بخارست يونيورسٽيءَ جي گريجوئيٽ آهي. هوءَ حڪومت طرفان اسپتال نما دوائن جو دڪان هلائي ٿي. مون کي ڏاڍ ۾ سور هو سندس دڪان تي چڙهي ويس. ڏندن ڏي اشارو ڪري چيومانس تہ انهن لاءِ ڪا دوا ڏي. ويهڻ لاءِ اشارو ڪري چيائين تہ: به منٽ ترس. پاڻ ٻين کي دوائون ڏيڻ ۾ مشغول ٿي وئي، ٻن منٽن جو اڌ ڪلاڪ ٿي ويو. ساڻ آيل دوست کي چيم تہ تون پلي شهر گهمڻ هليو وڃ، خبر ناهي ڪيترو وقت لڳي. هو هليو ويو. ڪلاڪ بعد اشارو ڪيائين تہ: هتي مون وٽ ڪانهي هل ٻئي هنڌ. ٿي ٿيا هئا، سندس دڪان بند ڪرڻ جو وقت هو، دڪان بند ڪري مون کي بازار وٺي اچي ٽٽ برش ۽ پيسٽن جي دڪان تي چاڙهيائين تہ هي آهن. ڏاڍو بور ٿيس تہ وقت به ضايع ٿيو، دوا به نہ ملي، دوست به اڪيلو هليو ويو. ڪيس انگريزيءَ ۾ سمجهايومانس تہ ٽٽ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پيسٽ نہ، دوا ڪپيم سور اٿم. اشارن سان سمجهايائين تہ هاڻ سياڻي اڇجانءِ ڏينٽسٽ وٽ وڃي هلنديسانءِ. وڏيڪ ڪچي ڪانہ. پوءِ اهو هتي جي ماڻهن جو حسن ڪردار آهي يا منهنجا ڏڙڪا نہ سمجهيائين ۽ هن هندستانيءَ وانگر، جنهن جو لبنان ۾ هڪ عرب ٽئڪسي ڊرائيور سان جهڳڙو ٿي پيو. هندستانيءَ هن کي گاريون ڏنيون تہ عرب ان کان بہ ٻيٽيون ٽيٽيون گاريون موٽ ۾ ڏنس. هندستانيءَ واپس پنهنجي وطن دوستن کي اچي ٻڌايو:

"يار عربن جي ڇا تعريف ڪجي، بيروت ۾ هڪ ٽئڪسي ڊرائيور سان جهڳڙو ٿيو، آءٌ ڪيس گاريون پيو ڏيان، پر هي خدا جو بندو مجال آهي جو ڪجهہ چوي، بس آيتون پڙهندو رهيو."

سو هن بہ پنهنجي ساهيڙين کي اسان پاڪستانين بابت الائي ڇا ٻڌايو هجي. ٻئي ڏينهن نہ ويس، جهاز جي ڊاڪٽر ٻڌايو تہ هتي ڏينٽسٽ سنا نہ آهن. استنبول (ترڪي) يا ٻئي هنڌ ڏيڪاريندس. ٽئين ڏينهن شهر مان موٽندي ڪيس ٻڌايم تہ ڏينٽسٽ جي ضرورت ناهي.

ان ڏينهن هڪ ٻي دڪان تي بہ ٽي ڪاليج جون ڇوڪريون اسان جون دوست ٿي ويون. اهڙو سهڻو تہ نہ آهيان جو لڪان تہ مون تي عاشق ٿي پيون. جيستائين منهنجو اندازو آهي تہ هنن واقفيت اهو سوچي ڪئي، تہ ٻيلي هي جانور تہ واهہ جا آهن. اشارن سان گڏ ڪجهہ ڳالهائي بہ سگهن ٿا. ڪلي بہ سگهن ٿا. مون کي انهن ان ئي ڏينهن ڪانستنزا جو عجائب گهر ڏيکاريو. وڏيڪ گهمائڻ جو ٻئي ڏينهن واعدو ڪيائون تہ بس ۾ شهر جو ٻاهريون علائقو بہ گهمنداسين، چيومان، ڳالهہ اتوَ سنئين سڏي اسان وٽ توهان جي ملڪ رومانيا جا ايترا پئسا نہ آهن، ٻٽون ڪولي ڏيکاريومان تہ اسان وٽ ڪجهہ ڊالر، پائونڊ، فرئنڪ ۽ لبناني پئسا آهن. چئو تہ سياڻي پهرين بئنڪ تي هلي مٽايون. نہ تہ 'رلي ڪلهي تي ماني راڃن تي'. ڪجهہ ڪجهہ سمجهيائون، ڇو جو ان کان پوِ ڏند ڪڍيائون يعني خوش ٿيون. ٻئي ڏينهن زمان ۽ آءٌ مفت ۾ خوب گهمياسين. مانيون، فلم ۽ بسن جو ٽڪيٽون سي سندن بلي. وڏي ڳالهہ تہ اسان کي ڪهڙي خبر تہ ڪهڙي شيءَ ڏسڻ وٽان آهي ۽ ڪٽي وڃجي، ڪيئن ڳالهائجي. سو هي فائديمند رهيون ۽ گائيڊ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

(رهنما) جو ڪم ڏنائون. جنهن لاءِ اسان شڪرگذار آهيون. شهر جا ڪيترا اسڪول، مسجدون ۽ پراٽيون عمارتون ڏيکاريائون. هڪ ڪاليج ۾ بن مسلمان چوڪرين سان پڻ ملياسين ڪين عربي ۾ صفا نٽي آئي پر ٻڌايائون ۾ هو نماز پڙهندیون آهن. باقي هتي جي مسجد ۾ جمعي نماز جنهن امام پڙهائي هئي اهو ۾ صاف عربي پڙهائي رهيو هو. مون چاهيو ٿي ۾ هتي جي ماڻهن جا گهر ڏسجن ۾ سندن رهڻي ڪهڻي ڪيئن آهي ۽ ڪهڙي قسم جا گهر اٽن. سو آخري ڏينهن ۾ انيسہ سان موڪلائڻ وقت ڊڪشنريءَ ذريعي پچيومانس ۾، "اڄ آءُ ٻہ توسان تنهنجي گهر هلندس"، سوچي چيائين، "نہ."پچيومانس "چو ڪو اعتراض ڪندو؟"، چيائين، "نہ اڄ نہ سياڻي گهر هلجانءِ."

سمجهي ويس ۾ هوءَ گهر کي نيڪ رکي پوءِ سڏائڻ چاهي ٿي پر مون اوچتو هلڻ چاهيو ٿي جنهن لاءِ هن نيٺ هائوڪار ڪئي ۽ اسان بس ذريعي هلڻ لاءِ تيار ٿياسين. هتي ٽئڪسيون نہ آهن، فقط گورنمينٽ جون بسون هلن، جي بس اسٽاپ تان ماڻهو کڻن ۽ بس اسٽاپ تي ماڻهو لاهين. هتي پاڻ جهڙا ڊرائيور، ڪنڈڪٽر ماڻهو ناهن، جي ٻار کي ريجهائڻ لاءِ بسون بيهارينداوتن. ياد رهي هڪ لطيفو ۾:

"رستي تي هڪ عورت ڪچ ۾ ڪنيل روئندڙ ٻار سان بس کي ڏسي بس روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. ڊرائيور بس ڪانہ روڪي، جو بس اڳيئي مسافرن سا ٽپ هئي. ڪنڈڪٽر کي مائيءَ سان همدردي ٿي پئي سو ڊرائيور کي گاريون ڏئي چيائين، موڙ بس کي پنيان ۽ مائيءَ کي چاڙهہ. بس کي پنيان آڻي، مائيءَ کي چيائين جلدي ڪر بس ۾ چڙهہ. مائي ٻار کي چڙٻون ڏيندي ڊرائيور کي چيو، بس مون پاڻ لاءِ نہ پر ٻچي لاءِ ٿي روڪرائي. ذرا هارن جي پون پون ڪر ۾ ٻچڙو ماڻ ڪري."

بهرحال اسان ٻئي سرد هوا ۾ ستبا بس اسٽاپ تائين آياسين. هتي مون ڏٺو آهي ۾ عورت ٻہ مرد جيترو ڪم ڪري ٿي. هتي دڪانن، آفيسن ۽ هوٽلن ۾ گهڻو ڪري سڀ ڪم عورتون ڪن. دڪان ۽ آفيسون پوري ستين وڄي صبح جو ڪلن ۽ ٽين لڄي شام جو بند ٿين. مجال آهي جو ڪو دير سان آفيس ۾ اچي يا وقت

ڪان اڳ ۾ هليو وجي. ذرا سوچيو، صبح جو ستين لڳي آفيس اڇڻ معنيٰ ساڍي پنجين لڳي ئي بستر ڇڏي. ويهه منٽ ڪن بس اسٽاپ تائين پهچڻ لاءِ. يعني ڇهين لڳي ماڻهو گهران نڪري، تڏهن وقت اندر پهچي سگهي. ۽ هنن ملڪن ۾ صبح جا ڇهه ست وڳا تہ ڇا منجهند جو ٻارهين هڪ لڳي ٻہ اونڌهہ انڌوڪار ۽ غضب جي سردي رهي ٿي. سڄ نظر اڇڻ جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. پاڻ وٽ گهاٽي جُهڙ ۾ ٻہ محسوس ڪري سگهبو آهي تہ سڄ ڪهڙي هنڌ بينل آهي، پر هتي ڪڪرن جا ايڏا تہ گهاٽا ۽ اونها تهہ آهن جو بلڪل محسوس نہ ٿئي ٿو تہ ڪيڏيءَ مهل سڄ ايري ۽ ڪهڙو رستو اختيار ڪري لهي ويو.

هتي جي ماڻهن لاءِ سڄ عيد جي چنڊ مثل آهي. مدت بعد ڪڏهن جهلڪ ڏيکاريندو سو ٻہ ڪن ساعت لاءِ . ڪن خوشنصيبن ڏٺو. نہ تہ نہ ڏسڻ جهڙو. خوش ٿي ڳالهہ ڪندا آهن تہ "اونهاري جي جون، جولاءِ ۽ آگسٽ مهيني ۾ ڪڏهن ڪڏهن سڄ سڄو ڏينهن ٻہ نظر ايندو آهي." باقي اڇڪلهہ تہ ڏينهن رات بجليون ٻرنديون نظر اچن ٿيون. مون ڏٺو آهي، جتي قدرت نامهربان آهي، جيئڻ سخت ڪيو اٿس. اتي جا ماڻهو محنتي آهن ۽ سخت کان سخت ڪم کي منهن ڏيڻ جا عادي آهن. پر اسان جهڙن ملڪن ۾ جتي قدرت تمام گهڻي مهربان آهي. زندگيءَ جي ضروريات جي هر شيءِ آسانيءَ سان ۽ ٿوري تڪليف سان مهيا ٿي سگهي ٿي، اتي جا ماڻهو ٻين جي مقابلي ۾ آرام پسند، ٿوٿي، سست ثابت ٿيا آهن. اسان وٽ زمين کيڙي اناج پيدا ڪرڻ ڪيترو نہ آسان آهي. هنن ماڻهن کي جيڪر اسان جهڙي زمين، موسم ۽ سهوليتون هجن تہ هڪڙي محنت سان زمين مان سون پيدا ڪن. هتي جي ماڻهن جي حالت پاڻ سان ٿي پيٽجي تہ ائين ٿو لڳي تہ اسان جهڙا سست ۽ آرام پسند ڪير ٻہ نہ هوندا. آفيس جا ست اٺ ڪلاڪ ٻہ ڪنجهندا رهنداسين. ڪرڪندا رهنداسين. ڪوشش اها ڪنداسين تہ اهي چند ڪلاڪ ٻہ آرام ۽ گسائڻ ۾ گذري وڃن تہ سنو. ڪيترن کي مون اهو فخر سان چوندي ٻڌو آهي تہ، "يار اڳئين آفيس ۾ سڄو وقت ڪم ڪرڻو پوندو هو، ان ڪري اها ڇڏي هن ۾ آيو آهيان. بس آرام لڳو پيو آهي. ٻہ ٽي فائيل روز ڏٺا، ٽي چار دفعا چانهہ

پيتي، تو جھڙو ڪو دوست اچي ويو تہ ان سان ڪچھري ڪندي وقت ڪُڏري وجي.“

منھنجي خيال ۾ ھڪ مرد کي پورھئي ۽ محنت کان ائين ڇڄڻ نہ جڳائي. اھو مرد جو شان نہ آھي. محنت ۽ مزوري مرد جا زيور سمجھيا وجن ٿا، پر اسان وٽ ٿورو ئي وڏو آفيسر ٿيو تہ پنھنجي گلن مٿ ۾ تورڻ جھڙي ھلڪي بئگ ۽ پاڻ ڪٽندي بيعزتي محسوس ڪندو ۽ نوڪر کان ڪٽائيندو. پر ھتي يورپ جي ترقي پسند ملڪن جي مختلف حالت آھي، ھتي پنھنجي ھٿ سان پاڻ ڪم ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪيو وجي ٿو. ھن چوڪري انيسہ جو مثال ونو. گريجوئيٽ آھي. صبح جو سويل مقرر ٽائيم تي دڪان کولي ٿي. خود ڀھاري ڏيندي، ان بعد دڪان جي سيني ڪٻٽن ۽ اسٽور روم کي چنڊي، ڪاٺ جي رکيل وڏن بنڊن جا خود ئي ڇوڏا ڪري سگري نما چلھ ۾ باريندي، مريضن ۽ گراھڪن کي سڃو وقت تقريباً بيٺي پير دوائون ڏيندي. وچ ۾ ڇانھ جي وقت خود ئي ناھي پيئندي ۽ پوري ٽين لڳي تائين ايمانداريءَ سان ڊيوٽي سرانجام ڏيندي ۽ اھا فقط ھڪ چوڪريءَ سان حالت ناھي پر ھتي ھر ھڪ جي اھا زندگي آھي. سندن مھيني جو پگھار ۾ارھن سؤ لي (پنھنجا ۾ سؤ روپيا ڪن) آھي، ان کان علاوہ ھتي ڪاڏي پيتي، پھرڻ ۽ ٻين شين جي مھانگائي آھي. ڇڪي تاڻي ڪاڏو پيتو، گندي ڪپڙو ان پگھار مان مس ٿئي. (رومانيا، بلغاريا، يوگوسلاويا ۽ ٻيا ڪيترا يورپي ملڪ مشينري تيار ڪن ٿا جيڪا وڪڻي آسٽريليا ۽ ڏکڻ ايشيا جي ملڪن مان اناج، ڪپڙو ۽ ڪچيون شيون ونن ٿا. ھتي ڪاڏي پيتي جي شين جي ڏاڍي ڪوٽ آھي.) جيتوڻيڪ ھيءَ اجا سکئي گھر جي آھي تہ ۾ ھيترن ڏينھن ۾ مون ڪيس ۾ وڃا پھريندي ڏٺا. ھڪ سادي قسم جو ھر روز پائيندي آھي ۽ ٻيو ڪجھ سنو ۽ نئون جيڪو صرف ڪرسمس ڊي ۽ نيوييئر ڊي تي پائي وري چنڊي ڦوڪي پاڪ سوڪڑِيءَ وانگر سوگھو ڪري رکيائين. مون کي سندس ھڪ ڳالھ وڻي. پچيومانس تہ توھان کي پگھار تہ تمام گھٽ ٿو ملي ان مان پورت ڪيئن ٿي ٿئيوَ؟

تعجب مان چوڻ لڳي، "چو..؟ پورت تہ تمام سولائيءَ سان ٿيو وڃي. اڃاين خرچن جي کھڙي ضرورت آھي. بس اسان جي ملک ۾ کپڙو يا اھڙي شيءِ نہ ٿي ٿئي تہ اسان ڇو خوامخواھ ڌارين ملکن جون شيون خريد کريون. اسان کي تہ اھا ئي خوشي آھي تہ اسان جي ٿوري سادگي جي بدلي اسان جو ملک ترقي ڪري رھيو آھي. اجايو اسان جي ملک جو سون ضايع نہ ٿي رھيو آھي." (دراصل اسان ٻاھرين سان خريد و فروخت ڪرڻ وقت ھڪبئي کي پئسن جي صورت ۾ سون ڏيون ٿا ۽ ملک جي ترقي، ان جي سون جي ذخيري مان لڳائبي آھي. سڪي جي قيمت ۾ سون جي ذخيري مطابق وڌي ۽ گھٽي ٿي.) ذرا سوچيواسان جي ملک جو ڪيترو پئسو فقط سينگار جي سامان Cosmetics پنيان ضايع ٿئي ٿو ۽ پوءِ اسان ھک بئي سان ڪلھو ھٽڻ جي ڪوشش ۾ ڪيترن نہ ناجائز طريقن سان پئسو ميڙيون ٿا. اسان وٽ ڪيتري نہ اجائي ريس، حرص ۽ سڌ وڌي رھي آھي. ھک پاڙي جي امير عورت اوچو کپڙو اوڍيندي تہ ٻيون ۾ ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون ۽ ھر ممڪن ۽ ناممڪن ڪوشش ڪنديون تہ کين ۾ اھو ئي ملي ۽ اھو نہ سوچيندیون تہ سادي کپڙي ۾ ۾ ساڳي سونھن برقرار رھي ٿي. ان ۾ ساڳي زندگي بسر ٿي سگھي ٿي يا ان کي حاصل ڪرڻ جي کين وسعت ناھي يا سندن لاءِ ان کان وڌيڪ ٻيون اھم ضرورتون، مثال طور: ٻارن جي پڙھائي، اگھائي سگھائي لاءِ دوائون وغيره وڌيڪ ضروري آھن.

آمريڪا جھڙن بيحد امير ملکن جي ڳالھ ٻي آھي، پر مون ڏٺو آھي تہ اھي ملک (چين، يوگوسلاويا جھڙا) جيڪي ترقي جي راھ تي آھن ۽ ترقيءَ جون منزلون طي ڪري رھيا آھن، انھن ملکن ۾ جيڪڏھن ڪو ائين اجايو فئشن ڪري ٿو تہ ٻيا حرص جي نگاھن سان نہ پر نفرت جي نگاھ سان ڏسن ٿا ۽ اھو شخص ملک جي بھبودي ۽ ترقيءَ جي راھ ۾ رڪاوٽ سمجھيو وڃي ٿو.

خير سائين، اچون پنھنجي قصي تي. ھتي جي بسن ۾ عورتن ۽ مردن لاءِ الڳ سيٽون نہ ٿين. ان کان علاوه ھک بئي لاءِ Consideration ۾ گھٽ اٿن. عورت ۽ مرد ھر لحاظ کان برابر ليکيو وڃي ٿو. عورت بس ۾ بيني ھوندي تہ پلي بيني ھجي، ڪو مرد اٿي جڳھ نہ آڇيندس، پوءِ اھا عورت پلي پيرسن ھجي، ڏکي

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

رهي هجي، پيٽ سان هجي، سامان ساڻ هجيس. هتي جون بسون سڀ سينٽرلي هيٽيڊ آهن، باقي بس مان لهه ته قلفي ٽيو وججي. شهر کان ٻاهر ته هوا ايڏي تيز لڳي ٿي جو منهن سڙندو آهي، ساهه ئي نه کنيو ٽيندو آهي. خير اسان بس ذريعي گهر آياسين. بس اسٽاپ کان گهر فرلانگ پري هو. پاڻ ٻڌايائين ته سندس ٻن پائرن ۽ ٽن پينرن جي شادي ٿي چڪي آهي، سي الڳ رهن ٿيون ۽ باقي ٻه پينرون ماءُ ۽ پاڻ گهر ۾ رهن. سندس پيءُ ڪنهن ٻئي شهر ۾ نوڪري ڪري ٿو يا ڪم سانگي ويل آهي. سندس وڏي پيٽ جا ٻار اڇڪلهه گهر آيل آهن. هتي گهر سڀ ڪنڊائتين چتين وارا ٽين جيئن برف هيٺ ترڪي وجي. پتيون سنڌ جي ڳوناٽن گهرن وانگر ٽلهيون ٽين، جي ايئرڪنڊيشن جو ڪم ڏين ۽ اونهاري ۾ گهر کي سرد ۽ سياري ۾ گرم رکن. جنهن وقت سندس گهر پهتاسين اهو شام جو وقت هو، پر سنڌ جي اونهاري جي ٽاڪ منجهند وارو سمو، جتي سخت گرميءَ ڪري ۽ هتي سخت سرديءَ ڪري هو. پکي پکڻ ٻاهر نظر ڪونه ٿي آيو، ڇٽ ته ڪو راکاس گهمي ويو هجي. رکي رکي سرد هوا جا سوسات ٻڏڻ ۾ آيا ٿي. ورلي سامهون ڪو ماڻهو هڪ گهٽيءَ مان نڪري ٻيءَ گهٽيءَ ۾ هليو ٿي ويو يا گهر مان نڪري بس اسٽاپ طرف تکو تکو وڏندو نظر آيو ٿي. دراصل ان ڏينهن هيڪاندي سردي هئي. سياري ۾، ڪراچيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن سکر جو اڪبر منگي ۽ آڏ ٽيڙيءَ ۾ اچي صرف قميص ۽ سئيٽر ۾ اسڪوٽر هلائيندا هئاسين ته ٻه ايترو سيءُ نه پوندو هو، جيترو هتي ان ڏينهن ٻن سئيٽرن، هڪ گرم ڪوٽ، گرم گنجي ۽ قميص ۾ محسوس ٿي رهيو هو. مون ته فقط اهو پئي سوچيو ته هتي جا ماڻهوهڙي سرديءَ ۾ ڪيئن ٿا رهن. خاص ڪري عورتون گهر کان ايترو پري ڊيوٽيءَ لاءِ ڪيئن ٽيون اچن وجن. هتي جو پوليس وارو اٽ اٽ ڪلاڪ هڙي ولهه ۾ بيهي ڪيئن ٿو ڊيوٽي ڏئي. هتي جو مزور سڄي سڄي رات هڙي ٽڏ ۾ ڪيئن بندرگاهه ۾ ڪم ٿو ڪري. پر زندگي دراصل ان کان ٻه سخت شيءِ جو نالو آهي. هنن ملڪن جي مقابلي ۾ پنهنجي ملڪ جي ويڪرائي ڦاڪ وارن ملڪن ۾ نه ايتري سردي آهي ۽ نه ايتري گرمي. گرمي جي خبر خط استوا جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ملڪن جي باشندن کان لهڻ کپي. خط استوا جي ملڪن جي اونهاري ۾ ڇا حالت آهي ان بابت ممباسا آفريڪا پهچي اتان تفصيلي خط لکندوسانءِ.

هتي جا گهر ڪي خاص وڏا نه آهن. صدر ڪراچيءَ ۾ رهندڙ ڪرسچنن جي گهرن وانگر هڪ ننڍو ڊرائنگ روم عاليشان نموني سان سجايل آهي. سڄو ڪمرو قيمتي غاليچن ۽ راندين سان ڳٽيل نظر ايندو (جو سامان پشت ۽ پشت هلندو اچي.) پوءِ پلي ٻيا ڪمرا مسافرخانہ لڳا پيا هجن. گهر ويجهو آيو ته آڻ سندس ٻنيان ٻنيان اچڻ لڳس. در وٽ پهچي جيتوڻيڪ پاڻ ته وڏي آڏرياڻ سان چيائين اندر هليو اچ. پر آڻ اهو سوچي ترسي پيس ته هيءَ آهي ڪجهہ ڪجهہ بيوقوف. حامي پري منهنجي چوڻ تي مون کي چڪي ته آئي آهي، مائٽ الائي ڇا سمجهن. ڪيس ته دڙڪا ملندا پر مون کي ۽ نہ مار ڪيرائي. پاڻ اندر هلي وئي پر آڻ در تي ترسي پيس. ٿوري دير بعد سندس ننڍي پيٽ جا پندرهن سورهن سالن جي ٽيندي سا نڪري آئي ۽ سڏ ڪري اندر گهرايائين.

انيسہ گهر اڳيئي ڳالهہ ڪري ڇڏي هئي ته هڪ جانور شهر ۾ ڦرندي مون سان مليو. تمام دلچسپ آهي. چوي ٿو ته پاڪستاني آهيان، انجنيئر آهيان، ست سمنڊ دنيا جا پار ڪري هتي پهتو آهيان، سو مائٽ ۽ ڏسڻ لاءِ بيچين ۽ تجسس ۾ هئا. سندس پروارو گهر هڪ ننڍي دريءَ ذريعي مليل هيو، جنهن ۾ سندس ماسي ۽ ان جون ٻہ ڏيئر رهيون ٿي، اهي ٻہ سڀ مون کي ڏسڻ لاءِ ڏوڙندين آئيون. سندس پيٽ جا ٻار ۽ پوءِ ته آهستي آهستي پاڙي جا ٻہ ڪيترا ملڻ آيا. دراصل هتي ٻاهرين ملڪن جا (خاص ڪري ايشيا ۽ آفريڪا جا) تمام گهٽ بلڪ نہ برابر سياح اچن ٿا. سو آڻ هنن لاءِ اجنبي هوس.

مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته هتي جون عورتون صاف دل ۽ سادين لڳن ٿيون. سادگيءَ ۾ سندن جي ڳوناٽين عورتن سان ملن ٿيون. انيسہ جي ماءُ کي چيم ته توهان جو گهر ڏاڍو سٺو آهي. منهنجو رسميءَ طرح چوڻ ۽ هيءَ انهيءَ وقت اٿي وڃي ڊگهو ٻهارو ڪڍي آئي. ڇت تي هڪ ڪنڊ ۾ ڄارو لڳل هو سو لاهڻ لڳي. تنهن تي سڀ ڪلڻ لڳا. مانيءَ لاءِ زور ڪرڻ لڳا ته ڪاءُ ۽ مون لاءِ ماني رکيائون ۽ پاڻ ڇوڪرڙ ڦري ڏسڻ لڳا. يورپي قسم جو چڪن براٿ سوپ (Chicken Broth Soap)

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هو جنهن ۾ سڀ ڪجهه مليل هو. ڪڪڙ جي ننڍن سنهن ٽڪرن بدران پوري ٽنگ هئي ۽ ڊبل روٽي الڳ هئي.

يارهين لڳي آءٌ موڪلائڻ لڳس. سڀ ڇڏڻ لاءِ ٻاهر نڪتا. ٻاهر ڏسون تہ سخت بارش پئجي رهي هئي، آمدرفت بند ٿي وئي هئي. آخر فيصلو ٿيو تہ رات رهي صبح جو وڃان. ٻئي ڏينهن موڪل هئي سو آءٌ ترسي پيس.

ٻئي ڏينهن صبح جو انيسہ، ان جي ماسات بيانيڪا ۽ سندس ڀاءُ ۽ ڀاڻيجو هوٽل ۾ منهنجي دعوت ڪائڻ لاءِ گهران نڪتاسين. هوٽل اڌ ميل کن پري هئي، پنڌ ئي پنڌ اسان پنج ئي ڄڻا سيءَ ۾ ستبا وياسين. راتوڪي پيل برف ۽ بارش وٽن تي جمي ڳڙيا ٿي وئي هئي ۽ هوا لڳڻ ڪري اهي ڳڙيا هيٺ پئي ڪريا، سو انهن کان ۽ هوا کان بچندا سڄي منهن کي مفلر سان ڍڪي، صرف اکيون کڌي، هوٽل طرف وڌندا رهياسين. برف مٿان عام بوٽ ۾ هلڻ ڪري منهنجا تہ پير ڪيرا ٿي ويا هئا. ذري گهٽ همت جواب ڏيڻ واري هئي تہ ههڙي سرديءَ ۾ اگر بيمار ٿي پيس تہ هتي پرديس ۾ اڪيلو اسپتال ۾ رهڻو پوندو ۽ هوڏانهن جهاز تي دوستن کي ڊبل ڊيوٽي ڏيڻي پوندي، پر هنن کي تکو تکو هلندي ڏسي آءٌ بہ هلندو رهيس. آخر اڇي هوٽل پيڙا ٿياسين. اکين مان پاڻي، نڪ مان پاڻي، پندرهن منٽن لاءِ تہ هوش ئي نہ رهيو. بيانيڪا مانيءَ لاءِ آردر ڏنو.

هتي جي هوٽلن ۾ اڪثر ڪري پئسا پهريائين ڏجن ٿا ۽ ٽپ جو دستور ناهي. مانيءَ جو بل سؤ لي (پنهنجا اٽڪل پنجويهہ روپيا) کن ڏنائين. اڌ ڪلاڪ بعد ماني آئي. ماني ڇا هئي؟ ڊبل روٽي، تريل چڪن ۽ بصرن جو آچار! بصر بہ اهڙا جو سرڪي ڪري يا زياده سندجڻ جي ڪري ڪارا ٿيل هئا. ڪانئن پچيم تہ ڇا هي آهي هتي جو خاص ڪاڌو؟ جنهن لاءِ هيڏو پنڌ ڪرايو اٿوَ. توهان تي تہ ڪا جيسز ڪرائس (حضرت عيسىٰ عليہ السلام) جي مارَ پوي، ڪجهہ تہ خيال ڪريو ها، اهڙي خبر هجي ها تہ گهران ئي نہ نڪرون ها. سو اهي آهن رومانيا جون خبرون. يوگوسلاويا ۾ بہ ڏٺم تہ اتي جي ماڻهن بصر جو آچار وڏي شوق سان ڪاڌو ٿي. متئين گهر مان هتي جي بين گهرن جو بہ اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هتي يورپ جي ملڪن ۾ ڏٺو اٿم ته هر هڪ کي ايتري ته حد درجي جي سماجي مسئلن ۾ آزادي مليل آهي جو ماءُ پيءُ به اولاد جي ڪنهن ڳالهه ۾ دخل انداز نٿو ٿئي. هر هڪ جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي ته وٽيس ته پنهنجي زندگي کي سڌاري يا کاري. ڳالهيون ڪندي بيانيڪا جي ماءُ کان پڇيم ته هوءَ شادي ڪڏهن ٿي ڪري؟ چوڻ لڳي ته ڪيس ڪهڙي خبر، بيانيڪا خود بالغ آهي سندس مرضي. پاڻيهي پنهنجي پسند جو چوڪرو ڳولهي وجي شادي ڪري. مغربي ملڪن ۾ اڪثر اڪيلائي ۽ تن تنهائي ۾ نوجوان چوڪرن ۽ چوڪرين جو ملاقاتون ٿيندیون رهن ٿيون. چوڪري ۽ چوڪريءَ جي اهڙي ملاقات کي ڊيٽ Date سڏجي ٿو. اهڙين ملاقاتن ذريعي هڪ ٻئي کي زندگيءَ جو ساٿي منتخب ڪيو وجي ٿو ۽ ڪيترن سان ئي ملڻ جو موقعو ٿيندو آهي. انهيءَ Process ۾ گهڻو ڪري هر چوڪري سڀ ڪجهه لٽائي ويهندي آهي. هنن مغربي ملڪن ۾ شايد ئي ڪا چوڪري هجي جا شادي وقت ورجن هجي، اگر هوندي تڏهن به ههڙي ماحول ۾ ڪير يقين ڪندو. ۽ اهڙي ڪنهن باعصمت چوڪريءَ کي داد ڏيڻ بدران ان لاءِ اهو ئي سمجهيو وجي ٿو ته Virginity is lack of opportunity. اهو ئي سبب آهي جو هتي جي عورت آزادي ته حاصل ڪري چڪي آهي، پر پنهنجو قدر وڃائي وينِي آهي. هوءَ مرد جي نظر ۾ ڪري چڪي آهي. هتي جي عورت ۽ راندیڪي ۾ ڪو فرق نه رهيو آهي، جنهن کي ٻار جيستائين نئون آهي ته چاهه سان کيڏي ٿو پر جنهن وقت پراڻو ٿيو يا کيس ان کان بهتر مليو ته پراڻي کي اڇلي ڇڏي ٿو. ساڻئي وقت مرد به اعتبار وڃائي چڪو آهي. سڀ کان وڏيڪ مصيبت ۾ پوڙها مائٽ آهن. اسان وٽ جيئن پوڙها مائٽ ٿين تيئن پنهنجا پراوا وڏيڪ عزت ڪن، پر هتي پوڙهي پيءُ ماءُ کان سندن ئي اولاد بيزار. ماءُ پيءُ گهر ۾ بيمار پيو هجي ته پيوي هجي، پر اولاد کي گهمڻ ڦرڻ ۽ پنهنجن پروگرامن کان فرصت ناهي جو هنن جو خيال رکن يا خير عافيت پڇي. هرهڪ کي پنهنجي لڳي پئي آهي ڪو لطيف جذبو نه رهيو آهي. يقين ڪر مون ڪيترا اهڙا مثال اکين سان ڏٺا جو ماءُ يا پيءُ موت جي ڪنڌيءَ تي آهي ۽ اولاد کي معلوم هوندي به بيفڪر رنگ رليون ملهائي رهيو آهي. هيءَ ڪهڙي آزادي آهي، منهنجا ياءُ؟ هن آزاديءَ ڪهڙو

هتي جي ماڻهن کي سُک ۽ دلي سکون بخشيو آهي؟ ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿو اچي! ڇا هيءَ آهي مغربي آزادي، جنهن لاءِ اسان جا ڪي مشرقي پائر پينرون، گهر ويني بنان ڏني پرکي سڏون ڪري رهيا آهن. ڪاش منهنجي وس ۾ هجي ته انهن مشرقي مردن کي هتي جو هڪ هڪ گهر ڏيکاريان. کين هتي جي ماڻهن جي ذهني تصادم، بيچيني، فڪرات ۽ دلي پريشانين کان روشناس ڪرايان ۽ هتي جي عورت جي حالت کان واقف ڪرايان ۽ مشرقي عورت کي هتي جي حالت اکين سان ڏيکاريان ته کيس معلوم ٿئي ته ڪير وڌيڪ خوش آهي. ڪنهنکي ذهني سکون، عزت ۽ روحاني راحت نصيب ٿيل آهي. جيڪر پنهنجي ملڪ جي عورت هتي جي عورتن جو گهرائيءَ سان جائزو وٺي ته جيڪر کيس احساس ٿي وڃي ته هوءَ ڪيترو خوش، سکي ۽ باعزت آهي. هتي جي عورت کي باهرين ناڻ پاڻ جي پنيان ڪيترون جوابداريون ۽ مصيبتون آهن. جن هٽي مغربي عورتن کي مشين وانگر گسائي ڇڏيو آهي. چهري تان اها نسواني رونق ۽ سونهن ئي مٽائي ڇڏي آهي. منهنجا ياءُ ڪاش ڪو انڊي تقليد ڪرڻ بدران حالتن جو چگّيءَ طرح جائزو وٺي پوءِ ان جي نقالي ڪري ته بهتر رهندو. خط تمام ڊگهو ٿي ويو ۽ بلغاريا ڇڏڻ کان پهرين هڪ ٻيو به خط لکندس، جنهن ۾ بلغاريا ۽ هن شهر ورنا بابت لکندس.

گهٽي قرب منجهان

ـ تنهنجو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ورنا. بلغاريا

هن ڪان اڳ ۾ هڪ خط هتان ورنا مان لکي چڪو آهيان. هتي آئي ۾ اڄ اسان کي اتڪل ۾ هفتا ڪن ٿيا آهن. هتي پهچڻ بعد هڪ ڏينهن رکي ٻي ڏينهن ڪان برفباري شروع ٿي هئي ۽ لڳاتار ٽي ڏينهن هلندي رهي. برفباري ۾ ڏسڻ وٺان آهي، جنهن جو نقشو آڻڻ ڪاغذ تي لفظن جي روپ ۾ چگيءَ طرح چٽي نه ٿو سگهان پر توهان پنهنجي خداداد تخيل کي استعمال ڪري برفباريءَ جي نظاري جو لطف حاصل ڪري سگهو ٿا. برفباري ڏسڻ ڪان اڳ جڏهن سرد ملڪن مان دوست مون کي برفباري بابت لکندا هئا تہ آڻڻ ايترو ڏيان نہ ڏيندو هوس، پر هتي ڏسڻ سان معلوم ٿيو تہ جو ڪجهہ مون برفباري جي خوبصورتيءَ بابت پڙو يا پڙهيو هو، سو سڀ صحيح آهي.

ڪي ڪي اهڙيون ۾ شيون هونديون آهن جن جي اصليت جي خبر تصويرن يا پڌڻ سان معلوم ٿي نہ سگهندي آهي. تاج محل ڏسڻ ڪان اڳ، تاج محل جا فوٽا ۽ ننڍا سنگ مرمر جا مادل ڏسي تعجب لڳندو هو تہ اهو ايترو تہ سهڻو ناهي، جو ماڻهو تعريفون ڪن ٿا. پر ڏسڻ سان معلوم ٿيو تہ هن کي واقعي دنيا جي عظيم عجائبن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. ساڳيءَ طرح برفباري جو نظارو ۾ ڏسڻ سان تعلق رکي ٿو. پنهنجي ملڪ ۾ ڪڏهن ڪڏهن بارش سان گڏ ڳڙا پوندا آهن اها برف باري ناهي. هتي برف ڳڙن جي صورت ۾ نہ وسندي آهي. برف جي تمام سنهي ڪاتر، پائوڊر جهڙي نرم ۽ هلڪي، هوا جي لهرن تي آهستي آهستي لڳاتار مٿان ترندي هيٺ ڪرندي آهي ۽ جتي ۾ ڪرندي آهي اتي گڏ ٿيندي رهي ٿي. زمين تي، وڻن مٿان، گهرن مٿان، موٽر لارين مٿان، هر شيءِ تي تهہ ان پائوڊر جا جڙهندا ويندا آهن. ان مٿان پير رکڻ سان جڻ ڪپهہ تي پير پيو. رستن ۽ فوٽ پاٿن تي ان برف Snow مٿان هلڻ ڪري اها دٻجي سخت ٿيندي وڃي ٿي. (جيئن برف جا ڳنڍيا وڪڻن وارو برف جي سنهي ڪاتر ڪري ڪاڻ جي تيلين جي چوگرد زور سان ڀڪوڙيندو آهي تہ ڪانيءَ کي چهٽِي ويندي آهي. هيءَ ڪاتر تہ ان کان ۾ تمام سنهي ٿئي ٿي.) ۽ سيمنٽ وانگر رستن تي چهٽي وڃي ٿي ۽

سخت برف Ice جا اسان وٽ تيار ڪري وڪي ويندي آهي، جهڙي شڪل اختيار ڪري ويندي آهي ۽ پوءِ بلڪل شفاف نظر ايندي آهي. (ڪاتر Snow جو رنگ اڇو ڪير جهڙو ٿيندو آهي ۽ ڪابہ هيڻيان پيل شيءِ نظر نہ ايندي آهي.) پر اها ڪاتر Snow هڪ دفعو جمي برف Ice ٿي وئي تہ پوءِ ان جي هيڻيان هر شيءِ نظر ايندي. ايتري قدر جو اهو بہ نظر ايندو تہ ان برف جي هيڻان رستو ڪچو آهي يا پڪو يا سرُن جو. توهان شايد اهو سوچيو تہ اها برف ڳري ڇو نہ ٿي۽ جيئن ئي آسمان تان ڪرندي وجي تہ ڳري پاڻيءَ جي صورت اختيار ڇو نہ ٿي ڪري؟ اهو ان ڪري جو هوا ڪاٿو 4 Degree C کان بہ گهٽي ٿڏي آهي. ايتري قدر جو دستانن مان هٿ ڪڍڻ سان برف کان وڌيڪ ٿڌا لڳن ٿا. بلڪ برف هٿ ۾ کڻڻ سان هوا جي مقابلي ۾ گرم لڳندي، ڇو جو برف ڪاٿو چار کان وڌيڪ ٿڏي ٿي نہ ٿي سگهي. پر هوا تہ ڪاٿو ويهہ ڊگرين تائين بہ ٿڏي ٿي سگهي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو ڪيترائي جيت، چچيون، سانڍا، نوريئڙا وغيره سرد هوا کان بچڻ لاءِ برف هيڻان لڪي ويهندا. ڇو جو باهر جي سرد هوا کان پوءِ بہ برف جي سردي گهٽ آهي. اتر ۽ ڏکڻ قطبن ۾ جتي سال جا ڇهہ مهينا رات ۽ سخت سردي ٿئي، اتي تہ گهرن جي ڇؤڙاري برف جون پٽيون ڏئي ڇڏيندا آهن، جيئن گهر باهر جي تيز ٿڌ کان محفوظ رهي.

شام جي وقت ڇؤڙاري ڏسبو تہ بار برف سان راند ڪيڏندا رهندا. برف جي بوري کي هٿ سان ڏبائي ان مان مختلف قسمن جا بت (Snow Man) ناهيندا. هر شيءِ مٿان برف ڪرڻ ڪري اها اڇي ڪير جهڙي نظر اچي ٿي. هتي وڻ تہ گهٽا ئي آهن پر سخت سيءَ ڪري منجهن هڪ پن بہ نظر نٿو اچي. ڪلهيون ٽاريون ئي ٽاريون. انهن مٿان بہ برف وسڻ ڪري مٿيون اڌ اڇو نظر ايندو.

برفباري ٿي ڏينهن هلي ان بعد بند ٿي وئي ۽ موسم صاف ٿيڻ لڳي. جيڪا برف ڪري هئي ان تي هلچل ڪري اها جمي، سنهي بوري مان ڦري سخت پٿر جهڙي ٿي وئي. ڇؤڙاري رستن تي جڻ شيشا وڇائجي ويا. برف جي جڏهن اها حالت ٿيندي آهي تہ پوءِ تڪليف ده ثابت ٿيندي آهي. هلڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. جتي ڪٿي ترڪڻ لڳي ويندي آهي. جيسين موسم بلڪل صاف ٿئي ۽ سج جي

تپش ۾ برف آهستي آهستي سڀ ڳري پاڻي ٿي وهي وڃي. پاڻ وٺ تہ بارش ڪري ڪٽي گپ ۽ چڪڻ ٿيندي آهي تہ ماڻهو ان کان پاسو ڪري سُڪيءَ تان لنگهي ويندو آهي پر هتي ڪيڏانهن وڃي. جتي ڪٽي برف ئي برف. ڪي ڪي دڪانن ۽ گهرن وارا ڪوڏرن ۽ ٽيڪمن سان اڳيان برف جا چاپوڙا ڪوٽي صفائي ڪري ڇڏيندا آهن. جن ڪي ڀنگي ٽرڪن ۾ ڏوئي شهر کان ٻاهر وڃي ڇڏيندا آهن. پر ڪوڏر سان ڪيتري صفائي ٿي سگهندي ۽ ڪيترا ڏينهن ماڻهو ڪري سگهندا. هڪ ڏينهن صفائي ڪر تہ وري ٻئي ڏينهن ٻي برف گڏ ٿيو وڃي. اسان وٺ تہ بارش پوي ٿي تہ ڪلاڪ بن بعد سڀ پاڻي وهيو وڃي. (ڪراچيءَ جي ميڪلورود، حيدرآباد جي گاڏي ڪاتي ۽ هالا جي شاهي بازار جي ٻي ڳالهہ آهي.)

هن شهر ورنا جي وچ ۾ هڪ وڏي بلڊنگ جا بنياد کوٽجي رهيا آهن. روز صبح جو مزور پهرين ڪلاڪ ٻہ تہ انهن بنيادن مان راتوڪي وسيل برف کوٽي ڪڍندا آهن ۽ پوءِ وڌيڪ کوٽائي شروع ڪندا آهن. هڪ همراهہ ڪافي ڏينهن بعد گهر کوليو تہ اڳڻ تي برف جي ٻوري جا چيلهہ تائين ڏڙا لڳي ويا هئا ۽ اڳڻ ۾ رکيل هر شيءِ ان هيٺ ڏڪجي وئي هئي ۽ ڳولڻو ٿي پيو. ذرا سوچيو ساڳي برف ڪيتري نہ تڪليف ده ثابت ٿئي ٿي. جيڪا وسڻ مهل خوبصورت نظارو پيش ڪري ٿي. برفباري جيئن ئي بند ٿي ۽ وسيل برف جمي سخت ٿي تہ شهر ۾ ترڪڻ شروع ٿي وئي. وک وک سنياڻي ڪٽي پئي ٿي. هتي جا تہ ننڍا وڏا ان ترڪڻ مٽان هلڻ جا هوشيار آهن. خبر ناهي تہ ڪيئن پير ڪُپائي، ٽورو اڳيان جهُڪي، تکو تکو هلن ٿا. اسان مان تہ ڪو شايد بچيل هجي جنهن وچ شهر ۾ روز ٿي چار ڌِڪا نہ کاڌا هجن.

پهرين ڏينهن جڏهن کان ترڪڻ شروع ٿي اتفاق سان بچي ويس، پر ان کان پوءِ منهنجو اسڪور سيني کان مٿي رهيو. خاص ڪري شهر جي چاڙهيءَ وارو ڏکو ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس. هلندي هلندي ٻئي پير هوا اڳيان مٿي هليا ويا ۽ سڄو پنيءَ پر وڃي ڦهڪو ڪيو هوم. منهنجا تہ هوش حواس خطا ٿي ويا. چاڙهي تان ڪري هيٺ رفتار سان ترڪندو ويس. پيرن جون ڪڙيون بريڪ هڻڻ لاءِ رستي تي هنيم پر برف اهڙي تہ سخت ٿي ڇڪي هئي جو اندر ڪپن ئي نہ. ههڙي

ڏنڊ ۾ اکيون بند هوندي به تارا نظر اچي ويا. فلمن ۾ ڏسبو آهي ته هڪ گهڙيءَ ۾ ائڪسيڊنٽ ٿيندو آهي ته بي گهڙي ۾ جڏهن همراهه کي هوش ايندو آهي ته اسپتال ۾ هوندو آهي سو مون کي به اکيون کوليندي ڊپ پئي ٿيو ته ڪٿي L.M.C جي آرٿوپيڊڪ وارڊ ۾ ته نه پهچي ويو آهيان. (جنهن وارڊ کي اسان جي جهاز جو ڊاڪٽر 'وادي جي دڪان جي شاخ' سڏيندو هو.) آخر محسوس ڪيم ته ڪو بنهي هٿن سان مون کي ڇڪي رهيو آهي. اکيون کولي پڪ ڪرڻ لڳس ته سرجن انصاري ته نه آهي يا شاهنواز شاهه، اسلم گهلو، شريف ايڊيجو جهڙا پهلوان آرٿوپيڊڪ وارڊ جا هائوس جاب ڪندڙ ته نه بينا آهن، پر ڪير به نه هو ـ بلغاريا جي ورنا شهر جي چمڪندڙ گهٽي ۽ بلغاري ماڻهو ئي هئا. اتارڻ واري ڪلي چيو، "دوبري سوونيئر ڊي بلغاريا" (اها بلغاريا جي بهترين سوڪڙي رهندي.)

اڄ ان کي ڏهه ڏينهن ڪن اچي ٿيا آهن، پر اجا اٿندي ويهندي جڏهن ساڄي ٽنگ جي گوڏي ۾، پنيءَ جي ڪندي ۾ ۽ ساڄي پاسيرين ۾ سور محسوس ڪريان ٿو ته لڳيم ٿو ته گهٽ ۾ گهٽ اجا به مهينو ڪن ته بلغاريا جي اها ياد وساري نه سگهندس ـ اجا ته شڪر آهي جو ڏکي ڪائڻ وقت گرم ڪپڙن جا تهه چڙهيل هئا نه ته اهڙو ڏکو فقط قميص پتلون ۾ اچي ها ته اسپتال جي بستري تي ته هجان ها، پر بئي ٽنگون بانهون ڪٽ پتلين جي ٽنگن بانهن وانگر مٿي رسين ذريعي ٻڌل هجان ها۔ پر مٿيئن کي شايد مون کي رسين بغير هلائڻ منظور هو. هاڻ ته سائين ڪمري ۾ غاليچي مٿان هلندي به ڊپ ٿو ٿئي ته ڪٿي پير نه ترڪي وجي. سو اهي اڻٿئي تازيون خبرون.

هتي جي زبان ڏاڍي ڏکي آهي. پاڻ کي ته صفا سمجهه ۾ نٿي اچي. نڪي پاڻءِ ٿي پوي ۽ نه وري ياد ٿي ٿئي. بلغاري زبان ۾ 'د'، 'گ'، 'غ' ۽ 'ب' جهڙن غير رومانٽڪ ۽ ڪهرن اکرن جو استعمال ڏاڍو آهي. بلغاري زبان کان علاوه ڏارين زبانن ۾ فرينچ ۽ جرمن ٿوري ٿوري ڳالهائي وجي ٿي. رومانيا ۽ بين ملڪن ۾ ته اشارن سان به ڪم هليو ٿي ۽ ماڻهو سمجهي ويا ٿي، پر هتي جي ماڻهن کي بقول اسان جي دوست جي عقل به ٿورو ٿورو گهٽ آهي جو اشارا به نٿا سمجهن. خط ۽ لفافو ڏيکاري پيا پڇون ته پوسٽ آفيس ڪٿي آهي ته به وائڙن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

وانگر الائجي ڇا جو ڇا پيا چون. سنئون سڏو اشاري جو جواب اشاري ۾ نٿا ڏين ته هي رستو يا هو رستو پوسٽ آفيس لاءِ ونو. آخر مس مس هڪ همراهه مليو جنهن کي ٿوري ٿوري انگريزي آئي ٿي. تنهن هڪ ڏڪهو لفظ ٻڌايو ته پوسٽ آفيس کي بلغاري زبان ۾ ان لفظ سان سڏين ٿا ۽ اڳتي وجي ٻي موڙ تان پڇائجو. دوست کي چيم، لفظ ته تمام وڏو آهي. هينئن ڪر جو Post لفظ جي معنيٰ تون ياد ڪر ۽ Office جي آڻ ٿو ڪريان. اڳتي وڌي ٻي رستي جي موڙ وٽ پهتاسين ۽ پڇڻ وارا هئاسين ته دوست چيو ته مونکان ته 'پوسٽ' لفظ جي معنيٰ وسري وئي. صرف 'آفيس' لفظ مان ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته ڪهڙي آفيس جو ٿا پڇايون. ٻن ٽن کان پڇيوسين ته اشارا ڪرڻ لڳا ته ڪهڙي آفيس....؟ (نور احمد نظاماڻيءَ يا حاجي منور علي عباسي جي زمينن جو ڪمدار ڪڙو نه گڏيوسين ته آڇيس پڇڻ تي سڏو تپيدار جي آفيس اڳيان اچي بيهاري ها.)

ورنا (بلغاريا) جو شپ ياردِ تمام مشهور آهي، جنهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا جهاز نهن ٿا. ان کان علاوه هتي ڪيترائي ٽيڪنيڪل ڪاليج آهن ۽ مشينري جا ڪارخانا آهن. روس وانگر هتي جو به بئلي ڊانس مشهور آهي. هتي بلغاريا جي ماڻهن جي هڪ عادت تمام عجيب آهي. اسان وٽ 'هائوڪار' ڪندي ڪنڌ کي هيٺ مٿي ڏوڻيو ويندو آهي ۽ گهٽي پاڳي هر ملڪ ۾ اهو عالمي اشارو آهي، پر هتي 'هائوڪار' ڪندي وقت ڪنڌ کي ساڄي کاٻي ڏوڻين ٿا، جيڪو اشارو اسان وٽ انڪار ڪرڻ وقت استعمال ڪيو وجي ٿو. پهرين ڏينهن باربار پڪ ڪرڻ وقت پڇڻو ٿي پيو ته 'ها' يا 'نه'. چو ته وات سان ته 'ها' پيا چون پر ڪنڌ جي اشاري سان 'نه' پيا ڪن.

ٽيو ڏينهن هتي جي حڪومت طرفان 'سي مين ڪلب' ۾ هڪ خاص ثقافتي ۽ مليل جليل پروگرام منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ فقط دنيا جي Sailors کي مدعو ڪيو ويو. اسان به وياسين. سي الڳ الڳ ملڪن جا ميڙ ناهي وينا رهياسين. رات جو يارهين لڳي تائين مختلف قسمن جا ناچ Floor-Dances ٿيندا رهيا. ان بعد مختلف راندين هليون. ڪلب ۾ اچڻ وقت، جنهن ڪليءَ ۾ مون ڪوٽ ٿي ٽنگيو ان جي پرسان روسي جهاز جا سيلر وينا هئا. مون کي پرسان

ويهڻ لاءِ چيائون. پچيومان، ”يوناني آهيو؟“ (جو ڪين يونانين جهڙيون ڏاڙهيون ۽ لباس هو.) ڪلي وراٽيائون تہ، ”رسڪي“ Russians آهيون ۽ مون ڪان پڇيائون تہ آيا آءٌ گهانا جو آهيان. ٻڌايومانِ تہ پاڪستاني آهيان. پاڪستان جو نالو ٻڌي ٻين ہ ڪن ڪڙا ڪيا ۽ مون ڪان روسي زبان ۾ ڪجهہ پڇڻ لڳا. چيومان تہ انگريزي ئي هلي سگهندي. تنهن تي هڪ ويو ۽ انگريزي ڄاڻندڙ روسيءَ کي ونيِ آيو، جنهن جيڪي مون ڳالهايو تي سو ڪين روسي زبان ۾ ترجمو ڪري ٻڌايو ٿي. ڪيترو وقت ڳالهيون ڪندا رهياسين. اهي عام ڳالهيون جي هڪ جهاز وارا ٻئي جهاز وارن کي ملندا آهن تہ ڪندا آهن: جهاز ڪڏهن هتي آيو، ڪيترن ڏينهن لاءِ هتي آهيو، ڇا رفتار اٿس، ڪهڙي انجڻ اٿس، ڪهڙن ملڪن مان پيا اچو وغيره. ها، انڊو پاڪ جي سيپٽمبر واري جنگ بابت پڇيائون تہ تاشقند معاهدي بعد وري جنگ تہ نہ ٿي آهي. وغيره وغيره. اسان ڳالهين ۾ ايترو تہ محو ٿي وياسين جو اسان جي ميڙ مان هڪ ہ ڊانس يا راندين ۾ حصو ونڻ لاءِ نہ اٿيو.

اسان هر نئين ملڪ ۾ اچڻ لاءِ ہ تڪڙا هوندا آهيون تہ وڃڻ لاءِ پڻ. ڪو هفتو مس گذرندو آهي تہ هر هڪ ٽڪجي پوندو آهي ۽ اهو ملڪ ڇڏي ٻئي ملڪ پهچڻ لاءِ واجهائيندو آهي تہ ان ڏي جلدي هلجي. ڪالهہ جڏهن ڪنهن ٻئي گهمڻ لاءِ سات نہ ڏنو تہ اڪيلو نڪري پيس ۽ اهو ارادو ڪيم تہ هتي جي چپائي ۽ ڪتابن جي سلسلي ۾ لئبريري يا دڪان گهمي ڏسجن. پنهنجي ملڪ ۾ ڪن ڪن ادارن ۽ اشاعت گهرن اڄڪلهہ ڪتابن جي باهرين سونهن ڏي ہ چگو ڏيان ڏنو آهي. ڪتاب جو باهريون ڏيک، عمدو ڪاغذ، سهڻي ۽ صاف چپائي ڪتاب جو شان وڌائي ٿي.

اڄڪلهہ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ٿيندڙ ادبي نمائشن ۾ اسان جي ملڪ جا ڪتاب پڻ رکيا وڃن ٿا. هتي جي هڪ وڏي دڪان تي چڙهي پيس. چؤڌاري فقط بلغاري زبان ۾ لکيل ڪتاب رکيا هئا، جن ڏي اشارو ڪري سيلز گرل ٻڌايو تہ فقط هي آهن. آءٌ ڪتاب ڏسي رهيو هوس ۽ پيا آيل گراهڪ ۽ دڪاندار مون کي ڏسي سُسُ پُسُ ڪري رهيا هئا. سمجهي ويس تہ هي معلوم ڪرڻ چاهين ٿا تہ آءٌ ڪهڙي ملڪ سان تعلق رکان ٿو، پر آءٌ جاڻي ٻُجهي، نڪ جو پڪو ٿي ماڻ ۾

کتاب ڏسڻ لڳس. انگريزي کتابن جي پرسان هڪ کتاب رکيو هو جنهنجو انگريزي لکت ۾ نالو نظام حڪمت (Nizam-Hikmat) لکيل هو. کتاب جو نالو ونڊي دڪاندار کي ڏيکارڻ لاءِ چيم. نالو ٻڌي سڀ وائڙا ٿي ويا ته ترکي کتاب سان منهنجو کهڙو واسطو. دڪاندار کتاب ڏئي چيو: "انگريزي نه پر ترکي آهي." (اڇکلهه ترکي رسم الخط عربي انداز مان ڦيرائي انگريزي ۾ ڪئي اٿن. سو اهو کتاب ترکي زبان جو هو پر لکت رومن هئي.) هڪ همراهه پنهنجي عمر جو ڏٺم ته ڳالهائڻ لاءِ بيچين هو، تنهن آخر مون کان پڇيو ته آءٌ استنبول (ترکي) کان ته نه آيو آهيان. پاڻ ٿڌل ڦٽل بلغاري ۽ انگريزي زبان ۾ ٻڌايائين: "مسلمان آهيان. نالو عبدالقادر سليمان اٿم." پاڻ جيڪي کتاب خريد ڪيا هئائين انهن جي نالن جا ڪجهه لفظ 'طب'، 'حڪمت'، 'ابوسينا' پڙهي اندازو لڳايم ته پڪ ميڊيڪل استوڊنٽ آهي، پر پوءِ معلوم ٿيو ته ڊاڪٽر ٿي چڪو آهي ۽ ورنا ميڊيڪل ڪاليج جو گريجوئيٽ آهي. خوشي ته مون کي به ساڻس ملي ٿي، پر ڪيس هيڪاندي ٿي. مونکي اصل نه ڇڏي. زبردستي هوٽل تي وٺي هلي ڪافي پياريائين. هڪ ٻئي کان ائڊريسون ورتيونسين ته خط لکنداسين. زور ڪيائين ته سندس گهر، پر واري ڳوٺ ۾ هلان. آخر سمجهايومانس ته اسان جو جهاز سياٽي استنبول (ترکي) لاءِ لنگر کڻي رهيو آهي. دير ٿي ويندي. آخر وعدو ڪيومانس ته ٻئي دفعي جڏهن به بلغاريا آيس ته تو وٽ ضرور مهمان ٿي اچي رهندس.

سندس هر ادا ۾ اها ئي سادگي ۽ نئڙت هئي جا اسان جي ڳوناڻن ۾ هوندي آهي. ڪيس بن ٽن گهرن ۾ مريض ڏسڻا هئا، مون کي ساڻ وٺي هليو. آخري گهر جي سامهون سئنيما هئي جنهن ۾ انگريزي فلم 'ڪلوپيٽرا' هئي پر بلغاري زبان ۾ ڊب ٿيل هئي. چيائين ته هل ته فلم ڏسون. چيومانس ته اها فلم ڪيترائي دفعا ڏٺل آهي، اجايو بور ٿيندا سين. هتي ڪا ويجهي مسجد هجي ته اها ڏيکار. دراصل مون هتي جي مسجدن جي Architect (عمارت سازيءَ جو ڪم) ڏسڻ چاهيو ٿي ۽ ان سان گڏو گڏ هتي جي ماڻهن جو مذهب ڏي لاڙو پڻ. منهنجي دوست پهريائين ته ٿورو ٽٽايو ۽ اندازو لڳايم ته ڪن سببن ڪري مون کي نٿو ڏيکارڻ چاهي. آخر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

فرلانگ اڌ پنڌ هلي ٻڌايائين تہ، هي علائقو مسلمانن جو آهي، پر هتي ڪا اهڙي ڏسڻ جهڙي مسجد ناهي. پر منهنجي ضد کي قائم ڏسي اڳتي هلڻ لڳو.

”بلغاريا ۾ ترڪن جي ڪافي عرصو حڪومت رهي آهي ۽ مسلمانن جو اڌ ۽ ڏيڍو ڏسڻ وٽان هو، پر هاڻي اهو اڌ ۽ ڏيڍو ختم ٿي چڪو آهي. مسلمان تہ اجا بہ اسان سڏايون ٿي.“ پاڻ ٻڌائڻ لڳو، ”پر اڄ اهو مسلمانيءَ وارو جذبو نہ رهيو آهي. هر هڪ مادیت ڈانهن ڇڪبو وڃي، روحانيت ختم ٿيندي وڃي. اسان مذهب کان ڪناره ڪشي اختيار ڪري پنهنجي دل جو سڪون وڃائي وينا آهيون. اڪيلا ۽ ويڳاٽا ٻڌجي چڪا آهيون. سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڇا ڪري رهيا آهيون، ڪيڈانهن وڃي رهيا آهيون. هر هڪ جون راهون جدا جدا ٿي ڇڪيون آهن.....“

آڏ چپ چاپ ٻڌندو ساڻس قدم ملائي رهيو هوس. موسم جي اوچتو تبديليءَ جي ڪري برف ڪجهہ حد تائين ڳري رهي هئي ۽ بلغاريا شهر جي گهٽين جي پڪين سرن جو فرش صاف نظر اچي رهيو هو. سامهون مسجد جو ڊگهو منارو ڏسي سمجهي ويس تہ پڪ اها مسجد آهي. سمهڻي نماز جو وقت هو. مسجد مان جهيڻي روشني اچي رهي هئي. در بند هو. ڪڙڪايوسين تہ هڪ عورت ٻار سان ڳڏ در کوليو، مون جتي لاتي ٿي تہ مون کي لاهڻ کان منع ڪيائين. ڊاڪٽر ٻڌايو تہ هن مسجد ۾ نماز ڪانہ ٿئي ۽ هي ماڻهو گهر ناهي وينا آهن. مون کي اعتبار ئي نٿي آيو. ٿورو اڳتي وڌي ڏٺو تہ مسجد جي اڳڻ ۾ ڪپڙا سڪي رهيا هئا. رڌ پچاءَ جو سامان بي ترتيبي سان پکڙيو پيو هو. اهو ڏسي حيرت ۽ افسوس ٿيو. عبدالقادر ڪجهہ چئي رهيو هو پر منهنجي سمجهہ ۾ ڪجهہ نہ پئي آيو. سامهون ڪاٺ جي فريم ۾ وڏي آرسي ٽنگيل هئي جا ٻن هنڌن تان ٻڳل هئي ۽ انهن جڳهين جي بي ڊولائي لڪائڻ لاءِ بہ ڪارڊ لڳل هئا. هڪ تي ڪنهن ٻار جي تصوير هئي ۽ ٻئي تي قرآن مجيد جي آيت پٽيان ترڪن جي حڪومت جو سن ۽ ڇپائڻ واري جي عربي يا فارسي ۾ هن ريت ائڊريس : ’دين اسلام مدافعلري جميعتي نشرياتندن ـ 3 صوفيہ بلغارستان‘ لکيل هئي.

”اهو ۽ ڪو زمانو هوندو هو“ عبدالقادر وري آهستي آهستي ٻڌائڻ لڳو، ”جڏهن مسلمان ههڙي اعليٰ ۽ مضبوط مسجد بنائي. هن جي ڪشادي اگڻ ۾ صفون ناهي نمازون ادا ڪيون هونديون. پر اڄُ هتي جون حالتون غير ٻڌجي چڪيون آهن. اها ترڪبازي ختم ٿي چڪي آهي. اڄ اسان ڪجهه ۽ نه رهيا آهيون. مسلمانن جي دلين مان اهو عالمگيري ايمان ۽ شان حجازي نڪري چڪو آهي.“

مون الائي ڇا ڪجهه چوڻ چاهيو ٿي، پر زبان مسئلو ٻڌجي پئي. عورت کي انگريزيءَ ۾ ٻڌايم ته هيءَ قرآن مجيد جي آيت آهي ۽ ان جي ائين بيحرمتي ٿي رهي آهي. پر هوءَ ڪجهه ۽ سمجهي نه سگهي. هن اهو ڪارڊ ڪڍي مون کي ڏنو. ڊاڪٽر مون کي ڪافي دير خاموش ڏسي چوڻ لڳو: ”مون ته توکي پهرين ٻڌايو ته اڇڪلهه هي حال اسان جو ٿي چڪو آهي. اسان جي ننڍي ٽهي ته شايد اهو ۽ نه ٻڌائي سگهي ته هو مسلمانن جو اولاد آهن.“

خبر ناهي ڪيئن ڏيڍ ميل جو رستو ختم ٿي ويو ۽ بندرگاهه جي پرسان اچي نڪتاسين. بندرگاهه وٽ جا مسجد آهي ان ۾ هلڻ لاءِ ڊاڪٽر ۽ رستي تي مليل سندس دوست مصطفيٰ زور ڪيو ته ان ۾ نماز ٿيندي آهي. اندر آياسين مسجد سهڻي ۽ صاف ستري ڏسي دل خوش ٿي وئي. مسجد جي امام جو نالو ۽ مصطفيٰ هو، تنهن ٻڌايو ته جمعي نماز پوري ٻارهين وڳي ٿيندي آهي.

اڄ جمعو آهي ٿوري ئي دير اڳ جهاز جا ڪيترائي ماڻهو جمعي نماز ان مسجد ۾ پڙهي آيا آهيون. هن شهر ورنا جا ۽ ڪافي مسلمان هئا، پر گهٽو ڪري سڀُ پوڙها هئا. جوان ڪو ورلي هو. هڪبئي سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. اسان اڄ ٿوري دير بعد استنبول (ترڪي) ڏي وڃي رهيا آهيون، جتان پوءِ ادارڪٽڪ سمنڊ لتاڙي وري يوگوسلاويا وينداسين.

والسلام

ادارڪتڪ سمنڊ

پهرين سين ۾ هي فقير پُر تقصير معافي گهرندو جو تنهنجي ڪيترن خطن ملڻ جي باوجود استنبول (ترڪي) ۽ رائيڪا (يوگوسلاويا) مان خط نه لکي سگهيو آهيان. ان جي عيوض هينئر سمنڊ تان لکان ٿو. ورنا (بلغاريا) بعد اسان استنبول (ترڪي) آياسين. جتي ڪجهه ڏينهن ترسڻ بعد يوگوسلايا جي بئي بندرگاهه رائيڪا ۾ آياسين ۽ هاڻ رائيڪا کي خيرآباد چئي وري لبنان وڃي رهيا آهيون. رائيڪا جو بندرگاهه اتلي جي ٽرسٽي بندرگاهه کان پنجاهه ست ميل اوپر ۾ ٽيندو. اتليءَ جي ڏکڻ ۾ بحر روم آهي ۽ اتر ۾ هي ادارڪتڪ سمنڊ ۾ هلي رهيو آهي. سياڻي شام ڏاري هي سمنڊ ختم ڪري بحر روم ۾ داخل ٽيندا سين. رائڪا ۽ استنبول ۾ ايترو ته مشغول هوس جو خط لکڻ جي فرصت ئي نه ملي. هينئر هن وقت پنهنجي ڪئبن جي دريءَ اڳيان ويهي هي خط لکي رهيو آهيان. سمنڊ ۾ ڪافي جوش آهي. جهاز يورپ جي نائيٽ ڪلب جي رندِيءَ وانگر نچي رهيو آهي. شروعات ۾ ٿورو ئي جهاز لڏندو هو ته مون کي به ڦيري ٽيندي هئي. الٽيون ايندڙون هيون. دل ڪچي ٽيندي هئي يا بقول بشير وسطڙي جي: خراب موسم ۾ Sailor جي حالت چوٽين مهيني پيٽ واري عورت جهڙي هوندي آهي. پرهاڻ ڪافي وقت سمنڊ تي رهڻ ڪري عادت ٿي وئي آهي ۽ گهٽو ڪري سي سڪنيس (Sea Sickness) گهٽ ٿئي ٿي يا گهٽ ۾ گهٽ ان کي نه محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. نه ته هن وقت جهاز جي اها حالت آهي جو نئين ماڻهوءَ لاءِ هڪ منٽ به مصيبت ٿي پوي.

هتي جي ۽ پاڪستان جي وقت ۾ ڇڻ ڪلاڪن جو فرق آهي. توهان وٽ هن وقت شام جا ست ٽيا هوندا ۽ هتي اجا ٽي ٽيا آهن. هتي منهنجي ريڊيو تي ڊاڪا، سلون ۽ ٻيون ڏوراهيون ريڊيو اسٽيشنون به چٽيون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. ريڊيو سلون تان هن وقت لتا ڳائي رهي آهي..... 'ڪير به ناهي، پوءِ به آهي - نه ڄاڻي ڪنهن جو انتظار - ڪنهن جو انتظار.....'

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

يار لتا جو آواز تہ نہ آهي، پر عجوبو آهي. جنهن بہ لتا کي ناهيو آهي چا ڪمال جي شيءِ ناهي آهي. نلهي گوشت پوست ۽ متيءَ مان اهڙي شيءِ ناهڻ تہ ڏاڍي مشڪل آهي. آمريڪا ۽ روس جا حال تہ ڏس، هر پندرهين ڏينهن چند تي راڪيٽ موڪلڻ جي هام هڻن ٿا پر هڪ لتا تہ جيڪر ناهي ڏيکارين. هڪ مصر جي ام ڪلثوم تہ جوڙي ڏيکارين. هڪ ربينا تہ بڻائي ڏيکارين ۔ جيڪا ڳائي ٻڌائي تہ، 'جنهن کي ڳاڙهو لڪ هٿ ۾.....' (يا شايد سائو لڪ هٿ ۾،) يا هڪ زليخا ۽ خديجا تہ ناهي ڏيکارين جا ڳائي ٻڌائي: "ادل منهنجو آهي، اديون، چوڏهينءَ جو چنڊُ. الا بنو منهنجو آهي....." ۔ تہ مجون. ڪير ٿو چوي تہ آواز هڪ نعمت ناهي، ڪير ٿو چوي تہ آواز ۾ اثر ناهي. ڪير ٿو چوي تہ راءِ ڏياڻ، ٻيجل کي راڳ خاطر سرُ نہ ڏنو.

جاجڪ جهونا ڳڙهه ۾، ڪو عطائي آيو،
تنهن ڪامل ڪدي ڪينَرو، ويهي وڃايو،
شهر سڄو ئي سر سين تنڌن تپايو،
دايون درماندیون ٿيون، پاين پاڏايو،
چارڻ ٿي چايو، تہ ماري آهي مڱڻو.

شاهه

خير سائين، اچون پنهنجين خبرن تي. رائيڪا ۾ ڏاڍو سنو وقت گذريو. رائيڪا ۾ چٽگانگ جهڙي مئرين اڪيڈمي آهي جا دنيا جي مشهور ۽ وڏين اڪيڈمين مان آهي. پنهنجي ملڪ جا ٻڻ ڪجهه شاگرد ٻن ٽن سالن لاءِ هتي 'مئرين انجنيئرنگ' ۽ 'نيويگيشن' جي تعليم لاءِ آيا هئا، پر هاڻ اها اسڪالرشپ تازو بند ڪئي وئي آهي. چٽگانگ مئرين اڪيڈمي ۾ جڏهن آڻُ هوس تہ منهنجو هڪ ڪلاس ميٽ شهاب الدين، اها چڏي هتي آيو هو. سندس پچا ڪرايم تہ معلوم ٿيو تہ تازو هو بہ جهاز تي انجنيئر جي حيثيت ۾ هليو ويو آهي ۽ اڃڪلهه سعودي عرب ۾ سندس جهاز ويل آهي. ٻيا چار پنج شاگرد مليا جي آخري

سال ۾ آهن، تن ٻڌايو ته حيدرآباد جو هڪ سنڌي انور علي ميمڻ پڻ زير تعليم هو جو پڻ تازو تعليم ختم ڪري جهاز تي هليو ويو آهي. ڏاڍو افسوس ٿيو جو ساڻس ملاقات نه ٿي سگهي. وڏي رهائي وارو مڙس ٿو سڏجي. رائيڪا ۾ بن ٽن فئملين سان ملاقات ٿي جي انور کي سجاڻين. ڏاڍيون تعريفون ٿي ڪيائونس. هڪ پوڙهي ته ٻُڪ ڪٽي يوگوسلاوين زبان ۾ منهنجي اڳيان دعائون ڏيڻ شروع ڪري ڏنائين ته اسان کيس پنهنجن ٻچن وانگر سمجهون ٿا، ۽ هو به اسان جي عزت ڪندو هو. اهي سڀ مسلمان فئمليون هيون. ان کان علاوه پاڪستاني شاگرد به انور کي ڏاڍو ياد ڪري رهيا هئا ته ڪچهريءَ جو ڪوڏيو آهي. سندس رائيڪا ۾ گذاريل چند سال، ساڻن گڏ کيل چرچا گهٻا ۽ سندس مخصوص سنڌي لهجو، هنن لاءِ باعث يادگيري آهي.

يوگوسلاويا ۾ پڻ مئرين انجنيئرنگ جو پنجن سالن جو ڪورس آهي. پر تعليم انگريزي بدران يوگوسلاوين زبان ۾ ڏني وجي ٿي، جا پهرين، سال اڌ لاءِ الڳ سکڻي پوي ٿي. (انور جي برانچ انجنيئرنگ نه پر نيويگيشن آهي جنهن جو ڪورس ڇهٽ سالن جو آهي.) رائڪا جي هن اڪيڊمي ۾ ڪل ٻاويهن ملڪن جا شاگرد تعليم ونڊي رهيا آهن. يوگوسلاويا جا جهاز راني ۽ جهاز سازي ۾ چند سالن اندر ترقي ڪئي آهي سا قابل داد آهي. 1945ع ۾ آزادي وقت يوگوسلاويا ۾ ڪجهه به نه هو. ٻي جنگ عظيم ۾ سڀ ڪجهه ناس ٿي ويو هو. بمن جي تباهه ڪاري جا نشان اڃا تائين موجود آهن. اڃا تائين ڊنل بلڊنگون ان ئي حالت ۾ آهن. يوگوسلاويا جي بلڪل ڪمزور ترين حالت هئي، پر هتي جي ماڻهن کي شاباش هجي جو ايتري ٿوري عرصي اندر وري پنهنجيءَ وارا ٿي ويا آهن. بلڪ اڳي کان اڳرا. هينئر يوگوسلاويا وٽ ڪنهن به شيءِ جي ڪوٽ ناهي. ان ترقي جو سهرو هتي جي اڳواڻن ۽ رهنمائن تي پڻ آهي. هيترن ملڪن ۾ مون فقط ٻه ملڪ اهڙا ڏٺا آهن جن جو ٻچو ٻچو پنهنجي ليڊر جي سچي دل سان عزت ڪري ٿو. هڪ چين جو 'مائوزي تنگ' ۽ ٻيو هتي جو 'مارشل ٽيٽو'. عزت ڇا پر ماڻهو پوڄيندا اٿس. ننڍي ٻار کان به پڇبو تو توکي ڪنهن ڪنهن سان پيار آهي ته چوندو "ماما (ماءُ)، تاتا (پيءُ) ۽ مارشل ٽيٽو." هتي جا ماڻهو گارين ۾ پنهنجي ماءُ ٻيٽ کي به نه

بخشيندا پر مارشل ٽيٽو جو هميشہ عزت سان نالو ونندا. مارشل ٽيٽو لاءِ ڏنو اٿم تہ سندس ملڪ جا ماڻهو تہ ڇا پر ٻاهرين ملڪن جا ماڻهو بہ گڻ ڳائين ٿا تہ هن کي پنهنجي ملڪ سان ڪيڏو نہ پيار آهي ۽ هن ملڪ لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو آهي.

رائيڪا ۾ رهندڙ پاڪستاني شاگرد: ضيا، مصطفيٰ، صديقي ۽ ٻيا اسان وٽ روز جهاز تي گهمڻ ايندا هئا ۽ اسان بہ هنن وٽ ويندا هئاسين. هنن اسان کي هي شهر خوب گهمايو ڦيرايو ۽ ڏيکاريو، نہ تہ هتي جي زبان اهڙي ڏکي آهي جو صفا ياد نٿي ٿئي. جپاني ۽ بنگالي زبانن جي هڪ ڳالهہ مونکي وڻي ٿي جو ڏاڍيون Soft ۽ Sober آهن. توهان کي ڪابہ گار انهن ٻولين ۾ نہ ملندي. بنگالي زبان ۾ تہ جيڪي هڪ ٻہ گاريون آهن سي بہ ٻين زبانن جون آهن، نہ تہ بنگالي زبان ۾ وڏي ۾ وڏي گار، 'اڻ سڌريل' آهي. باقي هنن يوگوسلاوين زبان جي ڇا ڳالهہ ڪجي. هر ٻيو جملو گار. وڌهن تڏهن تہ گاريون ڏين، پر ڪل خوشيءَ وقت بہ گاريون ڏين. ڪيڪار بہ گارين سان ڪن تہ پيار جو اظهار بہ گارين سان. گاريون بہ ڪچيون ڪچيون ست سُريون. مرد تہ ڇهيو پر عورتون بہ وڏي مزي سان گاريون ڏين.

هتي بہ مسلمان ڪافي رهن ٿا. رائيڪا جي پرسان هڪ ڳوٺ تہ سڄو مسلمانن جو آهي. هتي رهندڙ چوڪرن ٻڌايو تہ هتي جا ڪي مسلمان تہ ڇهڙي ماحول ۾ رهي بہ پنهنجو مذهب Practice ڪن ٿا. هتي رهندڙ پاڪستاني شاگرد ٻڌايو تہ رمضان ۾ باقاعده تراويح نماز ٿئي ٿي ۽ سحريءَ لاءِ اٿاريو وجي ٿو. پر هڪ ڳالهہ ڏاڍي ڏکوئيندڙ آهي، جو هتي مسلمانن کي گهٽ نظر سان ڏنو وجي ٿو ۽ حڪومت بہ اهي سهولتون نٿي ڏئي، جي ٻين کي ڏئي ٿي. هتي جا مسلمان ٻين جي مقابلي ۾ غريب آهن. هتي هڪ فئملي سان ملاقات ٿي (جي انور ميمڻ سجاڻين ۽ کين جڏهن معلوم ٿيو تہ آءٌ بہ اتان جو آهيان جتان جو انور آهي تہ هنن کي ملڻ جو ڏاڍو خيال ٿيو ۽ مون کي پاڻ وٽ گهرايائون) ڳالهيون ڪندي انهن کان اهو معلوم ڪري افسوس ٿيو تہ شهر ۾ جيڪي بہ فقير، پالش وارا ۽ ٻيا اهڙا گهٽ ڏنڊا ڪرڻ وارا آهن، اهي سڀ مسلمان آهن. شهر ۾ پهرين ڏينهن بہ ڏهہ ڪن سالن جا بہ ٻار پنندي نظر آيا. ٿورا سانوري رنگ جا هئا. مون سمجهيو

ڏکڻ ايشيا جي ڪنهن ملڪ جا آهن. پڇيومان ته ڪير آهيو....؟ نڪ پڪ چوڻ لڳا: ”مسلمان آهيون.“

ڪيس ۾ هٿ وجهي ڪجهه دينار ٻاهر ڪڍي ٻنهي کي ڏنم. مون کي خبر ناهي ڇو اهو احساس وڪوڙي ويو ته مون هڪ ثواب جو نه پر گناهه جو ڪم ڪيو آهي. مون هنن کي اهي چند دينار ڏئي وڌيڪ تباهه ٿيڻ ۾ مدد ڪئي آهي، هنن کي پنڻ لاءِ همٿايو آهي. ٻن تندرست انسانن کي محنت مزوري ڪري ڪمائڻ بدران مفت ۾ آسانيءَ سان پئسو هٿ ڪري پيٽ پرڻ جو چشڪو ڏنو آهي ۽ سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ههڙي ترقي يافته ۽ امير ملڪ هوندي به ڪا اهڙي انجمن، اهڙِي ڪا خدمتگار سوسائٽي نه آهي جو پنهنجي ئي ملڪ جي ٻارن ۽ نوجوانن کي پنڻ کان هٽائي ڪو باعزت ڏنڏو مهيا ڪري.

يوگوسلاويا، بلغاريا، اسپين ۽ ٻين ملڪن جي مسلمانن جي حالت ۽ اتي جي حڪومتن جو عوام سان ورتاءُ ڏسي هڪ ڳالهه لاءِ اعتراف ڪرڻو پوي ٿو ته اسان پاڪستان الڳ وڃي سڏو ڪيو. هاڻ اسان آزاد آهيون، هر لحاظ کان ـ جسماني ۽ ذهني طرح. لکي لکي مسجدن ۾ نمازون نٽيون پڙهڻيون پون. ڏڃي ڏڃي اهو نٽو ٻڌائڻو پوي ته مسلمان آهيون، متان نوڪري کان هٿ ڏوئڻا پون.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

لاس پاماس (ڪَناري ٻيٽ)

ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾، اتر آفريڪا جي ڪابي پاسي، پنجن ڇهن ٻيٽن جو هڪ جهڳٽو آهي، جي ڪَناري ٻيٽ (Canary Islands) سڏائن ٿا ۽ اسپين جي حڪومت هيٺ آهن. لاس پاماس انهن سيني ٻيٽن مان مکيہ ۽ خوبصورت آهي. اڇڪلهہ اسان اتي آهيون ۽ هي خط اتان لکي رهيو آهيان. اسان بيروت (لبنان) کان ڪل ستاويهہ سؤ ميلن جو فاصلو طي ڪري سڄو بحيره روم (Mediterranean) لتاڙي، هتي چوٽون پنجون ڏينهن پهتا آهيون.

هتي جون خبرون تہ ڪوڙ آهن، ڪهڙيون لکي ڪهڙيون لکجن. بس اهي ئي رب جا لکين احسان آهن، جو اجا زنده آهيون، نہ تہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ پاڻ جهڙو حسن جو پوجاري ههڙن خوبصورت هنڌن تي ڪيئن پيو جيئي. روز قتل ٿيندا آهيون، روز جنم ونندا آهيون. ذرا سوچ هي (لاس پاماس) اها جڳهہ آهي جتي پئرس، لنڊن، نيويارڪ ۽ جپان جهڙن هنڌن کان ٻہ ماڻهو گهمڻ خاطر اچن ٿا. سڄي دنيا جا سياح ۽ شوقين نظر ايندا. ٻارهوئي هتي ميلو لڳو پيو آهي. ادا، ذرا تحقيق ڪرائجانءِ ڪٽي مومل جي ڪاڪ هتي تہ نہ آهي ـ؟

هي ٻيٽ هر لحاظ کان خوبصورت آهي. ٻيٽ ناهي پر جنت جو ٽڪرو جڙ تہ زمين تي لاٿل آهي. ڇا صفائي (ڪيسي پاڪيٽ جي نہ) ڇا سونهن ۽ حسن، هر شيءِ (ويندي رستن تائين) آرسيءَ وانگر چمڪندي رهي ٿي. سڄو ٻيٽ گلن ۽ خوبصورت ٻوٽن سان ڇانئيو پيو آهي. چؤطرف نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گهمندیون نظر اچن ٿيون. پوڙها تہ شايد ٿين ئي ڪونہ يا تہ اهي ٻہ ضرور جوان دل رکندا هوندا.

هتي هر قسم جي لباس ۾ ماڻهو نظر اچن ٿا. پتلون قميص ۾، نڪر بوشرٽ ۾، سئمنگ ڪاسٽيوم ۾ (جو ٻيٽ جي چؤگرد سمنڊ جو ڪنارو آهي. توهان ڪنهن ٻہ طرف وڃو تہ ڪناري کان پري ٿي نہ ٿا سگهو)، مني اسڪرٽن ۾، ساڙهي ۽ فراڪن ۾، ڪنهن ٻہ قسم جي ڪابہ جهل پل نہ آهي. سماجي آزادي حد کان وڌيڪ آهي. هتي دنيا جي هر شيءِ ملي ٿي ۽ هن ٻيٽ کي دنيا جو وڏي ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

وڏو شاپنگ سينٽر سڏيو وڃي ٿو. هتي هر شيءِ بنا ٽئڪس (Duty Free) هجڻ ڪري سستي ملي ٿي. هي ٻيٽ اهڙي هنڌ تي آهي، جتان هر جهاز يورپ، آمريڪا، آفريڪا يا ايشيا جي ملڪن ڏي ويندي ضرور لنگهي ٿو ۽ خاص ڪري جهاز جي هلڻ لاءِ تيل ۽ مسافرن ۽ عملي لاءِ يڪي مسافريءَ جو راشن پاڻي وٺي ٿو. هتي هر ميوو ۽ پاڄي تمام سٺي ۽ گهٽي انداز ۾ نظر اچي ٿي جيڪا گهٽو ڪري ويجهڙائي وارن ملڪن جهڙوڪ: موراڪو، اسپين، پورچوگال کان اچي ٿي. هتي جا دڪان دنيا جي سڀني شين ۽ تحفن سان جهنجهيا پيا آهن. ڪيترائي وڏا دڪان سنڈي هندن جا پڻ آهن، جي ورهاڱي کان ٻه گهٽو اڳ سنڌ مان واپار جي خيال کان لڏي هتي اچي رهيا هئا ۽ هاڻي هتي جا شهري سڏائين ٿا. هو هتي جي اصلي اسپيني باشندن سان غمي خوشيءَ ۾ گڏ وقت گذارين ٿا. اسپيني چوڪريون هنن کي ڏسي چاهه مان ساڙهي ۽ شلوار پائڻ لڳيون آهن ۽ ساڳئي وقت اسان جون ايشين ـ خاص ڪري هندو سنڈي چوڪريون ٻه مني اسڪرٽن ۽ چڊين ۾ نظر اچن ٿيون. هتي جا مرد ۽ عورتون حليم طبع، نازڪ ۽ خوبصورت آهن، جنهن جو وڏو سبب هتي جي آبهوا آهي.

هتي سياحن ۽ مسافرن جي عزت ۽ آڏرياءُ حد درجي جو ڪيو وڃي ٿو. ذرا سوچيو، هڪ ننڍڙو ٻيٽ آهي، جنهن جي ڇوڏاري سوَن هزارن ميلن ۾ پاڻي ئي پاڻي آهي (نقشي ۾ ڏسندا) اتي ڪو ڏاريون ڪهي اچي ته هنن لاءِ ٻه باعث خوشي آهي. خاص ڪري دنيان جا وڏا واپاري، امير، ائڪٽر، ۽ ائڪٽريسون، نوان شادي شده جوڙا موڪلون ۽ هني مون ملهائڻ يا تفريح ۽ آرام لاءِ ڪٽان ڪٽان ڪَهي هتي اچن ٿا (۽ ڪجهه اسان جهڙا غريب سياح ۽ جهازي پڻ.) هن ٻيٽ جي ڪمائي ۽ گذران ٻاهران آيلن جي ڪري آهي. جيڪڏهن ٻاهرين کي اچڻ نه ڏنو وڃي ته هتي جي سڄي ڪمائي بند ٿي وڃي، سڄو واپار وڙو بيهي وڃي. ٽئڪس نه هجڻ ڪري آمريڪا، انگلنڈ ۽ جپان جون شيون ٻه هتي اتان کان سستيون ملن ٿيون. هتي جي حسن، سونهن، رونق، صفائي ۽ آزاديءَ جو چا ذڪر ڪجي. خواب کان وڌيڪ هيءَ حقيقت خوبصورت آهي. سمجهه ۾ نٿو اچي ڪهڙي ريت هتي جو نقشو چٽيان جيئن تون صحيح اندازو لڳائي سگهين.

اسان جهاز لاءِ تيل ونڊ هتي آيا آهيون، جو هاڻ اسان کي تمام ڊگهو سفر (اٽڪل مهيني کن جو) ڪرڻو آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ هزار ٽن تيل کپي. هتي ٻين شين سان گڏ تيل به سستو ملي ٿو. بندرگاهه ۾ جهازن جي گهٽي رش جي ڪري اجا اسان کي اندر اچڻ لاءِ جاءِ نه ملي آهي، سو اسان جهاز کي بندرگاهه کان پري وچ سمنڊ ۾ لنگر ڪيرائي بيهاري چڏيو آهي. آڏ اندران شهر مان ٽي آيو آهيان، سو هن ريت. ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجو بلغاريا ۾ حادثو ٿي پيو هو. لبنان ۾ علاج ڪرائڻ بعد هاڻ نيڪ آهيان. پر تصديق خاطر ايڪسري فوٽو وغيره لاءِ ويو هوس. جهاز جي عملي جو هر ماڻهو آفيس طرفان 'انشور' ٿيل آهي ۽ علاج پنيان انشورنس ڪمپني خرچ ڏئي ٿي. سو هتي جي آفيس جي ايجنٽ سان لانچ ۾ چڙهي شهر ويو هوس. هتي هڪ اسپتال فقط جهاز جي ماڻهن لاءِ آهي. اتي وڃي هليو. هلڻ کان اڳ مون سوچيو ته هڪ عام اسپتال ڪهڙي هوندي. پر ان پنج ماڙ اسپتال جو نظام، صفائي ۽ هر ضرورت جي شيءِ جي موجودگي ڏسي آڏ دنگ رهجي ويس. هڪ هڪ ڪمرو صاف ستڙو ۽ ايئرڪنڊيشنڊ. هيترن مريضن هوندي به اجا اڏ کن وڌيڪ خالي بسترا هئا. بقول ڊاڪٽر جي: "هتي ته مريضن لاءِ سڪندا آهيون ته ڪو اچي."

ظاهر آهي ته ههڙي صفائي واري شهر ۽ پُرفضا ماحول ۾ بيماري ڪٿان اچي.

"اسان اسپتالن ۾ دوائن کان وڌيڪ پئسو شهر جي صفائيءَ تي خرچ ڪندا آهيون، جو گندگي ئي بيماري کي جنم ڏئي ٿي." ڊاڪٽر وڌيڪ ٻڌايو.

هتي زبان اسپيني ڳالهائي وجي ٿي. منهنجو ڊاڪٽر به اندلس جو اسپيني هو. جهازن جي مريضن جون زبانون، سمجهڻ ۽ ترجمو ڪري هڪيئي کي ٻڌائڻ لاءِ اسپيني 'انٽرپريٽر' چوڪريون مقرر آهن. ڊاڪٽر جي هر ڳالهه هڪ مترجم اسپيني چوڪري مون کي ٻڌائيندي رهي. ڪلاڪ اندر فوٽو ايڪسري ۽ گهربل تپاس وٺي رپورٽ ڏنائون ۽ جن دوائن جي ضرورت هئي سي پڻ ڏنائون. ڊاڪٽر ۽ اسپتال جي سڄي عملي جي دوستانه تعلقات کان ڏاڍو متاثر ۽ خوش ٿيس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

شام، مصر ۽ اسپين جي حسن ۽ سونهن بابت ڏاڍي تعريف ٻڌي هيم، جيڪڏهن اکين سان نہ ڏسان ها تہ ان کي وڏائُ ۽ مبالغو سمجهان ها. گورا ۽ ڳاڙها تہ سڄي يورپ ۽ آمريڪا جا ماڻهو آهن. پر جو حسن ۽ سونهن چئجي سو هنن ماڻهن ۾ موجود آهي. ان جو سبب هتي جي صحتمند آبهوا، ۽ ڏورانهين قومن (عرب ۽ هتي جي اسپيني) جي ميلاپ جو اثر چيو وڃي ٿو. (هتي جي زبان ۽ تهذيب تي پڻ عربن جو ڪافي اثر آهي. ڪيترائي عربي لفظ اسپيني ۾ استعمال ٿين ٿا. مثلاً Cipher, Azmuth, Zenith, Alkali, Amalgam, Alcohol وغيره وغيره.) ۽ هونءَ به اسپيني ماڻهن جو حسن صدين کان مشهور آهي ۽ شامين بعد ٻئي نمبر تي دنيا ۾ ليکيو وڃي ٿو. هڪ هندوءَ جي دڪان تي اسپيني سيلز گرل خاموش ڪنڊ ۾ هڪ هنڌ بيٺي هئي. جيڪڏهن چُري نہ ها تہ آءٌ ڪيس پٽر جي خوبصورت مورت سمجهي وينو هوس.

اسپتال ۾ منهنجي مترجم چوڪري 'ائنا' اسپتال ڏيکاري رهي هئي. آپريشن جي ڪمري (Operation Theatre) جي پنئين در کان ڦيرائي بالڪنيءَ ۾روني آئي. ساڃي پاسي مريضن جا ڪمرا هئا. ڪنڊ تي هڪ ننڍڙي لائبريري . چوڻ لڳي:

"سامهون واري ڪمري ۾ هڪ فرانسي جهاز جو چيف انجنيئر ۽ سندس زال آهن. پئرس کان هتي ايندي رستي تي هوئي جهاز جو حادثو ٿي پيو، سڄو ڦٽجي پيا آهن." لمحو ترسي پڇڻ لڳي: "تون پئرس ڏٺي آهي ـ؟"

سامهون دريءَ مان هيٺ نهاريم. پٽر جو بتُ (Statue) اسپتال جي پارڪ جي وچ ۾ نظر اچي رهيو هو. هڪ حسين عورت مرد جي پاڪر ۾ ڏيکاريل هئي. ائين لڳي رهيو هو جڻ هن ڪٽان پري کان ڊوڙي ڊوڙي اچي پاڻ کي مرد جي بانهن ۾ ڇڏيو هجي ۽ اجا تائين سهڪي رهي هجي. پاسي کان ڦوهارو وهي رهيو هو، جنهن جي پاڻيءَ جي ڌار ۾ بُت ڏوپي رهيو هو. مون ائنا جي ڳالهہ ٽاري کيس اکين جي اشاري سان بت ڏسڻ لاءِ چيو، جنهن چپن جي وچ ۾ فقط ڦوهاري جي پاڻيءَ جي سنهي ڌار جي وچوٽي هئي. ائنا به تڪڻ لڳي. عجيب خاموشي طاري ٿي وئي ۽ جڏهن خاموشيءَ جو هي سلسلو وڌڻ لڳو تہ ڪجهہ اڪيلائي محسوس ڪري ائنا ڳالهائڻ لڳي:

”مون ٻڌو آهي ته پئرس جون عورتون تمام حسين آهين.“

دري تمام ننڍي هئي، آڻ ٽورو پوئتي رڙهي بينس ۾ ڪيس ٻانهن کان چڪي اڳيان بيهڻ لاءِ جڳهه ڏنم. سندس سون جهڙا سنهري وار اڏامي منهنجي منهن تي بازوليون کائڻ لڳا. هوا ۾ اها ئي خوشبوءِ ۾ سڱڌ هئي جا حيدرآباد جي رات ۾ هوندي آهي. (دراصل لاس پاماس ۾ حيدرآباد ذري گهٽ ساڳي ويڪرائي ڦاڪ Latitude تي آهي ۽ ساڳي Tropical آبهوا آهي. پر لاس پاماس جي ڇؤڪاري پکڙيل سمنڊ هتي جي آبهوا کي ذرا ڏڏو ۽ ٻارهوئي هڪ جهڙو وڻندڙ بڻائي ٿو.) سندس ڇڙوڇڙ وارن کي جائڻو ڪندي چيم:

”ائنا! مون ڪيترا ملڪ ڏٺا آهن، پر آسمان هيڻان هن ڌرتي تي توهان جي حسن جو مقابلو شايد ئي ڪو ڪري سگهي. توهان الف ليلىٰ جي خوبصورت آڪاڻين جون خوبصورت نائڪائون آهيو.“

ڏنم ته ائنا شرمائي رهي هئي. خبر ناهي هي مشرقي حسن ۾ حيا هنن ۾ ڪٽان آيو آهي. تڪي هوا جي باوجود به پگهر جا سنهڑا ڦڙا ماڪ جيان سندس نرڙ تي تري آيا. ڪجهه سوچي، ٻارن وانگر پڪ ڪرڻ جي انداز ۾ پڇڻ لڳي: ”سچي ـ؟“ ۽ وري پنهنجي ئي سادگيءَ تي ڪلي چوڻ لڳي: ”هوندو. مهرباني. ٿي سگهي ٿو اها حقيقت هجي جيڪا ڌارين کي اسان وٽ چڪيو اچي نه ته اسان ته ائين سمجهندا آهيون، جڏ اسان کي، دنيا ڌاريون سمجهي الڳ ڪري ڇڏيو آهي.“

واقعي، نقشو ڏسندائو ته هي اسپيني ٻيٽ لاس پاماس ڪيڏو نه دنيا جي مقابلي ۾ ننڍو ۽ ڌار ٽيل آهي. ڇؤڪاري اٿاهه سمنڊ موجون هڻي رهيو آهي. اتر ڏکڻ ۽ الهندي طرف ته هزارين ميلن تائين ائٽلانٽڪ سمنڊ ڇانئيو پيو آهي. باقي ايرندي طرف به سوين ميلن بعد آفريڪا جو صحرا رڻ پٽ ئي اچي ٿو. هتي جي ماڻهن کي پلا ڪهڙي ڇاڻ ته جو سڪون، جو آرام، جو حسن هنن کي ميسر آهي ان لاءِ سڄي دنيا سڪي رهي آهي.

شهر جي هڪ خوبصورت دڪان واري بازار مان لنگهي رهيو هوس. هڪ دڪان جي ٻاهران ”ايسرداس سووينيئر شاپ“ نالي هندو جو دڪان سمجهي ڇڙهيس. سنڌي هو. هتي Bargaining اڳهن جي ريڙهه پيڙهه ڏاڍي ٿي هلي. ڪنهن

شيءِ جا ڏهه ڊالر ٻڌائيندا پوءِ ڪنهن کي وقت هجي جو گهٽائي ٻن يا اڍائي ڊالرن تائين آڻي. (هونءَ هتي جي سڪي جو نالو پسيتو آهي ۽ پنهنج روپئي ۾ اٽڪل اٺ ڪن ٿيندا. پر ڊالر، پائونڊ، فرئنڪ، جرمن مارڪ ۽ دنيا جو ٻيو مشهور سڪو ٻه عام ورتو ۽ ڏنو وڃي ٿو.)

خبرن چارن بعد ايسرداس کي ٻڌايم، 'هي هي سامان کپي. اڳهه تي بحث ڪرڻ مناسب نٿو سمجهان، جو واجبي هجي سو ٻڌاءِ.' سامان ونڊي جهاز تي جڏهن پيٽايم تہ هن واقعي سڀ سامان مناسب قيمت تي ڏنو هو..... جيڪا واپاري ماڻهوءَ مان گهٽي اميد نہ ٿو رکي سگهجي ۽ اهو اتفاق سمجهڻ کپي. پاڻ حيدرآباد ۾ ڏومڙ واهه وٽ رهندو هو. ڏاڍيون حب سان حيدرآباد جون خبرون پڇندو رهيو. ور ور ڏئي هيرآباد جو احوال ونڊ لڳو. اتي جي خوبصورت عمارتن ۽ ماحول جي تعريف جا ڏُڪ پرڻ لڳو ۽ آڻ وائڙن وانگر ٻڌندو رهيس. هڪ واري دل ۾ آيو تہ پڇيانس تہ ڪاڪا توهان ڪهڙي هيرآباد جي ڳالهه پيا ڪريو ـ؟ اهو تہ ڪو بهشت برين هوندو. جيڪا هيرآباد مون ڏٺي آهي ان ۾ تہ رڳو مينهن جا ڇيٽا، پڳل ٽرڪون ۽ انهن مان وهيل ڪنو تيل، پڳل عمارتون ۽ انهن اڳيان ڪاڪوس ۽ ڪرفتي پئي آهي. پر آڻ چپ رهيس، 'نوابن'، 'رئيسن' جو ۽ سندن ثقافت ۽ تهذيب جو ڪٽي پڙدو رکيم.

ايسرداس مون کي ماني کائڻ لاءِ منٿون ڪرڻ لڳو. (ننڍي ڇهيءَ ۾ جيتوڻيڪ اها حُب ۽ سڪ نہ رهي آهي، جو ڇاوا نپنا ٻاهر آهن. ان ڪري انهن کي سنڌ بابت ڄاڻ ٻہ گهٽ آهي ۽ ڳالهائڻ ۾ پڻُ رکائي اٽن.) ور ور ڏيئي ايسر سنڌي زبان جي واڌاري ۽ سلامتي لاءِ پڇندو رهيو. پڇيومانس تو جهڙو واپاري ماڻهوءَ کي زبان بابت فڪر ڇو ـ؟ چوڻ لڳو:

"جي زبان زنده آهي تہ قوم زنده آهي. زبان جي ختم ٿي تہ اها قوم پيلن، باگڙين جيان ٿيو وڃي."

ڪيس چيم تہ ٻئي دفعي هتي آيس تہ تولاءِ سنڌ مان سنڌي رسالا ۽ اخبارون کڻي ايندس. پاڻ ٻہ رسالا ڏيکاريائين، "اهي تازا پوني (هندستان) مان آيا آهن ۽ اسان اهي سنڌي سنڌي رسالا شوق سان پڙهندا آهيون."

سندس نندِ پائٽيو ٻارهن سالن جو پر ۾ وينو هو. ٻڌايائين ته هو هتي جي زبان اسپيني پڙهندو آهي پر سنڌي ٻه سمجهي ٿو. اتي ئي پڇيائين: "اڙي سمجهين پيو نه ته اسان چا پيا ڳالهايون ـ؟"

هن ڪنڌ سان 'ها' ڪئي

مون کي سنڌ جا هندو ڪيترن ئي ملڪن ۾ مليا آهن. هانگ ڪانگ ۾ ته ايترا آهن جو ڪنهن جي چوڻ مطابق 1975ع ڌاري هانگ ڪانگ سنڌين جي ڪالوني ٿي ويندو. پر ايترو چوندس ته وڌن ۾ جيتري سنڌ لاءِ حُب ۽ سڪ آهي اوتري ننڍن ۾ رُکائي ۽ اجنبيت آهي. وڌا ڏاڍو ٿا ياد ڪن ۽ پنهنجي وقت جا قصا ڏهرائين. اسان ته جيئن ئي هوش سنياليو ته هندو لڏي چڪا هئا. پر هيئنر اهي ڳالهيون ٻڌي سوچجي ٿو ته اهو زمانو سنڌ ۾ ٻه ڪو زمانو هوندو، جڏهن شڪارپور، سکر، لاڙڪاڻو ۽ حيدرآباد اؤج تي هئا. عجيب رونق ۽ لطف هوندو ۽ پلا ڪو پنهنجي ڌرتي ماتا کي ڪيئن ٿو وساري سگهي، جنهن هنن کي جنم ڏنو.

ڪجهه ڏينهن اڳ سلون مان مسز ديوڪي لکي ٿي: "اسان هتي جيتوڻيڪ لکا پتي آهيون، ظاهري طرح سکيا ستابا آهيون، پر ان هوندي ٻه سنڌ کي ياد ڪندي اکين ۾ ڳوڙها اچيو تا وجن ـ سو ڇو؟ ان جو ڪارڻ 'پنهنجو وطن' اهو اهڙي شيءِ آهي جو اسين هن جنم ۾ ته وساري نه سگهنداسين، پر شايد اڳتي ٻه وساري نه سگهون. سنڌ اها چيز آهي جتي دنيا جي وڏي ۾ وڏي شيءِ 'خلوص'، ۽ 'پريت' هئي. هن وقت سنڌ جي چا حالت آهي، سا خبر ڪانه آهي. حياتي رهي ته هڪ دفعو ضرور چڪر هڻڻ جو ويچار آهي. پر پڳوان کي جو منظور آهي اهو ئي ٿيندو. توهان پائرن ۽ پينرن کي آسيس ڪنداسين ته شل سدائين پنهنجي وطن کي آباد رکو ۽ توهين ٻه ان سان گڏ سکي ۽ آباد رهو....."

بيروت ۾ شيلا کي سنڌ جي ڳالهين ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق هو. پاڻ جيتوڻيڪ جائي نپني بيروت ۾ پر ماءُ پيءُ کان سنڌ جون ڳالهيون ٻڌي ايڏو ٻيچين هئي جو چوندي هئي ته هڪ دفعو آءُ سنڌ ضرور ايندس ۽ پنهنجي اصلي ديس جي پوتر مٽيءَ کي چمندس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آءٌ اها شام ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس. بيروت ۾ سمنڊ جي ڪناري تي 'پيجن راڪ' (Pegion Rock) تمام خوبصورت جڳهہ آهي. جيئن پاڻ وٽ ڪراچيءَ ۾ هاڪس بي يا پئرادائيز پوائنٽ آهي. اتي اسان سپ پکنڪ لاءِ ويا هئاسين. ڪجهہ عرب چوڪرا ۽ چوڪريون بہ هيون. ٻيا سپ پاڻيءَ ۾ تري رهيا هئا. شيلا، سنڊس بہ پائر ۽ آءٌ ڪناري تي ريتيءَ جا ننڍڙا گهر ناهي رهيا هئاسين ۽ خبرون بہ ڪري رهيا هئاسين. پاڻ مائٽن ڪان سنڊ بابت ٻڌل ڳالهيون ورجائي مون ڪان پڇي رهي هئي. لفظ لفظ ۾ سنڊ لاءِ عقيدت هيس ـ شاهہ ڪي تہ هي جڙ پوڄين ٿا. پاڻ شاهہ جا ڪيترائي شعر ٻڌايائين. ڇيومانس تہ ڪو سُر سان راڳ ٻڌاءِ.

"ٻڌايانءِ ـ پر هڪڙو وچن ڪر." معصوم ٻار جيان، شيلا منهنجا هٿ جهلي وعدو ونڊ لڳي. "ڇئُ ڪهڙو ـ؟" پڇيومانس.

"سنڊ جي ان پاڪ خاڪ کي منهنجا پيار ڏجانءِ. ان ڌرتي ماتا کي پيار ڏجانءِ جنهن جي مان ڏيءُ آهيان."

ان بعد شيلا شاهہ جو سُر راڻو شروع ڪيو تہ دنگ ڪري ڇڏيو. سنڊس سُر ۾ عجيب ڪشش ۽ ميناج هو. ٿي سگهي ٿو تہ ان ۾ ڪجهہ ان وقت جي فضا ۽ ماحول جو بہ دخل هجي جنهن مدهوش ڪري ڇڏيو هو. هوءَ ريتيءَ تي پلٽي پيچي، پڇن جي انداز ۾، اکين جي اڳيان هٿ ٻڌي، اکيون بند ڪري ڳائيندي رهي.

"راڻا تنهنجي راڄ ۾، مون کي چوٽون چند ڏنو،
ڏکن ڏولاون ۾، منهنجو سڙي ساهہ ويو،
هاڻي راڻي کي چئجو، تہ مومل رات مري وئي!
ڇنا منهہ ماڙيون الا اوڏانهن اڏائي.....
منهنجي راڻي کي رحم پوي، ڏُور وڃيو ڏينهن لائي."

پاڻيءَ جون لهرون رکي رکي سمنڊ کان ڌار ٿي اسان کي ڇهي وري واپس اونهي سمنڊ جي گود ۾ جذب ٿي ٿي ويون. فضا ۾ عجيب ڪيفيت طاري هئي. سامهون پاڻيءَ ۾ عرب چوڪرا ۽ چوڪريون ڪينهونءَ سان راند ڪيڏي رهيا هئا. پري کان 'بحيره روم' جي ڪناري تي اڏيل Casino De Lebuan هوٽل نظر اچي

رهي هئي. پر آءٌ خيالي طرح جاگرافيءَ جون مڙئي حدون لتاڙي، پنهنجي وطن، هوشو ۽ درياءَ خان جي وطن، مارئي ۽ باگهي جي وطن، سنڌ ۾ پهچي ڇڪو هوس. مون کي ڪوبہ احساس نہ رهيو تہ شيلا ڪنهن وقت ڳائي بس ڪيو. خبر ناهي ڪنهن وقت ريتيءَ جي ننڍڙن گهرن کي ڪهڙي لهر ڌاهي وئي. خبر ناهي ڇو، منهنجي دل روئڻ لاءِ اڇلون کائي رهي هئي. مون شيلا ڏي ڏٺو تہ هوءِ اکين تي هٿ رکي روئي رهي هئي.

رات سوچيم پئي تہ کانئس خط لکي پڇان تہ شيلا ان ڏينهن تون ڇو رُنينءَ ۔؟ ڪنهن لاءِ هئا اهي ڳوڙها؟ ۔ ڇا ديس لاءِ؟ ڇا ڌرتيءَ لاءِ ۔؟! ڏاڍي دل ٿي چاهي تہ پڇانس پر ڌرتيءَ جي ڏيءُ کان پڇڻ جي همت نہ ٿي ٿئيم. جيڪڏهن هن سچ لکيو تہ ايترو وڏو سچ، ايڏي وڏي تلخ حقيقت جي برداشت ڪرڻ جي هن دنيا ۾ ڪنهن کي طاقت آهي!

ڪنهن کي طاقت آهي؟

ادا، خط ڊگهو ٿي چڪو آهي. وڌيڪ احوال آفريڪا جي ڪنهن بندرگاهہ مان لکندوسانءِ.

ڇڳو هاڻ، الله توآهر

۔ تنهنجو

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ممباسا ڪينيا

ڪالهه اسان ويهن ڏينهن ۾ راتين جي لڳاتار مسافري کان پوءِ سڄي آفريڪا ڪنڊ جو ڦيرو پورو ڪري، ڊڪار (سينيگال) کان هتي ممباسا پهتا آهيون. ڊڪار ۾ واندڪائي نه ملي سو اتان خط نه لکي سگهيوسانءِ. ٻئي دفعي وري وڃڻ ٿيو ته ضرور لکندس.

ممباسا ڪينيا ملڪ جو واحد بندرگاهه آهي جنهن کي قديم زماني کان اهم حيثيت حاصل آهي. اڄڪلهه سئيز ڪئنال بند هجڻ ڪري گهٽو ڪري سڀ جهاز، يورپ يا آمريڪا ڏي ويندي، هتي ضرور ساهي پٽڻ لاءِ ترسن ٿا. اسان پڻ هتان جهاز لاءِ تيل ۾ اڳتي جي مسافريءَ لاءِ ڪاڏو پيتو ونيو رهيا آهيون. ڊڪار ڪان ونيو هيستائين سمنڊ تمام مانو مليو ۾ سفر سٺو گذريو. عيدالاضحيٰ سمنڊ تي ئي ملهائيسين. ان ئي ڏينهن خط استوا پڻ لتاڙي رهيا هئاسين. خط استوا وٽ ڏاڍي گرمي ٿئي ٿي جو سج جا ڪرٽا بلڪل سڌا پون ٿا. خط استوا جيئن ئي ٽپي ڏکڻ اڌ گول ۾ آياسين ته سردي شروع ٿيڻ لڳي ۾ وڌندي رهي، جيتوڻيڪ دنيا جي اتر اڌ گول ۾ (جنهن ۾ پاڪستان به اچي وڃي ٿو) اڄڪلهه اونهارو شروع ٿي رهيو آهي. پر دنيا جي هينئين اڌ، ڏکڻ اڌگول ۾ جنهن ۾ آسٽريليا، نيوزيلينڊ ۾ ڏکڻ آمريڪا اچي وڃي ٿو، سيارو ٿئي، ۾ اسان وٽ جڏهن سيارو ٿئي ته هنن وٽ اونهارو. جيئن ئي هيٺ 'ڪيپ آف گڊ هوپ' وٽ پهتاسين ته سردي وڌي وئي ۾ وري مٿي خط استوا طرف ايندي گهٽبي وئي. ممباسا ته ذري گهڻ خط استوا تي آهي سو هتي گرمي ٿي رهي. خط استوا جي ملڪن ۾ اونهاري توڙي سياري ساڳي گرم موسم رهي. (انبن جي شوقينن لاءِ مزو آهي جو ممباسا ۾ سال جو ڪپل حصو انب ٿين. بلڪ ملائشيا، انڊونيشيا جهڙن خط استوائي ملڪن ۾ انبن ۾ چڪن جهڙا ميوا سال ۾ ٻه دفعا ٻه ٿين. پر ان جو اهو مطلب ٻه نه آهي ته ڪو هتي سنڊڙي، بيگن پلي، لنگڙي ۾ سوان ريڪا جهڙا انب ٿين ٿا.)

ڪالهه پورن ويهن ڏينهن بعد زمين تي پير رکندي ڏاڍي خوشي ٿي نه ته صبح توڙي شام چؤطرف رڳو سمنڊ ئي سمنڊ لڳو پيو هو. زمين ڏسڻ لاءِ پيا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۾ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سڪندا هئاسين. فقط ڪيپ آف گڊ هوپ وٽ ۽ ڏينهن ڏکڻ آفريڪا جو ڪنارو ونڊي هليا هئاسين ۽ آفريڪا جو سرسبز ڪنارو، گهاٽا ٻيلا، ڊربن، ڪيپ ٽائون ۽ پورٽ ايلزبيٿ جهڙا وڏا شهر صاف نظر ايندا رهيا. جي سائوٽ آفريڪا ۾ آهن ۽ انگريزن جي قبضي ۾ آهن. آفريڪا کنڈ ۾ ٻيون ٻ انگريزن جون ڪيتريون ئي ڪالونيون هيون. ڪينيا پڻ انگريزن جي قبضي ۾ هو، 1963ع ۾ ڪيس آزادي ملي ۽ هاڻ پاڪستان، هندستان، سلون آسٽريليا وانگر ڪامن ويلٿ جو ميمبر آهي.

ڪينيا جي ستر سيڪڙو آدمشماري مسلمان آهي ۽ گاديءَ جو هنڌ 'نئروبي' آهي. 'جوموڪينياتا' ملڪ جو صدر آهي. جنهن جي ملڪ جي آزادي لاءِ جدوجهد ۽ جفاڪشي قابل ذڪر آهي ۽ هتي جا ماڻهن، ڏرتي جي آزادي لاءِ پنهنجو رتُ ۽ ستُ ڏئي وڏين قربانين جو مظاهرو ڪيو. هاڻ هي آزاد آهن. پنهنجو ملڪ اٽن. ڏارين جي غلامي ۽ حڪومت کان نجات حاصل اٽن. منهنجي هتي جي آفريڪي دوست 'احمد' هڪ وڏي اسپتال اڳيان ڪار بيهاري ٻڌايو: "خبر اٽئي هيءَ اسپتال پهرين فقط انگريزن لاءِ هوندي هئي. اسان مان ڪو شيدي رڳو هتان لنگهندو ٻ هو ته ان کي گولي سان اڏائي ڇڏيندا هئا. پر هاڻ ان ۾ هرڪو اچي سگهي ٿو ۽ فقط انگريزن جو نه پر سڄي انسانيت جو علاج ٿئي ٿو."

احمد ٻڌايو ته سندس والدين آزادي جي هلچل ۾ تمام گهڻو بهرو ورتو هو. "اسان کي تڪليفون ڏيڻ خاطر گهرن مان ڪڍيو ويو. زمينون کسيون ويون، جو جو اسان انگريزن جي خلاف قدم کنيو ۽ هنن جي غلامي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. اسان هڪ جهوپڙي ناهي شهر جي ٻاهران اچي پناهه ورتي. رات جو ٽي کن ٽيا هوندا ته انگريزن اسان جي جهوپڙيءَ کي باهه ڏياري. آڻ ۽ بابو خوشقسمتيءَ سان بچي وياسين. منهنجي ماءُ مدد پهچڻ کان اڳ سڙي خاڪ ٿي وئي." احمد جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. "پر اسان خوش آهيون، اسان کي ڏرتي ته ملي. ڏرتي ٻ اسان جي ماتا آهي. مون کي پڪ آهي ته منهنجي ماءُ جو روح سي ٿي چڪو هوندو . هن ٻ اهو ئي چاهيو ٿي ته اسان جي ڏرتيءَ تي اسان جو ئي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

قبضو هجي. اسان کي اسان جي قربانين جو اجورو ملي چڪو آهي. هاڻ آزاد آهيون. اسان جا خيال، اسان جون سوچون سڀ آزاد آهن.“

ان وقت منهنجي دماغ ۾ جوموکينياتا جي آزاديءَ جي ڏينهن تي کيل تقرير جا ڪجهه جملا تري رهيا هئا، جن مان سندس فراخدليءَ ۽ بردباريءَ جو اندازو هرهڪ لڳائي سگهيو ٿي، ”آءٌ انهن مڙني کي معاف ڪريان ٿو جن اسان سان جنيون ڪيون، اسان کي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ بڌو. جيتوڻيڪ هنن چاهيو ٿي يا نه، پر ڪينيا کي آزاد ٿيڻو هو سو ٿي رهيو. جيڪي اسان تي ظلم ۽ ستم ٿيا انهن جو بدلو اسان کنهن کان به ونڊ نه ٿا چاهيون. اسان فقط اهو چاهيون ٿا ته اهي جيڪي اسان جو هيستائين رتُ چوسيندا رهيا سي پڻ هت هٿ ۾ ڏئي سڄي ملڪ، قوم ۽ انسان ذات جي ترقيءَ لاءِ پاڻي پائيوار ٿين. جيڪي هن مهم ۾ شامل ٿي اسان جي مدد ڪندا، اسان جا دوست آهن، اسان جا پائر آهن. پر جيڪي سمجهن ٿا ته خدا هنن کي ميم صاحب ۽ لاٽ صاحب سڏجڻ لاءِ اتاهون ۽ نرالو پيدا ڪيو آهي سي پنهنجي ملڪن ڏي هليا وڃن. جيڪڏهن هو اسان جي آڏو ايندا ۽ رندڪون پئدا ڪندا ته اسان هنن کي پيرن هيٺ چڇڙي ڇڏيندا سين.“

احمد مون کي ممباسا شهر جو اهو ميدان ڏيکاريو جتي ڪينيا جي صدر ڪينياتا آزادي جي موقعي تي اها تقرير ڪئي هئي.

ستر سالہ جوموکينياتا جو تعلق ڪينيا جي مشهور قبيلي ڪيڪويو سان آهي. پاڻ کنهن زماني ۾ خونريز تحريڪ ’مائو مائو‘ جي بانيءَ جي حيثيت سان نون سالن لاءِ انگريزن جي جيل ۾ رهيو.

هتي جا رهاڪو گهٽي قدر هتي جا شيدي آهن. ممباسا، نئروبي ۽ ڪينيا جي ٻين وڏن شهرن ۾ هتي جي اصلي رهاڪن کان علاوه ڪيترائي عرب ۽ هندستان، پاڪستان جا پڻ رهن ٿا. جن ۾ ڪيترا انگريزن جي حڪومت ۾ مزدوري ۽ واپار وڙي لاءِ آيا هئا ۽ پوءِ هتي ئي رهڻ اختيار ڪيائون. ملڪ جي تجارت ۽ واپار تي قبضو هندن ۽ ڪوجن جو آهي. ڪراچي جي ايلفي وانگر ممباسا ۾ ڪلندي روڊ آهي جنهن تي نوي سيڪڙو دڪان ڪوجن ۽ هندن جا آهن، جي اصل بمبئي، ڪڇ ۽ سنڌ کان آيل هئا. هڪ دڪان جو ته نالو ئي ’سنڌ جنرل

استور آهي. هتي جي سپ کان خاص شيءِ ۽ سوڪڙي، ڪاٺ ۽ عاج مان ٺهيل هٿ جا راندڪا ۽ ٻيو سامان آهي. ان کان علاوه ٻاهرين ملڪن جون شيون ۽ ڪاڏي پيتي جو سامان پڻ ڇڪو سستو آهي. ٻيلا جام آهن جن ۾ اڪثر هر قسم جا جانور آهن. جانورن جي کلُن ۽ پکين جي ڪنپن مان ٺهيل مختلف سامان پڻ هتي سستو ملي ٿو. ڪلندي رود جي پوڙ تي هاٿي جي ڏندن جهڙا ٻه وڏا دروازا آهن، جتان کان مشرقي آفريڪا ۾ وڃڻ لاءِ رستو شروع ٿئي ٿو ۽ ان مشهور دروازي کي Giant-Tusks سڏجي ٿو.

اسان جي ملڪ ۾ جي شيدي آهن انهن کان ٻه وڌيڪ تڪو ڪارو رنگ هتي جي باشندن جو آهي. چپ ۽ نڪ ٿلهو، وار گهنڊيدار جهڙا ماڪوڙا متي تي چنبڙيا پيا هجن يا قراقلي ٽوپيءَ جا بج. عورتن کي ننڍا گهنڊيدار وار هيڪاندا عجيب لڳن ٿا. ان ڪري هتي جون شهري ۽ مادرن شيدياٽيون وار لڪائڻ لاءِ مختلف رنگن ۽ قسمن جا رومال خوبصورت انداز ۾ متي کي ٻڌن ٿيون آهن. پڙدو ڪو خاص ناهي، بلڪ نه برابر آهي جو مون کي ته ڪابه عورت پڙدي ۾ نظر نه آئي. ڪيترائي آفريڪي قبيلا آهن جي اڃا اوگهڙ ڊڪڻ بنا ڦرندا رهن ٿا. ۽ اهڙا ماڻهو شهر کان ٻاهر ۽ جهنگلن ۾ هر هنڌ نظر ايندا. هر قبيلي جي نرالي ڊريس آهي. سڄو منهن ۽ بدن وزني لوهي ۽ بدزيب ڳهن سان پريو پيو هوندو. ڪنن جي پاڙين ۾ هڪ هڪ ٽنگ ذري گهٽ پائليءَ جيڏو. اهڙي قسم جي ماڻهن جا فوٽو ۽ ڪارڊ مارڪيٽ ۾ عام ملن ٿا جي سياحن جي خاص خريداري آهن ـ خاص ڪري ائنٽراپالاجي، ائناٽامي ۽ اروٽزم جي شوقينن لاءِ.

شهر ۾ عورتون اڪثر مني اسڪرٽ يا پورو جبو پائين. هندستاني ۽ پاڪستاني عورتون ساڙهي، گجراتي استائيل جي مڪسي ۽ شلوار قميص اوڍين. هندستاني فلمن ۾، ڏسي ڏسي ڪن آفريڪي چوڪرين ٻه اهو فئشن اختيار ڪيو آهي. (بيروت ۾ پڻ ڪيترن عرب ۽ فرينچ عورتن کي ساڙهيءَ ۾ ڏٺم.) جيستائين سونهن ۽ سوڀيا جو سوال آهي سا مونکي ته نظر نه آئي، تي سگهي ٿو خيال پنهنجو پنهنجو، پسند پنهنجي پنهنجي هجي يا آڻ صحيح اندازو نه لڳائي سگهيو آهيان.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

منجهند جا ٻہ ڪن وڳا هئا. جيڪب آباد جهڙي گرمي هئي. اڄ ڪان ڇيڙ ٻاهر لڙڪي رهي هئي. منهنجو ميزبان احمد ٻہ مون سان گڏ صبح ڪان وٺي هلڻ ڪري ٽڪجي پيو هو. اسان ٻئي سندس ڪار ۾ پنڪيون ڪائيندا جهاز ڏي اچي رهيا هئاسين. اوچتو احمد ڪٽي ڪار کي بريڪ هنئي. نهار ڪيم تہ سامهون تہ ڪوبہ ڏيگو يا ڏنار نہ هو البت پر واري فٽ پاٽ تان هڪ ڦٽل مشين جهڙي، اسڪرٽ ۾ هڪ ڇوڪري وجي رهي هئي. ڪٽڪون پچائڻ واري اس ۾ سندس ڪارو رنگ وڏيڪ چلڪي رهيو هو. جڙ منهن تي ٻُڪ تيل جو هنيو هجيس. ڪابي هٿ ۾ بارش ڪان بچڻ لاءِ بند ٽيل ڇٽي، ڪاري گپ مان نڪتل ٻگهہ پکيءَ جهڙيون سنهين ۽ ڪارين ٽنگن سان تکو تکو وجي رهي هئي. احمد سڏ ڪيس ۽ پوءِ مون کي ٻہ منٽ ڪار ۾ انتظار ڪرڻ لاءِ چئي، رستو ٽپي وجي ان شيدياڻيءَ سان مليو.

ٻن جا پنج منٽ ٿي ويا، ڏهہ منٽ پوءِ پنڌرهن منٽ ٻہ گذري ويا. اسان جو دوست نٿهڻ اسَ ۾ هن سان ڳالهين ۾ مشغول رهيو. آخر منهنجي صبر جواب ڏنو. ڪار ۾ اندر رُڳهہ ۾ ساهہ ٿي نڪتو. ٻاهر نڪري ٻہ منٽ ترسيس تہ اس بدن ۾ سئن وانگر چيڙ لڳي. وري اندر ڪار ۾ اچي وينس. رات جو احمد وٽ ماني هئي، پڪ سمجهيم تہ احمد نوڪرياڻي کي ماني ٽڪي لاءِ سمجهائي رهيو هوندو. پر لڳو تہ هوءَ ڳالهہ ٻڌڻ بدران نخرا ڪري رهي هئي ۽ هر هر پنهنجو اسڪرٽ ۽ رومال صحيح ڪندي رهي.

”احمد“ مون زور سان سڏ ڪري احمد کي واچ ڏي اشارو ڪيو تہ دير پئي ٿئي. آخر مس مس اڌ ڪلاڪ بعد آيو. مون ڪجهہ منهن ناهي بيزاريءَ جو اظهار ڪيو. ”يار. پليز الطاف معاف ڪجانءِ، ڪجهہ ڳالهہ اهڙي هئي منهنجي زندگي ۽ موت جو سوال هو.“ احمد ٽڏو ساهہ ڪٽي ڳالهہ ڪئي.

”ڇو خير تہ آهي؟“ وائڙو ٿي پڇيومانس.

”هوءَ ڇوڪري خبر اٿئي ڪير هئي..؟“

وري ان شيدياڻيءَ جو ذڪر. آءٌ چوڻ وارو هوس تہ ڇوڪري تہ نہ هئي پر بوت پالش جو اشتهار هو. پر منهنجي چوڻ کان اڳ ئي احمد ٻئي هٿ ڪار جي

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسٽيرنگ مان ڪڍي سيني تي هٿي آمريڪي لهجي ۾ انگريزي ۾ چيو: "Hi Budy! She is my Gal. اڙي، اها اٽئي منهنجي محبوبا ۽ منهنجي مستقبل جي زال. دعا سو ڪجانءِ. هينئر ٻڌائي رهي هئي ته سندس مائٽ اسان جي شاديءَ ۾ راضي نہ آهن. هو سندس سنگ ڪنهن ٻئي سان ڳنڍڻ چاهين ٿا."

ڏاڍو خوش ٿيس ته چگو جو احمد جي پڇڻ تي ڪو اونڌو ابتو رمارڪ نہ ڏنم نہ ته احمد دل ۾ ڪري ها. سندس سدا مسڪرائيندڙ چهري تي اداسي ڏسي ڪيس آٽت ڏنم، "لالا پرواھ نہ ڪر. توتي لئہ پئي رکئي. اها وئي بہ هلي ته ٻيون ان کان بہ سهٽيون کوڙ."

"نہ يار ائين نہ چئہ. سڄي ڪاليج جا چوڪرا ڪلثوم تي مرن ٿا. اهڙي چوڪري مون کي سڄي آفريڪا ۾ نہ ملندي." احمد جذباتي ٿي چيو.

سو ادا اسان ڪنهن جي سونهن پرکڻ ۾ ڏاڍا ڪمزور آهيون. پر اهو ضرور چوندس ته هتي جا ماڻهو ڪارا سو آهن پر اٽئي ڏاڍا دل وارا ۽ تون ئي ٻڌاءِ ته دل کان سواءِ گورو چٽو رنگُ کهڙي ڪم جو.

هتي سڪ ۽ هندو چوڪريون شلوار قميص ۽ ساڙهيءَ ۾ ۽ بوري ۽ ڪوجياڻيون غرارن، لينگن يا اسڪرٽن ۾ آفيسن ۾ ڪم ڪندي، دوڪانن تي شيون وڪڻندي يا جماعتخاني ڏي ويندي نظر اچن ٿيون. انهن لاءِ اهو چوڻ مناسب رهندو ته انڊن ۾ ڪاڦو راجا يا جتي وڻ ناهي اتي ڪانديرو بہ درخت. هو آفريڪي ڪارين چوڪرين اڳيان ڏاڍو برتريءَ جو اظهار ڪن ٿيون.

نيو ڪئسٽل هوٽل ۾ شام جو چانهہ پي رهيا هئاسين ته سامهون واري ٽيبل تي هڪ عورت، مرد ۽ ننڍو ٻار اچي وينا. شڪل مان ئي سجاتم ته گجراتي بوري يا ڪوجا آهن. پڇڻ تي ٻڌايائون ته هو ڪوجا آهن ۽ اصل ته هندستان جا آهن پر هاڻ آفريڪا جا سڏائين ٿا جو ڪين آفريڪا ۾ رهي بہ سوا سؤ سال ڪن ٿي ويا آهن. سندن ڏاڏا هندستان کان لڏي زنجبار آيا. ان بعد سندن ماءُ پيءُ هتي ڪينيا آيا. ننڍي ٻار لاءِ پڇيومان ته هيءِ ڪهڙي زبان ٿي ڳالهائي ته ٻڌايائون ته اسڪول ۾ انگريزي ۽ هتي جي آفريڪي زبان 'سواحلي' ٿي پڙهي، پر گهر ۾ اسان آغاخاني گجراتي، ڪڇي ۽ سنڌي جي گاڏڙ ساڏڙ ڳالهائيندا آهيون. بازار مان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

خريداري ڪندي مون هر دڪاندار سان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهايو جو هو يا ته هندو سنڌي هو يا ڪوجو. ڪيترا ڏينهن ٿي ويا هئا سو پنهنجي ٻولي ڳالهائيندي مزو پئي آيو.

بازار جي ڪنڊ تي ڪراچي جي محبوب ڪلاٿ مارڪيٽ جيڏي ڪاڏي پيتي جي شين جي سپرمارڪيٽ آهي جا هڪ آغاخاني ڪوجي جي آهي. اهڙي قسم جون هڪ وڏي دڪان جي روپ ۾ مارڪيٽون جتي ڪٿي آهن، جتان هر شيءِ سستي ۽ تازي ملي ٿي. يورپ جي ملڪن ۾ ته سپر مارڪيٽون عام آهن. هتي جي سپر مارڪيٽ ۾ به مختلف ڪاڏي پيتي جي شين جا الڳ الڳ ڊپارٽمينٽ آهن ۽ پئسي جي حساب ڪتاب لاءِ هر ڊپارٽمنٽ جي ڪنڊ تي ڏار ڏار ماڻهو وينل آهي. هر شيءِ پاڪيٽن ۽ لفافن ۾ بند، مٿان مقرر قيمت لکيل نظر ايندي جيئن جا شيءِ ڪپي سا ڪٽي سگهجي ۽ اوترا پئسا ڪائونٽر تي ڏئي رسيد ونجي. مون ڪي ڪاڄا، الائچي (ڦوٽا) ۽ مسالو ونڊو هو. ٻيو ته سڀ سامان نظر آيو پر ڦوٽا نه هئا. ڦوٽن لاءِ انگريزي لفظ نه پئي سجهيم سو سنڌيءَ ۾ ئي پڇيومانس ته الائچي آهي توهان وٽ.

”نه ڪپي وئي آهي،“ پاڻ نهه پهه وراٽيائين،
”چئن ڏينهن بعد ڳنهڻ اچجانءِ.“

ممباسا جون راتيون به بيروت وانگر خوبصورت ۽ جوان آهن. ڏينهن جو سخت گرميءَ ڪري شهر ۾ اهو چهچٽو ۽ رونق نٿي رهي. رات ڏاڍي ٺرندي آهي ۽ ٺڏي ٺڏي هوا جڏهن لڳندي آهي ته حيدرآباد ياد ايندي آهي. پر يار حيدرآباد جي راتين جو ڪير مقابلو ڪري. حيدرآباد جي راتين جي هوا ۾ جا وٽندڙ ٺاٺ، ميناج ۽ نشو آهي، اهو ڪٿي جي به هوا ۾ ناهي. اها قدرتي نعمت شايد حيدرآباد لاءِ ئي آهي. جن حيدرآباد، جامشوري ۽ پيٽارو جي راتين ۾ نندون ڪيون تن کي هي ايئرڪنڈيشنڈ ڪمرا به مزو نه ڏيندا، يقين ڪر.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چگو ادا، هاڻ اجازت، ممباسا جون ڳالهيون ته کوڙ آهن. ڪهڙيون لکي ڪهڙيون لکجن. ممباسا ۾ ته هر هر پيو اچبو جيسين عرب سئيز ڪئنال کولين. سو وڌيڪ ٻئي دفعا.

نيڪ تمنائن سان

تنهنجو

دبئي.(عربي گلف)

سڀ کان اول جنهن شيءِ هتي اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي سو هتي پڙدي خاطر منهن کي ڍڪڻ جو عجيب فئشن آهي. جهڙو ئي دبئي بندرگاهه کان ٻاهر قدم رکيوسين تہ بن عورتن کي سواءِ منهن جي، ڪاري برقعي ۾ ڍڪيل ڏٺوسين. منهن لڪائڻ خاطر نڪ جي مٿان ڇهنب وانگر ڇمڙو ڇڙهيل هو. جنهن ڇمڙي ڳلن تان ڦري، سواءِ اکين جي، سڄي منهن کي ڍڪيو ٿي. هڪ نڪ اڳيئي ٻاهر نڪتل ان مٿان ڪاري رنگ جي ڇمڙي جي ڦاڪ ڇڙهيل، پاسي کان منهن ڏسڻ ۾ هيبتناڪ ٿو اچي. هي منهن لڪائڻ جو هتي نئون انداز ڏسي ڏاڍو تعجب لڳو. جهاز جا آفيسر جيڪي مون سان گڏ هئا، انهن کان ان بابت پڇيو پر هنن کي بہ خبر نہ هئي جو انهن جو بہ هتي پهريون دفعو هو. اڳتي وڌياسين تہ بس مان ڪيتريون ئي عورتون لهي رهيون هيون. شڪل ۽ ڪپڙن ۾ مڪرانين جهڙيون. سيني جي منهن تي ڪاري ڇمڙي يا ڪاري ڪلف لڳل ڪپڙي جا ڪوپا ڇڙهيل هئا. ڇمڙو بہ گندو ۽ گرميءَ ڪري پگهر سان پريل.

هتي جا ماڻهو لبنان، شام، مصر ۽ ٻين عرب ملڪن جهڙا سهڻا نہ آهن. اسان پاڪستانين کان بہ وڌيڪ سانولا ۽ ڪيترا تہ آفريڪن جهڙا ڪارا آهن. سو ڪاري منهن تي ڪارو ڇمڙو يا ڪپڙي جو ڪوپو ڇڙهيل هر ڏارئين لاءِ باعث تعجب ثابت ٿئي ٿو. هڪ دوست تہ چيو، يار هيءَ تہ جي مخلوق تہ نہ سڏبي. چند يا ڪنهن ٻئي جهان تان آيل ٿي ڏسجي، جنهن جا فوٽا ٻارن جي ڪارٽون ڪتابن ۾ هوندا آهن. هڪ چيو تہ شايد عورت کي بدزيب بنائڻ خاطر هن پڙدي کي رواج ۾ آندو ويو آهي. هتي جا اصل رهاڪو عرب ان قسم جو سخت پڙدو ڪن باقي ڏاريان پڙدو نہ ڪن. شهر ۾ ڪيتريون ئي پاڪستاني، هندستاني ۽ سلوني عورتون ساڙهي ۽ شلوار قميص ۾ نظر اچن ٿيون. ايراني ۽ لبناني عورتون پڻ پنهنجي مخصوص لباس ۾ نظر اچن ٿيون.

هي تيل سان مالا مال شيخ رياست، عربن کان وڌيڪ پروارن ملڪن - ايران، پاڪستان، هندستان وغيره جي ماڻهن سان پريل آهي. اڄ کان چند سال اڳ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هن واريا‌سي ملڪ ۾ ڪابہ زندگي نہ هئي. جتي جتي مني پاڻيءَ جا چشما هئا اتي جهڳٽن ۾ هتي جا بدو عرب مال سميت رهندا هئا. اوچتو هن علائقي مان پٽ بين پروارن ملڪن جيان تيل نڪرڻ جا آثار نظر اچڻ لڳا. برٽش حڪومت پنهنجي نگهبانيءَ هيٺ تيل ڪڍائڻ جو ڪم شروع ڪيو. پروارن ملڪن مان مزوري خاطر ماڻهو گهرايا ويا. ڪم شروع ٿي ويو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هي ملڪ دولت سان مالامال ٿي ويو.

پر وارن ملڪن کان ماڻهو هتي ڪم خاطر هميشہ لاءِ رهڻ لڳا ۽ واپار شروع ڪيائون. ڏسندي ئي ڏسندي بازارون، مارڪيٽون ۽ هڪ کان هڪ اعليٰ قسم جا دڪان تيار ٿي ويا آهن، جي گهڻو ڪري هندستانين ۽ پاڪستانين جا آهن. هتي عام طرح اڙدو ڳالهائي وجي ٿي ۽ اصلي باشندا بہ گاڏڙ ساڏڙ اڙدو ڳالهائين. هوٽلن ۾ پاڪستاني طرز جو کاڌو هلي. ايتريقدر جو هتي جي سڪي ريال کي بہ عام طرح روپيو سڏين ۽ ريجي کي آنا، پئسا. هڪ نندي ٻيڙيءَ ۾ 'دبئيءَ' کان 'ديرا' پهتاسين. پئسن جو پڇيوسين تہ چوڻ لڳو "اٺ آنا." تنهن تي پڪ لاءِ پڇيومانس تہ: "نصف ريال" تہ ڪنڌ ڏوڻي ها ڪيائين. مون سمجهيو هي شايد پاڪستاني آهي ۽ اسان کي بہ پاڪستاني سمجهي ريالن بدران اسان جي ملڪ جي سڪي ۾ ٿو ٻڌائي. پر پوءِ معلوم ٿيو تہ هتي ريال کي سڀ روپيو سڏين. دڪانن جا نالا بہ اهي ئي جي اسان وٽ عام آهن، مثلاً "پاڪستاني ٽي هائوس."، "بمبئي هيئرڪٽنگ سيلون"، وغيره. ورلي ڪو دڪان هتي جي رهاڪو عرب جو هوندو سو بہ نندو، نہ تہ سڀ دڪان پاڪستانين، هندستانين ۽ ايرانين جا آهن.

هتي هڪ گجراتي دڪاندار سان خبرچار ڪندي پڇيم تہ هتي جا عرب ڇو نٿا واپار وڙي ۾ حصو ونن؟ چيائين: "هنن کي اڇي ئي چاٽو. هي سڄو بيابان ۽ رڙ پٽ هو. پوءِ اسان ئي اڇي دڪان ڪڍيا. هنن کي ڪائڻ پيئڻ، پهرڻ ۽ هلڻ چلڻ جي بہ تميز نہ هئي. سڀ ڪجهہ اسان اڇي سيکارين. سڄي دبئي ۾ عرب مشڪل سان پنج سؤ ڪن ٿيندا، نہ تہ ٻيا اسان سڀ باهريان آهيون. نوڪري ۾ بہ اڪثريت

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اسان ٻاهرين جي آهي پر هاڻ جيئن جيئن هتي جا ماڻهو سڌرندا ۽ هوشيار ٿيندا وڃن ته اسان کي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا.“

هتي جي عربي زبان به اهڙي نج ۽ صاف ناهي جا سعودي عرب، مصر ۽ لبنان ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. اها عربي دراصل ڏاڍي مڻي ۽ نرم آهي پر هتي جي عجيب گاڏڙ ساڏڙ ۽ کهري ٿون جي آهي.

دبئي Custom-Free بندرگاهه آهي سو هر ٻاهرين شيءِ سستي ملي ٿي. ٻاهران ڏسبو ته تمام معمولي دڪان هوندو، اندر قيمتي شين سان ٽپاٽپ پريو پيو هوندو. دنيا جي هر ملڪ جي شيءِ جهڙوڪ واڇون، ريڊيا، ٽرانسسٽر، ٽيپ رڪارڊر، ڪپڙا توهان کي تمام سستي اگهه تي ملندا. هتي جنهن شيءِ جي سخت کوٽ آهي سو آهي پاڻي. جتي ٿا غريب پاڻيءَ لاءِ کوهه کوٽين ته تيل نڪريو اڇي. پاڻيءَ جي قلت ۽ بيابان ڪري پوک به ڪانه ٿئي. ان ڪري کاڌي پيتي جون شيون تمام مهانگيون آهن. گوشت انين ريالين سير يعني پنهنجا ويهه رپيا ڪن يعني ڪراچيءَ کان به ٻيڻو مهانگو ٿيو. معمولي ننڍو ڪيڪ يا بسڪٽ، جو پاڻ وٽ ٻي آني ملي هتي اڍ ريال. ميوو ته حد کان وڌيڪ مهانگو آهي جو اهو لبنان کان اڇي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو اسان رستي تي ممباسا ۾ ترسي کاڌي پيتي جو سامان اڳتي جي مسافريءَ لاءِ کڻي آيا آهيون ۽ پاڻي پيڻ.

دبئي کان علاوه دنيا ۾ ٻيا به ڪيترائي ”فري پورٽ“ آهن جتي شيون ٽئڪس فري آهن. جهڙوڪ: دوحا، ڪولمبو، لاس پاماس، سنگاپور وغيره. توهان اهو سوچيو ته جيڪر اسان وٽ به ڪراچي فري پورٽ هجي ته فائدو رهي ۽ هر فارين شيءِ سستي ملي. پر فري پورٽ اهو ملڪ ناهي سگهي ٿو جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي صنعت نه هجي. اسان جيڪڏهن ڪراچي کي فري پورٽ ناهيندا سين ته ملڪ لاءِ نقصانڪار ٿي پوندو ڇو جو هر کو ڏارئين ملڪ جا ڪپڙا پائڻ شروع ڪندو ۽ پنهنجي ملڪ جو ڪپڙو کو ڪونه ونندو. اهڙي نموني سان ٻيون شيون پڻ. نتيجو اهو نڪرندو جو اسان جا ڪارخانا بند ٿي ويندا، ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ بيروزگار ٿي ويندا ۽ وڏي ڳالهه ته ٻاهريون زرمبادلو ڪمائڻ بدران ڏيڻو پوندو. اسان کي دراصل چيني ماڻهن مان سبق حاصل ڪرڻ کپي. چين ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بوسڪي، شنگهائي سلڪ ۽ ٻيو دنيا جو بهترين ڪپڙو نهي ٿو پر اتي جي هڪ ٻ ماڻهوءَ کي قيمتي ڪپڙو اوڍيندي نہ ڏٺوسين. هو سي ٻين ملڪن کي وڪٽي ٻاهرين ملڪن جو پئسو ڪمائين ۽ پاڻ مرد توڙي عورتون خاڪي، مليشيا يا ڪڏڻ جا سستا ۽ سادا ڪپڑا ڏيکين. اڄ ڏٺو تہ ڪيتري نہ ٿوري عرصي ۾ چين سپني کان گوءِ ڪٽي ويو آهي. دراصل ڪنهن ٻ ملڪ جي طاقت جو اندازو ان ملڪ جي ماڻهن جي ڪپڙي يا عيش عشرت مان نٿو لڳائي سگهجي. ان ئي ڳالهہ کي مدنظر رکندي پاڪستان ٻ اڇلهہ اوچو ڪپڙو، اوچي قسم جا چانور، ڪپهہ ۽ ڪٽڪ ٻاهرين ملڪن کي وڪٽي رهيو آهي. اسان جيڪڏهن اوچو نہ ڏيکيو تہ ڇا ٿي پيو. اسان کي ان کان وڌيڪ دوائن جي ضرورت آهي، مشينن جي ضرورت آهي، جنهن ذريعي هن کان ٻ وڌيڪ اناج اپائي سگهون. ڇا ٿي پيو اگر اسان ڪجهہ سالن لاءِ ڪٽي سادا چانور کاڌا. ڇا ٿي پيو اگر اسان پنهنجي ملڪ جا تيار ٿيل ڪپڑا ڏڪي، ڏارين اوچن ڪپڑن پهرڻ کان گريز ڪئي. دنيا جو ڪوبہ سمجهو ماڻهو اسان کي، اسان جي ان عمل تي 'پنتي پيل' نہ سڏيندو، ملڪ ۽ قوم جي ترقي لاءِ تہ ان کان ٻ وڌيڪ قربانيون ڏيڻيون پون ٿيون.

هڪ عرب جي ڪپڑي جي دڪان تي چڑهيس. پتلون لاءِ مونکي ڪپڑو ٿي ڪتو. دڪاندار کي اها بلڪل خبر نہ هئي تہ آءٌ پاڪستاني آهيان. ڳولي هڪ ڪپڑي جي لاءِ اڳهہ پڇيم. اڳهہ تمام گهٽو ٻڌايائين. پر ڪپڑو ٻ اهڙو عمدو هو. سوچي رهيو هوس تہ ونان يا نہ، تہ دڪاندار چيو، "سائين پاڪستاني ڪپڑو آهي، فلاڻي مل جي ڏسو ڇاپ ٻ لڳي پئي اٿس. قيمت گهٽي آهي تہ ڪپڑو ٻ تہ بهترين آهي. گئرنٽي ٿو ڏيانوَ."

پنهنجي ملڪ جي ڪپڑي جي ڏارئين جي واتان تعريف ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيس. پڇيومانس تہ ٻيو ڪهڑو پاڪستاني ڪپڑو اٿئي؟ سچ پچو تہ مون کي ڏسي تعجب لڳو تہ اهو اهو مردانو ۽ زنانو ڪپڑو، جنهن کي آءٌ جپاني ۽ آمريڪي سمجهي وينو هوس سو پاڪستاني نڪتو.

ساڳئي قسم جو واقعو هڪ ٻئي هنڌ ٻ درپيش آيو. رات جو "جهميرا سئنيما" تان فلم ڏسي موٽيا هئاسين. هوٽلون بند ٿي چڪيون هيون. بک ٻ ڏاڍي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

لڳي هئي. ڳولي ڳولي 'ابرا' وٽ هڪ ننڍي هوٽل ڪليل ڏٺيسين. پر ان هوٽل جي حالت ڏسي اسان مان هڪ چيو ته هتي ڪهڙو ڪاڏو هوندو. هوٽل جي ٻئري کو ٻڌي ورتو. تنهن يڪدم چيو: "سائين اسان وٽ سڀ خالص شيءِ آهي. پاڪستاني باسمتي چانور ۽ گيهه استعمال ٿيندو آهي." اهو ٻڌي مون ڄاڻي ٻُجهي پڇيومانس، "ميان پاڪستاني چانور سنا ٿيندا آهن چا؟" چيائين توهان شايد ڪنهن ٻئي ملڪ جا ٿا ڏسجو. هڪ دفعو ڪائي ته ڏسو. اڙ رڌيل چانورن مان به توهان کي خوشبوءِ ايندي. ڪانئس سندس ملڪ پڇڻ تي معلوم ٿيو ته پاڻ هندستان جو هو. هندستان جهڙي ملڪ جو ڪو اسان جي ملڪ جي ڪنهن شيءِ جي تعريف ڪري ته ان تعريف کان وڌيڪ ئي سمجهجي. پر اسان جي بدقسمتي ڏسو هر خراب شيءِ کي ديسي (يعني پنهنجي ملڪ جي) سڏينداسين، پوءِ چاهي اها شيءِ ڪنهن ڌارئين ملڪ جي هجي ۽ هر سني شيءِ کي ولائتي سڏينداسين، پوءِ چاهي ڪٽي پاڪستاني هجي.

ڪنڊ اڇڪلهه پاڪستان ۾ اعليٰ درجي جي نهي ٿي، جيڪا روس، رومانيا، بلغاريا ۽ يورپ جي ٻين ڪيترن ملڪن ۾ موڪلي وجي ٿي. پر ان ڪنڊ کي اسان وٽ ولايتي سڏيو وجي ٿو. اسان وٽ ڪيترائي ماڻهو ملندا جيڪي جنهن تي به ولائتي ڇاپ ڏسندا ته بس ان تي وشواس ڪري اها خريد ڪندا. چاهي ان کان بهترين 'پاڪستاني' شيءِ بازار ۾ موجود هجي. ڪيترن ماڻهن جي ڊڪشنريءَ ۾ لفظ 'ديسي' جي معنيٰ 'خراب' ۽ ولائتي جي معنيٰ 'سني' بڻجي چڪي آهي. ذرا ترقي يافته ملڪن جي ماڻهن کي ڏسو ڪيترا اهڙا آهن جو پنهنجو ملڪ ڇڏي ڌارين ملڪ ۾ ويندا ته اتي به پچائي پچائي پنهنجي ملڪ جي شيءِ وڻندا. ڪير چاهي تازو ملندو هجي ته به پنهنجي ملڪ جا مهينن جا مهينا بند ٽيل ڪير جا ڊبا وڻندا.

ڪراچي ۾ هڪ انگريز فئملي کي سجاڻان، اهي ته ايتريقدر جو لوڻ به پنهنجي ملڪ جو بند ٽيل ڊبي جي صورت ۾ وڻن. اسان جي ملڪ جا وري کي اهڙا بيوقوف جو انگريزن کي ائين ڪندو ڏسي ۽ پاڻ کي به انگريز ۽ وڏو ماڻهو سڏائڻ لاءِ (بقول يوگوسلاويا جي هڪ چوٽي مطابق) اهو ئي خريد ڪندا جنهن تي

انگلستان جي مهر لڳل هجي. اهو نہ ڏسندا تہ انگريز اها شيءِ خريد ڪئي تہ ان ۾ سنائي يا برائي جو گهٽ پر خريد ڪرڻ واري جي قرباني ۽ ملڪي شيءِ فروخت لاءِ همٿ افزائيءَ جو جذبو وڌيڪ سمايل آهي. اسان کي بہ دراصل ان جذبي جو نقل ڪري پنهنجي ملڪ جي شين جي استعمال ۾ حصو وٺڻ کپي. هڪ روسيءَ کي هڪ آمريڪيءَ چيو تہ: "ڪمال آهي توهان جي ملڪ ۾ تہ ماڻهن کي بلڪل ئي آزادي ناهي. ذرا اسان کي ڏس وچ رستي تي بيهي نڪسن ۽ ڪينڊي کي بہ گاريون ڏئي سگهون ٿا." روسي نهہ پهہ جواب ڏنس تہ، "ان ۾ چا آهي؟ اسان بہ وچ رستي تي بيهي گاريون ڏئي سگهون ٿا، نڪسن ۽ ڪينڊيءَ کي." ساڳئي وقت ڪو انگريزن جي برابري ڪرڻ لاءِ چوي تہ آڻ بہ انگريزن وانگر اهي شيون خريد ڪو ڪريان تہ سراسر بيوقوفي آهي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ انگريز اڄڪلهہ دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ ترقي يافتہ آهن، ان جو نجو سبب آهي سندن چند سٺيون عادتون. جهڙوڪ: ايمانداري، محنت، پورهئي ۾ سچائي وغيره. منجهن ڪجهہ خراب بہ عادتون آهن، جن لاءِ هنن کي خود بہ اعتراف آهي، جهڙوڪ: شراب پيئڻ، سگريٽ چڪڻ وغيره. انهن کي هو خراب سمجهن ٿا. ايتريقدر جو دنيا جو مشهور رسالو "ريڊرس ڊائجسٽ" هميشہ سگريٽ نوشيءَ جي خلاف مضمون ڏيندو آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ سگريٽ جو اشتهار نہ ڏنو اٿس. ذرا اسان وٽ ڏسو. انگريزن سان ڪلهو هڻڻ لاءِ اسان هنن جي سٺين عادتن تي عمل نہ ڪنداسين. پر پاڻ کي هنن جهڙو بنائڻ لاءِ هنن جي خراب ڳالهين تي عمل ڪنداسين. ننڍو ڪلارڪ، گهر ۾ اري ڏياري ڪري پنهنجي ٻين تي برتري ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ ڪان هڪ مهانگو انگريزي يا آمريڪي سگريٽ چڪيندو. مونکي ڪيترائي شاگرد، خاص ڪري پروفيشنل ڪالیجن (ميڊيڪل، انجنيئرنگ) جا، جي جيتوڻيڪ غريب مائٽن جو اولاد هوندا، مائٽ بکون ڪاٽي کين پئسا موڪليندا هوندا، پر هو ٻين تي ڏلهي آڪڙ ۽ وڏائي ڏيکارڻ خاطر شراب پيئندا ۽ اهڙي بچڑائيءَ جو ذڪر وڏي فخر سان دوستن سان محفلن ۾ ڪندا، يا خاص ڪري جڏهن پنهنجو ملڪ ڇڏي ولايت پڙهڻ يا نوڪري خاطر ايندا، تہ پاڻ کي انگريز يا آمريڪي سمجهڻ خاطر شراب ۽ ٻين اهڙين شين

جو استعمال عام ڪندا. اسان کي گهرجي ته ترقي يافته ملڪن سان ڪلهوملائڻ خاطر سندن سنين ڳالهين جو نقل ڪريون. ان بابت تفصيل سان بلغاريا ۽ رومانيا وارن خطن ۾ لکي چڪو آهيان. وڌيڪ لکڻ مناسب نه ٿو سمجهان، ان ڪري هتي دبئي جون خبرون ٿو لکان.

هتي تيل ملڻ ڪري پيٽرول ۽ ان سان وابسته شيون تمام سستيون آهن. پيٽرول ڏهين آني في گئلن آهي. ان ڪري هرهڪ کي وڏيون آرامده ڪارون آهن. نندي ڪار ڪا ورلي نظر ايندي. بندرگاهه وٽ سمنڊ گهرو ناهي ان ڪري وڏا جهاز بندرگاهه کان ٽي چار ميل پري ڪلئي سمنڊ (اونهي سمنڊ) ۾ بيهن. اسان جو جهاز به گهٽو ٻاهر بينو آهي. اندر اچڻو هوندو اٽئون ته هتي جي لانچن ۾ ايندا آهيون يا پنهنجي جهاز جي لانچ لاهي ايندا آهيون. سمنڊُ ڪناري وٽ اچي سنهو ڪئنال ٺاهي ٿو جو اندر ڪافي هليو وڃي ٿو. ان ڪئنال جي ساڄي پاسي 'ديرا' شهر آهي ۽ کاٻي پاسي 'دبئي' ۽ 'جهميرا' آهي. دبئي ذرا ديرا کان پراڻو ۽ وڏو شهر آهي. هتي سئنيمائون تمام ٿوريون آهن. جن ۾ فقط هڪ شو سمهڻيءَ جي نماز کان پوءِ تقريباً نائين بجي ٿئي. ان ۾ گهٽو ڪري هندستاني فلمون يا پاڪستاني پنجابي فلمون هلن ٿيون. ٽي سگهي ٿو ته اڳتي هلي هي تيل جو پئسو پاڻ ملهائي ۽ بندرگاهه، رستا، اسڪول، اسپتالون ۽ سئنيمائون ٺهي پون. هتي پاڪستاني ريڊيو اسٽيشنون چٽيون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. سو سڄو ڏينهن اڙدو گانن جي ڏم هوندي آهي، ورلي ڪٽان ڪو عربي راڳ جو آواز ايندو. دبئي شهر کان چار پنج ميل پري هڪ ننڍڙو ڳوٺ 'سنڊي ڳوٺ' نالي مشهور آهي، جتي سنڊ جي ڪوهستان علائقي جا ماڻهو رهن، جن جو سفر گذر مال تي آهي. بهرحال هتي ڪو پاڪستاني اچي اجنبيت هرگز محسوس نه ڪندو. زبان ساڳي، لباس ساڳيو ۽ ماڻهو ساڳيا.

ملڪ جو قاعدو قانون ۽ نگهباني برٽش حڪومت جي هٿ ۾ آهي ۽ فوج به ان جي مقرر ڪيل آهي. پر هاڻ سگهوئي، 1970ع ڏاري برٽش وارا لڏڻ جو ارادو رکن ٿا ۽ هتي جي رهاڪن کي خود پنهنجي ملڪ ۽ حڪومت جي نگهباني ڪرڻي پوندي. ان ڳالهه کي مدنظر رکي هينئر هتي جي پنهنجي فوج ٺهي رهي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آهي، جنهن ۾ گهٽائي پاڪستانين جي آهي. ان کان علاوه خيال آهي ته هر قسم جي وڌيڪ مدد پڻ پاڪستان ڏيندو.

چگو هاڻ، الله توآهر
تنهنجو پنهنجو
ـ الطاف

پيروڻيو

الطاف شيخ

مئرين انجنيئر

Altafshaikh2004@yahoo.co.uk

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ